# سنگرام

## ڪھاڻيون

## بادل جمالي

منصور پبليڪيشن جو ويهون ڪتاب

# سنگرام

(۴ ويهون ڪهاڻيون)

بادل جمالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالو ڪتاب جو : سنگرام
مصنف : بادل جمالي
ڇاپو : پهريون
سال : جولاء ١٩٨٧ع
تعداد : هڪ هزار
ڇپائيندڙ : محمد دائود بلوچ
ادارو : منصور پبليڪيشن
حيدرآباد سنڌ
ڇپيندڙ : ايم خان پرنٽنگ پريس،
گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ
ٽائيٽل : بادل جمالي
قيمت : پنجويهہ رپيا

پتو : منصور پبليڪيشن
نزد قاضي عبدالقيوم اسڪول، ميمڻ محلو، حيدرآباد سنڌ
پاران : ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

SANGRAM (Sindhi Short Stories)
BADAL JAMALI
First Edition July 1987
Printed by mohammed Daud Baloch From
Mansoor Publication.
Near Qazi Abdul Qayoom School Memon
Muhala Hyderabad.
Price 25/only
Digitized by
M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

مون تنهنجي پوريءَ جا ڪيئي روپ ڏٺا آهن. ڪڏهن روڊن تي پٿر ڪُٽيندي، ڪڏهن ٻَنيءَ جون پڪل سرون مٿي تي کڻي، اوچين عمارتن جي ڏاڪڻين تان چڙهندي لهندي. تهه سياري ۾ به، ته ٽڙهي آس ۾ به.... اڄ وري ٽوڪي ڏٺم روڊ تي. اڳيئي سانجهي ڪم شروع ٿي چڪو هو. مشينن جا ڌڌڪا لڳا پيا هئا. روڊ جي ڪناري ڏامر جا ڪارا ڊرم، باهه تي ٻڙڪي رهيا هئا. پاسي ۾ پيل ريتيءَ جي ڍير مان تون، سرتين سان گڏ، ڇلڙون کڻي، هاريل ڏامر مٿان ڇٽي رهي هئينءَ. ڦٽل روڊ ٺهي رهيو هو.

روڊ جي ڪناري ماڻهن جا هشام، لڪاءُ ڏسڻ لاءِ بيٺا هئا. ڪن تنهنجي ويڪري چولي ۾ گهتون هڻندڙ ڇاتين ڏانهن ٿي گُهوريو، ته ڪن تنهنجي ڇپن تي نچندڙ ٻُولي ۽ ڪنن ۾ جهومندڙ نقلي ايرنگن کي پئي ڏٺو. پر مون، سڀني کان پري رهي بيهي، تنهنجي سانوري مک تي تري آيل، پگهرجي ڦڙن کي پئي ڏٺو، جيڪي سياري جي ولهه ۾ به جُونءَ جي ڏاڪ منجهند جي ياد ڏياري رهيا هئا. ان سان گڏ، تنهنجي ڦڙتيءَ ۽ ڪمال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين ٽهي جي نوجوان ليکڪ

# شعبان وسطڙو

جي ڇهه ۽ اڻ ڇهه ڪهاڻين جو مجموعو

# جيون جا نه وسرندڙ لمحا

جنهن ۾ هي ڪهاڻيون شامل آهن.


١- جيون پل جون ٽڪل وکون.
٢- ٿوهر سمان زهريلو وجود.
٣- انسانيت جو موت.
٤- آخري پاڇا.
٥- من جي ڏارا ٽڪرا ٽڪرا.
٦- آڪاش تي چانڊيل ڏند.
٧- دک، پيڙا ۽ پولار.
٨- مک تي سجايل مرڪ.
٩- پلصراط جي لڪل ڏند.
١٠- جيون جا نه وسرندڙ لمحا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪهاڻيون


| | |
|---|---|
| ١- ڀورو ڪلاڻي | ٩ |
| ٢- نباهه | ٣٤ |
| ٣- جيون جي زنجير ۾ جڪڙيل هڪ شخص | ٦٤ |
| ٤- سمنڊ تي وسندڙ ڪڪريءَ ۾ ڪٽيل اکيون | ٨٢ |
| ٥- سڪون جي تلاش | ٩٨ |
| ٦- ويچارو انسان | ١٢٥ |
| ٧- گهگهه اونداهيءَ ۾ ڪسجي ويل ٽارچ | ١٤٨ |
| ٨- نوابي | ١٥٦ |
| ٩- خواب ٽٽا نيڻن ۾ ماڻهن | ١٧٢ |
| ١٠- سنگرام | ١٩٠ |
| ١١- هلندي هلندي | ١٩٧ |
| ١٢- هو، جيڪو سڌري نه سگهيو | ٢٢٢ |
| ١٣- ڪٽيرو | ٢٤٥ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڀورو گلاڙي

پڪي سومهڻيءَ جي مهل هئي. چئن کٽن جي وچ ۾ مچ پئي ٻريو. همراهه اجرڪون ۽ کٿا ويڙهيو، کٽن تي ويٺا هئا. مچ کان ٿورو پريرو، چانهه جي ڪاري ڪِٽلي ۽ ديسي چينيءَ جا ڪوپ ساسر پيا هئا، ۽ انهن جي ڀر ۾ منجيءَ تي، پاڙيءَ جو دلو رکيل هو. ڀت ۾ لڳل ڪاٺ جي ڪلي ۾ گاسليٽ واري بتي ٽمڪي پئي— چانهه جي نشي، مچ جي سيڪ ۽ ڪچهري جي مزي همراهن کي ريجهائي وڌو.

آهستي آهستي پري کان اُٺن جا ڇڙا ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا... رات جي سانت ۾، ڇڙن جي لئه تي ڪو جت، پٽاڙيءَ جي ڪافي ڳائيندو پئي آيو— ويٺل مڙس ماٺ ٿي ڪنائڻ لڳا. وليءَ ٻاهر نڪري آواز سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي:

”ڇڙا ته خانو سنجراڻيءَ جا ٿا لڳن.“

”خانوءَ جو ساهه ٿو لڪيءَ ۾ پهچي، هو ٿو ايڏو زور سان ڳائي.“ لال بخش، وليءَ جي راءِ کي رد ڪندي چيو— لمحي لاءِ ماٺ ڇانئجي ويئي.

”ڀانيان ٿو موسو زرداري آهي.“ لال بخش ڏڪو هنيو.

”آئون پاڻ ائين ٿو شڪجان.“ نبن سندس ها ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن ڪوڏن آئن سان ٻيڻو هو. ٻئي اٿ جهاڳن جهوڙن، موڙن ۽ ڪوڏن سان، سينگاريل گهوڙن جيان ٻئي لڳا.
لال بخش وڏي ڀوري کي پاڪر پائي، ڏوراپو ڏنو:
"واه ڀورل واه. ابڊيون جدايون ڪيئون آهن."
"بس چاچا- بکئي ڀيٽ لاء انئي پهر هڪ هٽان ۾ لڳو پيو آهيان. تيم ملي ٿي ڪونه تو جو اچجي."
"اي تيم وري چا جو. روز روز تو کي توروڏي ٿا چئون ته اچ. مڙيئي مهيني ٻئي- ديدارڙو ته ڪرائيندو ڪر." هو ٻئي هٿ، هٿ ۾ ڏيئي. اندر مچ ڏي وڌڻ لڳا. ولهه اٿ ڪاهي، سامهون سرينهن جي وڻ هيٺ وڇي هشايا.
"نبن وارو ڪر پٽ، ادي لاء گهران ماني کڻي اچ- ۽ هند ٻه کٽايو اچجان.... ۽ ٻڌ- موٽندي شهمير کي سڏ ڪري- ٻه ٻڙيون چانهن جون ۽ اڌ پاءُ کنڊ ونيو اچجان. شابس پٽ- سلٽ ڪري وٺ." نبن کي روانو ڪري، لال بخش لڙبو ڀوري ڏي. خوش خير عافيت کان پوء پڇيائين:
"پلا- خبرون چارون ته ٻڌاء، اچ ڪيئن هيڏانهن پلجي پيو آهين؟"
"خبرون خير جون، ڏينهن آهن ڪمن جا، چئن ڪوڏين لاء هرڪو ويٺو سور پٽي.... اهي ڏاڪها، اهو آڏون. انئي پهر وٺ وٺان لڳي پيئي آهي: مٿي ڪنهن جي وار ٻه ڪانه ٿي ملي- تن چئن ڏينهن کان، رمضان پاڻوجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سا ڳيا؟ کهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين چاچا! اسان وٽ آهي چل ڀل جو مڪان. هڪڙا اچن، ٻيا وڃن اجان هفتو به ڪونه ٿيو جو نوح پوڙهن مان ڪنوات آندو اٿم، جهڙو ڳڏو ڏسنديون.“

”مٿان اهو ڳلو حاجائي وارو ته ڪونهي، جيڪو هوتن کي ڏنو هٿائين؟“

”نڪو- هي نئين سو ڪڙي آهي. اڳي پنهنجي ڌر ۾ آيو ئي ڪونه. ڪنوات ته حاجائي وارو به ٺاهوڪو هو، پر سائين، هن جي بات ئي ٻي آهي.“

”ولهه اها ٻتي ڪڍ ته ڏسون پٽاري ڪي.“

”هينئر ڏسڻ ۾ ڪهڙو مزو ايندئي. ڏينهن جو نڪي ڏوڪي ڏسبنس- ته چڱي مٿي جي به خبر پويئي.“

”يار- ڳالهيون ته ڪهڙيون ٿو ڪرين. هينئر نه ڏسانس ته صبح ڌائين هوند سودا ئي وڃيم.“ ولهه ٻتي ڪڍي اڳيان ٿيو- لال بخش ۽ پورو، سندس پٺيان هلڻ لڳا.

”ٻتي ڏي مون کي، تون ڪنوات کي اٿاري، ٿورو اڳيان چڪ ته ڏسون پٽاري ڪي.“ ولهه ڪنوات کي چڪي سرينهن کان ٻاهر جهليو: لال بخش ٻتي مٿي ڪري، ڪنوات جي منهن ڏي ڏسندي ئي ونجي ويو.

”واه وا! ڌنگ ڌريا پيا آهن.“ قري- آڳ پٺ ڏسندي پڇيائين:

”ڏنديون ڪيٽن آهي؟“

”مهشو مڙو آهي. ڏند ته مون به ڪونه ڏٺامانس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هوندو ”چٽ“ نه ته به ڪٿي ”دوڪ“ هوندو، ڪو ڪراڙو ٿورڙي آهي.“

لال بخش اکيان پويان ڦرندي، ڪنوات مان پنهنجي ليکي ڪو ’عيب‘ ڪڍڻ پئي چاهيو، جيڪو خدا هن کي ڏنوئي ڪونه هو.

”گهمي ڦري ڏسينس چاچا. تون به وينجهار آهين، سربلا اٿ ڏاريا اٿئي - پر هيءُ به عطر جو ڀڙو اٿئي. ڪنين، وڙين، وجهين، ڀريون، نريون، گوڏا، ڪوڙي. هڪڙو هڪڙو عضوو ڪري ڏسينس.... جيترو گهڻو ڏسنديس اوترو وڌيڪ وڻندئي. ڪنوات ناهي، دشمن کي جوهه ڏي گار آهي!“

”بيشڪ پيارو ويهن ۾ ايڪيهون آهي.“ لال بخش به ڦاٽ ڪاڍو.

”اڙون به وڏو ناسوري آهيان چاچا، ڏهه اکيون ڪيو پيو هلان - پر پنهنجي پٽ ۾ مون کي ته هڙو پيو ڪونه سجهي.... قطار ۾ بيٺو هوندو ته ڪاريهر وانگر ڪڍيو بيٺو هوندو.“

”پنڌڙا اٿس ڪي؟“ لال بخش هرکندي پڇيو.

”هاه هاه! پاڪڙو رکي يا اِندو بڌي، مهارون چڪي، هڪل ڪٿي ڪرينس ته منڊي ورائي، هنج ۾ آڻي ڏيندئي. پوءِ ويهي ڏس ڍائيءَ جا رنگ. جهڙي ريفل جي گولي ڇٽي ويئي! پنڌ به سربلا، اڏين نه جو پيٽ کي سندرو ٻڌي ويهجي.... سهنجو وري ايڏو، ڇڻ پلنگ تي ويٺو

آهون. ڪير جي ڇوڪري ٽريءَ تي رکيو وڃ، حرام جو ڪٿي ڦڙو هار جي."

"ٻار ڏار جو ڪيئن آهي؟" لال بخش پنهنجي مطلب جي ڳالهه ڪئي.

"اصل ڳالهه نه پڇ چاچا .... ڪچڙو آهي، باقي رڪ جو ڍهيل اٿئي. اڄ به ڇانورن جي ڇوڪري ڪٿي آيو. خدا ۾ پت ڪرين ته چمڪهيائين به ڪونه. سچي وات اوڳاريندو آيو."

"اهڙو ظلم نه ڪر ابا. اڃان ٻڌارو ڪچو آهي. خدا خير ڪري، ڪو لوڏو نه اچي وڃيس." لال بخش ڪنوات جي ڳچيءَ تي ٻاٻوه سان ٿپڪي ڏيندي چيو.

"ولـﻊ هاڻي وبهار وڃي ٻڌاري ڪي، ٻيو ڪاهي اڄ ته ان جو به ديدارڙو ڪري ڇڏيون."

"آڏون تـو ڪاهي اڄانس چاچا .... اهـو آهي مون وانگر بخيل، ڪڏهن ڪڏهن جهٽ اهـو تو هٿي، دو رب ڏي پناهه." پورو آٿ ڪاهي آيو، جيڪو نري جيڏو ٿارون ڪيڏيو، سانوڻ جي ڏوڏن ڪڪرن جيان گجگوڙ ڪندو، ڳڦ وهائي رهيو هو. هو اهڙوڏي خوفناڪ ڏاڍو پئي لڳو، جيڪي اڪثر ڪري ننڍن ٻارن کي خواب ۾ عزرائيل بڻجي ڊيڄاريندا آهن! ڪيس ريجهائڻ خاطر، پورو سندس مٿي تي مٺا مٺا هٿ ڦيرائڻ لڳو. لال بخش ٻتي ڪئي، ان جي منهن ڏي ڏسندي ٿي رڙ ڪئي.

"هي ته ڪراڙو آهي!"

”نہ چاچا، اُئين نہ چؤ. هي بہ شيءِ اٿئي. باقي سائين ضدي اهڙو، جو شل نہ پنهنجيءَ تي اچي، پوءِ پلي کڻي ڇڏينس، مڙندو ڪونہ ــ لاٽي ڇناياٺين تہ ڇمر هڻيومانس. اهو بہ ڇناياٺين تہ هڏ تري هڻئي مانس. اڃان بہ سٺون اهي ٿو ڏي، جو پاڻهُ تہ اها بہ ڪانہ جهليندس.... پر بار جو جهڙو پيڙو! سچو ڳوٺ ڪٺي مٿان رکي ڇڏينس.... مون تہ نالوئي پيرو ديو رکيومانس!“

”جهوڪ پوڪ تہ ڪونہ ٿو ڏئي؟“

”جهوڪ ڏي تہ سير وهائي ڪٽن کي ڏيئي ڇڏيانس ... خدا اهو ڏينهن نہ ڪري، جو پورو ڪوڙي ماڻهو ڪوڙي اٺ کي پسند ڪري. هينئر تہ ويچارو مست آهي، اٿئي پهر پانوسي ڳهوڙا لڳي پئي اٿس. ڏسين نہ تو تہ سڪي ڏوڏ تي ويو آهي.“

”پوءِ پلا ڪهڙي صلاح اٿئي ــ ڏينديس؟“

”نہ چاچا. هي تنهنجي وجهہ جو ڪونهي، وڙهي ٿو ڪٺو. مٿان پيريءَ ۾ ڪو لوڏو اچي وجهئي، پوءِ ويٺو ڳاريون ڏين مونکي.“

”ڇگو پلا ڪٺوات ڏي مونکي. پر مٺلهہ ايترو پڌاءِ، جو آئون ڏيئي بہ سگهان.“

”هڙين سو ڪڙيـن جو ملهہ نـہ هوندو آهي چاچا، مٺائي هوندي آهي ــ تون بہ خفتي آهين، شيءِ جو قدر اٿئي. نہ ڏنو هوندئي هڙو.... اسان جو مال سدائين دڪي تي آهي، ڪير ڪاهي ويندس. تـو جهڙي جوان وٽ

هوندو ته نهندو پيو.... پئسن ڏي نه ڏس لال بشڪ، سوڪڙي ٽئي سوڪڙي!" پوري ڪنهن جهوني چترڪار جيان پنهنجيءَ شيءِ جون خوبيون اهڙي ته انداز ۾ بيان ڪيون، جو لال بخش سچ پچ هرڪجي پيو. هو ڪنوات جي قيمت ڀڏڻ لاءِ آتو هو.

"سوڪڙي ته برابر آهي، پر ڪو ملهه ته ڀڏينس."

"توکان نفعو حرام آهي ٻيو چا ڪريان."

"نڌهن ٻه..."

"پنجن ۾ پلئه پيو اٿم."

"پاڻ کان زور آهي."

"ملهه تو پڇين ته اهو اٿس، باقي سنگت ۾ سر به حاضر آهي. ڪنوات ڪاهي وج، گلائي توکان ڏوڪڙ گهرڻ ڪونه ايندو.... پورو انهيءَ ٻج مان ڏي ڪونهي، جو تو جهڙن يارن سان ويهي ليکا ڪري."

"نه ابا نه. الله ڏي پناه. تون پاڻ ٻچڙيوال ماڙهو آهين، تنهنجن ٻچن جو گراه کسي پنهنجو پيٽ ڪونه ڀريندس. باقي وهنوار ۾ چار ڏوڪڙ توکان چڏائڻ بي ڳالهه آهي– هاڻي هيئن ڪر، مون کان وٽ رهين جا ساڍا چار هزار.... وڌيڪ نه ڳالهاءِ، بسم الله ڪري واڪ ڏي."

"لال بشڪ خان، انصاف ڪونه ڪيئي.... چڪائي تو وٺين ته ملهه پورو ڏي. جي ڏوڪڙ هٿ ۾ نه اٿئي ته پرواه ناهي، پوءِ پيو ڏجان."

"هٿ ۾ هر گنج لڳا پيا آهن، تون رڳو ها ڪر-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪنديءَ ۾ ٻه سادا چار هزار ٿورا ڪونهي پورل.... ڪنوات مرپلو بيشڪ آهي، پر اڃان ڪچو آهي. چار هزار سادا ٻه ڪا رقم آهي!"

"رقم ته برابر آهي چاچا، پر اڳيان ٻه اٺ جو ٻچو آهي، ڳڏهه، جو ڪودو ڪونهي.... مڙس ماڻهو ٿي لڏينس، ڇهين مهيني مور نه ڪڏي نه ڏني هٿ نه ڏجان."

"ٺهيو، انهيءَ ڳالهه کي پوءِ ٿا ڏسون، ماني اچي ويئي، بسم الله ڪري پهرين ماني کائي وٺ- نبن پٽ، اهي ڪوپ ڪٽليون ڌوئي، چانهه ته ڪاڙهي وٺ."

"بابا، شهمير چيو ته ڪنبد ڪانهي، اڌ پاءُ ڳڙ وٺي آيس."

"چڱي پوءِ س، ڪنبد کي ٻه هينئر ئي ڪٽو هو.... شل نه خبر پوين ته ڪو ڪاشو مزمان آيو آهي. هڪ نه ٻي شيءِ اصل هوندي ئي ڪانه.... چڱو نبن، گهر ڏي وڃي ڏس من ڪا ڪنبد جي چپٽي پئي هجي."

"ٺهيو چاچا نبن کي هر هر تڪليف نه ڏي. ڳڙ سان ٻه ڪم ٿيي ويندو- چانهن جو موالي ڪونه آهيان، مڙيئي سيءُ ۾ نڙي ڪوسي ڪرڻي ٿي پيو."

"پوري کي ڳراهه چٻاڙيندي ڇڙ ڪا وسريل ڳالهه ياد اچي ويئي:

"لال بشڪ ٻـي ته خبر ڏي، نـوري مـرهيات جي پٽ جو آهي ڪو حال ڪي...."

"چوڪرو مڙس ماڻهو آهي، پر هيل ويچارو ٿڪي پيو."

"خير تيس؟" پـورو لال بخش ڏي وضاحت طلب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪيڙي ڪي، وڏل شاه جي خط ڪي، مونکي...."
لال بخش ڳالھہ جي وزن کان ڪيس واقف ڪيو.

"ڪالھ اھو صالح ٽلھي وارو پٽ نہ؟"

"ھائو ھائو."

"اھو اھڙو ڏاڍو مڙس ٿي ويو آھي، جو مڙني کي منھن ڪونہ ڏنائين؟"

"بس ابا، پڻس جي مرڻ ڪانپوءِ سڄي آڪ واڪ ھن جي ھٿ ۾ آھي. چئن کي ٻڌائي ٿو، چئن کي ڇڏائي ٿو. ٿاڻو سڄو پنھنجو ڪري ڇڏيو اٿس؛ چئي نٿو ڏي تہ اڳيان فرياد ٻڌي ڪونہ ٿا وٺن— وڏو پاٿاريدار آھي؛ ذات ڪاٺڪو سلامي ٿو ڀريس. چڱ مڙسي ڪانھي، لوفر پالتي آھي. اسان جو زور لڳي ڪونہ، سور پيٽو ويٺا آھيون."

"چئبو تہ ھمراه کي ٽيڪ ملي تہ ڦودني مان جافران ٿي پيو." ڪجھ گھڙين جي خاموشيءَ کان پوءِ لال بخش چيو:

"بس پورا خان، ڏاڍي جي لت کي ٻہ مٿا آھن."

"اھا ڳالھہ نہ ڪر لال بخش! گلو ڪارائي ڏاڍو ڪونھي؛ چؤ تہ مڙس ڪونہ ڪڏيو اٿس...." پوري پڙڪو ڪاڏو.

"ابا، انصاف ٿو ڪرين. ھي جن جا نالا ٻڌايا اٿمان ءِ، انھن کان وڌيڪ کھڙا مڙس ماڙھو ھوندا."

"اھي ھٿا وڏيرا ۽ پير، جن پنھنجو اثر آزمايو. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ اهي سڀ ڪوڙي ٽڪي وانگر بيڪار ٿي ويا آهن. اڄ هرڪو آپي خان آهي، چور کي چور منهن ڏيندو، ڪاموري کي ڪامورو پليندو. پڏئي؟.... ڇٽبو ته نوري ڪانپوءِ احمد ويچارو لوڏن ۾ اچي ويو. ڏک جهڙي ڳالهه آهي.... نبن، احمد کي ڇنڇان ته صبح جو مون سان ملي ته سهي...."

ڪچهري ڪندي ڪندي، همراهن جي اک لڳي ويئي، پر پورو پوءِ به هند تي ڦٽڪندو رهيو. سندس سوچن جو محور، نوري جو موپي پٽ احمد هو، جيڪو نندڙن ٻاڙن، ڀينرن ۽ ڪرازيءَ ماءُ جي پيٽ پرڻ خاطر تغاريون کڻي رهيو هو.... کيس ياد آيو ته هو جڏهن به پڏبو هو ته نورو مرهيات، گهر جا ٿپڙ نيلام ڪري، وڏيرن ۽ ڪامورن پنيان جتيون گسائي به، کيس آزاد ڪرائيندو هو. نورو ڪو چور ڌاڙيل ڪونه هو؛ هو ته، کيس ڪڏن ڪمن کان پاسو ڪرڻ جون هدايتون ڪندو هو. ڪڏهن ته ان ڳالهه تان ماٺس وڙهي، ڪاوڙجي، هليو به ويندو هو. ۽ وري به هن کي ڪا رهڙ ايندي هئي ته نورو پاٺمرادو پيڳو ايندو هو.... نوري جا ٿورا به ڪي لاهڻ جهڙا هئا! ۽ انهي ڏي نوري جو پٽ، اڄ تغاريون پيو کڻي ۽ هو پنڪي کي وڙي هنيو، شهپر وٽيو پيو هلي... حيف هجي اهڙي نٽ کي!

۽ پوءِ ائين لڳس، ڄڻ ڪو فيصلو ڪري ڇڏيائين،

ڪو بار دل تان لهي پيس- خاطري ڪري سمهي پيو....

اڻ ايريسي سان، وري ساڳيو مچ؛ ساڳيا همراه، ساڳي ڪچهري.... سچ ته ڪني ڪيڏي نه نبن ڏڌ جي چونري، مکڻ جي ڦٽي ۽ ٻه ٽي اڦراڻا ڪٽي، پوري کي نيرن ڪرائڻ آيو؛ ۽ احمد کي به وٺيو آيو- پوري ڏسڻ شرط ڪٽي ٻڪ وڌس. احمد جي وجود مان ڪيس نوري جي بوءِ اچڻ لڳي! دل جهوريو ڪاڍس. اڪيون ٻيڇڻ لڳس، پر سنڀالي ويو.... ڪچڙيءَ منجهند تائين ڪچهري ٿيندي رهي. ڪيڏي مهل پورو اٿيو، پٽي اٺ پلاڻي، تيار ڪري، مهارون اچي احمد کي هٿ ۾ ڏنائين.

”هي وٺ مهارون. ٻٽي اٺ وچي لڏ. آئون تو لڳان تنهنجي اٺ پويان؛ جي وراڻ ته تنهنجي شيءِ توکي ڏيٺي، پنهنجي شيءِ ڪاهي ويندس. جي نه وراڻي سگهيس، ته ٻٽي اٺ توکي حلال، مونکي حرام!“

سڀ همراه حيرت مان پوري کي ڏسڻ لڳا. احمد؛ بنا ڪجهه چوڻ جي ڪڏهن مهارن کي، ڪڏهن اڻن کي نه ڪڏهن پوري کي ڏسندو رهيو. ڪيس سمجهه ۾ نه پٽي آيو ته پوري، ائين چو ڪيو، ۽ هن جي جواب ۾ ڪيس ڇا چوڻ گهرجي.... لمحن جي خاموشيءَ ڪانپوءِ، ڏڪندڙ چپن سان چيائين:

”آئون.... آئون.... چاچا.... آئون تنهنجو ايڏو ٿورو ڪٽي ڪونه سگهندس. آئون گريب لڏو آهيان، ڏڪي

ڪن سان، پڪي جيڏي تجليدار ميرپوري کهاڙي هٿ ۾- شخصيت ۽ انفراديت جي ڪري ، جنهن ڪيرن جي مچرڪي ۾ وينل، ماس خور عقاب ! ڪنهن زماني ۾ پوري جو نالو پڌنديءَ ڇگن جا هٿ پير ٿري ويندا هئا....

”رئيس لال بخش ، خبرون چارون پڌاءِ، ڪوڻين اچڻ ٿيو ؟“ گلو خان ريوالور کي وهائي هيٺ لڪائيندي ، مثل آواز ۾ چيو. لال بخش جهيڻي ۽ پڌل آواز ۾ گذريل قصي ڏانهن سندس ڌيان ڇڪايو:

”خبرون اهي ڏي ات واريون .... ڏينهن ڪپل گذري ويا. آهن ، نڪو اسين آياسون ، نه وري تو ڪا سار لڌي. اڄ چيوسون ته توسان ڪالهه ڇڏائي اچون.“

”ات جو فيصلو ته مون ڪري ڇڏيو هو .... تو کي چيو ڪونه هئم، ته چور ، ٽي هزار روپيا پڻگ ٽا گهرن- هيندر بہ جي انئي ڏوڪڙ ، تہ ڪير پاهر ، ات سيائي تو کي گهر ويٺي ملندو .... باقي سڪٽو پنڌن ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو.“

”ٽي هزار پنگ ڏين ها ته بوءِ پورو تو وٽ ڪونه اچي ها - پڌڻي.“ لال بخش ڪي چويڻي چوي، تنهن ڪان اڳ ئي پوري پڙڪو ڪاڏو. ”اهو ات تو کي ڏاڍو مهانگو پوندو ڪارائي .... اشرافت مان چائين ته ات هيندر جو هيندر موٽائي ڏي.“

پوري جي اوچتي دڙڪي ني، اوطاق ۾ موجود، هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص ڏکي ويو. ڪي گهڙيون نه چڱي موت جهڙي ماٺ ڇانئجي ويئي- گلن جو جوان رت رڳن ۾، ڪڙهائيءَ جي تيل جيان ٽهڪڻ لڳو .... جيتوڻيڪ پوري جي نالي ڪان هُو چڱو واقف هو، پر آخر هو به ته ڪجهه هو! ۽ وڏي ڳالهه ته، پنهنجي ڌي تڏي تي هو. نوڪرن چاڪرن جي مدد، يارن دوستن جو ساٿ، هٿيارن جو ٻل. هڪڙو پورو ڪيس ڇا ڪندو؟ اهو سڀ سوچي، دل ٻڏي ورتائين.

”تنهنجو اُن سان ڪهڙو واسطو؟ لال بخش چاڙي، آئون چاڙان، تون وچ ۾ ڇو ٿو پوين؟“

”آئون وچ ۾ انهين پوندس، جو جڳ جهان ڏسندو هرو ڀرو ڏکيو نه ٿيءَ، ماڙهي ڪري اُن ڪاهي ڏٺين ڪي ڏي.“

”پورا تون ڀڻڪون ڏيئي، اُن ٿو ٻوڙيـن.... جي آرهه زورائـيءَ سان اُن وڌن جـو خيال اٿئي، تـه اها تنهنجي ڀل آهي.“

”ڀل منهنجي ڪانهي، تنهنجي آهي.“ لفظ ’ڀل‘ تي پوري ڪي جهڪي اڇي ويئي. آهستي آهستي هن جا چپ رُڪڻ لڳا، مڇون ڦڙڪڻ لڳيون. ڪٿ تي ويهڻ وهه ٿي آيس: ”آڏون جڏهن پنهنجيءَ تي ايندس تـه رنڙيءَ تي لت ڏيئي، اُن ونڊوسانءَ.... اُهين نه سمجهه ته اُن، احمد جو آهي، پورو وڙهندو ڪونه .... گهٽا ڏينهن تو ڪوپ ڳاهيا آهن. اڄ ڏسان ته ڪهڙي ٿو ڏاڍ مڙسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتان ڇڏيان ڇوٽو، جو ٿاڻي تـي ويندين....! اٿ هتي ڏيڻي پوھ اٺٽو اٿئي پاڻو."

"اٿ ملندو پر فيصلي سا.... تـو سـڄي چمار چوريون ڪيون، ڌاڙا هنيا، خون ڪيا، تو ڪي ڪهڙي خبر ته فيصلا ڪيئن ٿيندا آهن."

"فيصلي جي خبر مون کـي ڪانهي، باقي تو ته مکي مان وار ڪيڏي ڇڏيو! ٽن هزارن جي اٿ جا ٽي هزار پنگ پڌي ويٺو آهين— ٽي هزار ڏيڻي مالڪ نٿون اٿ نه وٺي اچي.... چوريون ته اسان به ڪيون پر سدائين ڪوڙن جا ڪونگرا ڪيراياسون. غريب غربي جي نه پاڻ کي سڀني به سوئر بـرابـر آهي.... خير، اهـي سڀ ڳالهيون ڇڏيون اٿم، پر اها ڪهاڙي ڪانه ڇڏي اٿم. ڏهن سالن کان رت ڪونه چکيو اٿس، هيئنر ڪوراڙ جيان جهاپا پئي ڏئي." ڳلق ڪان ڪجهه نه ٿي سگهيو ته هلڪو مرڪي طنز ڪيائين:

"ڪهاڙي ڪٽي، مـڙس جهيڙي تـي نڪتو آهـي. هون ..."

"منهنجي ڪهاڙي به 'ڪهاڙي' آهـي ڪارائي— تو جهڙي نوريڻڙي تي اسان ڪاردوس ڪڍهن به زبان ڪونهي ڪيو. اهڙا اندا وچون، يـا چمار اسان جوتي سان ڇتيا آهن.... اٿئي شونقڙو آزمائڻ جو ته لهي ڏس پڙ م، خبر پئجي ويندي ته گهٽي ويهڻ ـڙ آهي."

"پلا تون سهي سنيري جهيڙي لاءِ آيو آهين ڇا؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪجهہ ڳالهيون رکو پنهنجي منهن ٻڌائڻ جون هونديون آهن. سمجهي ويچ نہ قصي ڪي!“

”قصو ٻڌو ڪونهي، ڳالهہ ڪر سڌين سڌي — هتي ڌاريو ڪير آهي، جنهن کان لِڪ ڇُپَ تو ڪرين.“

”احمد جي اٺ جو چور آئون ڪونہ آهيان.“

لاچار، گلو کي اتي ئي ڳالهائڻو پيو، ”تون ٻين جي ڳالهين تي لڳي وڃين آيو آهين. منهنجيءَ عزت کي ڪاڳڙي ۾ وجهي واوَريو اٿئي، تو کي شاباس هجي.“

هن جو لهجو ڏوراپي ۾ بدلجي ويو، پر پورو برابر پنهنجي ارڏائيءَ تي قائم رهيو.... چور جي نالي ٻڌڻ جي خواهش ۾ ذري گهٽ دڙڪو ڏيندي چيائين:

”هاڻي ڦات بہ ڪٽي، ويٺو آنگل ڪرين.“

”اٺ جو چور اهوئي چڱو مڙس اٿئي جيڪو تنهنجي پاسي ۾ ڪٿو ويڙهيو ويٺو آهي ...!!“ گلو ڦاٽي پيو: ”جڳ کي ڏيکارڻ لاءِ، هو احمد لاءِ پنڌ بہ تو ڪري، تہ پينگ وٺڻ لاءِ سون سان بہ سچو آهي!!“

لال بخش جي ڪنڌ تي چڻ پهاڙ ڪري پيا.... پورو ڪيس اٿين ڏسڻ لڳو، جيئن بڪيو شينهن چيليءَ کي ڏسي ...!!! ❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نباهه

لالڪي ٿان لٿي، ٻوٽڙي سان هٿ ملهڻ لڳي، ڪلهه چنڊي، ٻيڇرو ونئي، ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو – سامهون وڻن جي اوٽ ۾ لهندڙ سج، ٻاه جي ٻيلي گولي جيان چمڪيو پئي. شام جي تڏ شروع ٿي چڪي هئي. نظر نهار تائين ڦهليل ڇهڇ سايون نسريل ڪڻڪون، ماڪ جي هلڪي ڌنڌ ۾ گهريل هيون. ڳوٺ طرف ويندڙ ڍورن ۽ ٻڪرين جا ولر، پاڇارين ۾ جوٽيل ڍڳن جا جوڙا، ۽ انهن جي پويان گاهه جون ڀريون مٿي تي کنيو ويندڙ هاري، فضا ۾ اڏامندڙ پکين جا ٽولا – هر ڪنهن کي پنهنجي ڪکن پيڙو ٿيڻ جي آس. روز جو معمول، هميشه جو دستور. پر هن لاءِ هڪ اتفاق....

جيتوڻيڪ ڳوٺ ڇڏي کي ٿورا سال ٿيا اٿس، پر شهري وهنوار ڪانئس سموريون ڳوناڻيون خصلتون ڪسي ورتيون، پر اڃان به جڏهن: ڳوٺ ايندو آهي، ته ڳوناڻو ماحول ڏسي هيڪر وري دل اٿيو وڃيس، ۽ اتي جون خواهشون مٿس حاوي ٿي وينديون آهن: ڪڻڪن جا آيون سيڪي کائڻ جي خواهش، ڇڻن جا ڦوٽا ۽ چونڊن جون ڦريون ڦوڙي کائڻ جي خواهش، ڪمند جي چيچڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجائيپ ڪرائي، نڌهن وچي ڪو مانگر ڏريو، ۽ خوشيءَ مان پچ اوڏي ڇهڪارڻ لڳو.

هو گهر ڏانهن وڌيو، در پيڪڙيل ڏسي ٿورو هٽڪي پيو. رڌڻي مان دونهون نڪرندي ڏسي اوڏانهن وڌيو. هڪ رومانٽڪ منظر منهن تي پڪوڙي در تي ويٺي، هيرو پيرو ڪنگهڪار ڪري زال جو ڌيان ڇڪايائين – جنت هيڪر منهن ڪٽي کيس ڏٺو، ۽ ڪجهه چوڻ ڪان سواءِ ڇپن کي موڙو ڏيئي، نراڙ ۾ گهنڊ وجهي، اٿين ماڻي ٽڪ لڳي ويٺي، جنهن اوچتو ڪنهن ڏاڙهين مرد تي نظر پئي هجيس....! هو اڳتي وڌي سڌس سامهون منجهيءَ تي ويهي رهيو.

”جنون“

”........“

”ناراض آهين؟“

”.. ........“

”پڏاءِ، منهنجي اچڻ جي خوشي ڪانه ٿي ٿئي؟“

”...........“

”آئون ڪتاب پڙهي ڪري ڪاڏيس ۾ ڏڪا ڪاٽي، ياڙا پري ٿيو وٺ آيو آهيان، تو کي ان جو خيال ئي ڪونهي.“

”...........“

”ڳالهائين ڇونه ٿي.... آخر آئون ۽ پڏان نه ڪهڙي ڪاوڙ اٿئي؟“

”آئون جي ڪاوڙيس ته ڇا ٿي پوندو. تون ڪاراچيءَ ۾ ڪش وڏو آهين. آئون هتي مران بچان منهنجو ياگ .... !“

”مرن تنهنجا دشمن، ڪهڙيون ٿي ڳالهيون ڪرين، چري ... !“

”منهنجي مرڻ جو توکي ڏک ڇو ٿيندو. آئون توکي وڻان ٿوروڏي ٿي.“

”تون مونکي ڪانه ٿي وڻين ؟

”نڪو.“

”اهو ايمانداريءَ سان ٿي چوين ؟“

”آئون نه ته ....“

”ڪيئن پلا. ڪا ثابتي به اٿئي يا .... ؟“

”ثابتي؟.... ثابتي اها گهٽ آهي ته خط لکرائي مڪو ماڻهون پاڻ ته ڪونه آئين، پر خط جو جباب به ڪونه ڏنئي.“

”خط .... ! ڪڏهن موڪليو هوءَ ؟“

”ها ها، توکي ته ڇڻ خبر ئي ڪانهي ....“

”جنون هي ڏس .... هيڏي منهن ته ڪر .... اکين جو سنهن مونکي خط مليوئي ڪونه.“

”ڇو ڪونه مليو توکي؟.... هتان مڪي مديني خط وڃيو پڄن، باقي ڪاراچيءَ نه پڄي، اهو ڪوڙوئي نٿو لڳي.“

”جاني، آئون توسان ڪوڙ ڳالهائيندس؟.... ڪراچيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مڪي مديني جهڙا ٻه ٻـي شهر ٿين. ڪراچي ڪو معمولـي شهر ڪونهي. لڪين ماڻهو اتي رهـن ٿا. هر ڪنهن ڏانهن مٿن مائٽن وٽان خط اچن ٿا. ايترن خطن مان سمورا نه ڏٿين ڏاٿين ڪونه ٿا پڄن. ضرور ڪي نه هيٺ مٿي به ٿيو وڃن. ۽ تو وارو خط به انهن ئي ڪٿي گم ٿي ويو هوندو.... خط ڪيئن موڪليو هوءِ. هو نه خير نه.؟"

" ڪهر....! آئون هتي مري مري بچي آهيان. اهڙي پهرڏي ڪاڻ هئي جو ڏاڪدار وٽ نئيم ها. چڙي چڙي مس وڃي چڙهي آهيان."

"سچ ٿي چئين؟"

"ايمان سان.... ڏسين نٿو ته ڦڪي هيڊ ٿـي وئي آهيان."

" ڇا ٿيو هوءِ؟"

"هڪڙي بيماري هجي ته پڌايانئين، هتي ته ڪاٿوڏي ڪونه هو ـ تپ ڏار، مٿي ۽ سور ڏار، هنيانءَ کي ڦيرا، التيون، ايڙاڪون ـ نه ڪاڻي، نه پيتي.... دل ۽ چيم، جنت گهڙي پل جي مزمان آهين، مڙس کي ڏسڻ به شل ڪو نصيب ٿيندي."

"شڪر آهي جو خير ٿيو. هونئن به سنهي ٿلهي تنڏ تپ ڪان ايڏو ڊچندي نه ڪر. خدا خير ڪري، ايتري ۽ ماڻهو مري ٿوروڏي ويندو؟"

"آڏون نـه ته.. مرڻ کي وري ڪي سڱ ٿيندا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي چاهي. تون وري وچي ٻـي ڪنوار پرڻجين ها، منهنجا سائڻ ويچارا ...."

"ڏس ڏس جاني، اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر نہ .... هاڻ چڏ رڏڻي جي پچر. ڪڻ ماني تہ هلون .... امان ڪاٿہ ٿي ڏسجي؟"

"ماسهين بيمار آهي، وڏي آهي اوڏانهن."

"چا ٿيس؟"

"ٿيندس چا – پوڙها هڏ اٿس. جواب ڏيڻي ويٺا ٿس چرڻ ڪان."

"ها – ويچاري هيڏي ٿي پئي هوندي، هن پيري تہ آڏون بہ ڏسڻ ويندو سانس. مهيني ڪان منهن ڏي ڪونہ ڏٺو اٿمانس."

ساني ڪاڏي، ڪهن دوست سان ملڻ جو چئي، هو گهران نڪري ويو. جنت، هند تي پاسا ورائيندي سندس انتظار ڪندي رهي. نيٺ ورچي پئي. ڪمري مان نڪري، اڱڻ ۾ پيل کٽ تي ويٺي. جيئوٽيڪ ٻاهر چڱي چڱي ٺڌ هئي، پر اندر ۾ سـتل هورا ڪورا ۽ اوسيئڙي جي ڪري ٺڌ کان ٻنهي بي نياز هئي. ڳپل دير کان پوءِ ا کيون ننڊ ڪان ڳوريـون ٿيڻ لڳيس. ڪيڏي ڪيڏي مهل اکيون پورجي بہ ٿي ويس. پر هر ڀئي لمحي ڪنهن ننڊي وڏي ڪڙڪي تي يـا پاڻمرادو وري سجاڳ پئي ٿي. آخر سادي ڏهين ڏاري انور گهر موٽيو. زال کي کٽ تي ٻنڪيون ڪاڍيندي ڏسي دل ڀڄي پيس. ويجهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي شرارت وچان زور سان پير زمين تي هڻيائين ته جنت ڇرڪ ڀري جاڳي پئي. اکيون مهٽيندي اٿي ٻيٺي چنڊ جي ٿڌڙي چانڊوڪيءَ ۾ هوءَ ڏاڍي ٺاهوڪڙي پئي لڳي. انور ڳراٽڙي ٻڌي ڳچيءَ تي ڪيس هلڪڙي چمي ڏني، ۽ چيلهه ۾ ٻانهن ڦيرائي ڪيس ڪمري ڏانهن وٺي وڃڻ لڳو.... ڏيئي جي جهيڻي روشنيءَ ۾ جنت ننڊاکڙا نيڻ کڻي، انور جي منهن ۾ ڏٺو. هو مٿس موهت ٿي پيو. سندس ٻانهون امالڪ ڪيس وڪوڙي ويون. ۽ جنت کان رڙ نڪري وئي.

”زور نه ڏي جاني....!“

انور جا نشا ٽٽي پيا. هو ڇرڪ ڀري، وک پوئتي هٽي ڪيس گهورڻ لڳو.

”ڇو پياري، ڇا ٿيو؟“

”بس، ائين ئي....“

هن منهن ڦيرائي مرڪي ڏٺو ۽ هنڌ تي ليٽي پئي.

”نيٺ آئون به ته ٻڌان.... طبيعت ته ٺيڪ اٿئي نه؟“

”ها ها. پوءِ ٿي ٻڌايانئين.“

انور بي چينيءَ سان سندس پاسي ۾ ڍرڪي پيو.

”هاڻي ٻڌاءِ جاني.“

”ايڏي تڪڙ!“

”پوءِ ڪيڏي مهل ٻڌائيندينءَ. سون کي سک نوروئي ايندو....“

”توکي ٻڌايم نه، نه بيمار ٿي پئي هيس....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها.“

”پوءِ دوا لاءِ تہ ويس ئي ڪانہ ـ هڪڙي ڏينهن حاجياڻي پڇڻ آئي. ڏسندي ئي چيائين، امان، بار ڏار نہ ڪڻ، اهي ڏينهن ڏاڍا نازڪ ٿيندا آهن!“

”بيماريءَ جو چا چيائين؟“

”اڃان ڪونہ سمڌين؟“

”نہ، تہ“

”اڙي .... صفا ڪو الهہ ـ لوڪ آهين ....!“

”پوءِ پڌاءِ بہ ڪٿي تہ سجهندي ئي ڪو ٻلو ڪريانءِ!“

”او.... چيائين.... چيائين تنهنجي پيٽ ۾ ٻار آهي....“

”ايمان سان ....؟“

”ايمان سان ....!“

”او جنون .... سوئيٽ جنون ....!“

اڻ مئي خوشيءَ کان بي قابو ٿي، هن وري بہ کيس ڀاڪر ۾ پري ورتو. ۽ سندس هٿن کي جهليندي وري جنونءَ رڙ ڪئي:

”نہ نہ جاني، زور نہ ڏي نہ. ننڍڙي کي ڇپ اچي ويندي ....!“

”او .... ساري ڊارلنگ. مون کي تہ ياد ئي نہ رهيو ـ ڀلا، ننڍڙو ڇٽري تو پيٽ ۾؟“

”هينئر ٿورو ٿي. اڃان مهيني کن کان پوءِ چرندو، جڏهن ڇهن مهينن جو ٿيندو.“

هو ٻار بابت سوچڻ ۾ گم ٿي ويا. ڪمري ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. پر هنن جا هٿ خاموش نہ هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پولي به ڪونه چاڙهين. ڳالهائي ٻولهائي جو به تنهنجي لاءِ وڏو مسئلو ٿي پوندو. وڌيڪ لاءِ تنهنجي مرضي. هلون ته منهنجيون اکيون ٺڏيون."

"چا به هجي، آئون هلنديس. مون لاءِ هتي رهڻ بنهه ڏکيو ٿي پيو آهي. چاچي به انهي پهر جهيڙو لاتو ويٺي آهي. وڏي آهي، سامهون نٿي ٿيانس. پر نيٺ ڪيستائين سهنديس."

"امان ويچاري آهي لهندڙ سج وانگر ٽبي هڻي ٿي، ڪجهه ڪجهه ڇيڙاڪ به ٿي پئي آهي. تون مڙئي خيال رکينس. الائي ڪيترا ڏينهن اسان وٽ آهي، هرو پرو وات نه وجهه."

"پوءِ هن پيري وڃي هلندين نه مونکي؟"

"بس جي تنهنجي مرضي آهي ته مونکي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو. سچ پڇ هلڻو اٿئي ته پوءِ ڪپڙا لٽا ڏوڏي تياري ڪري وٺ ته سياڻي نه، پئي ڏينهن دليا هلون."

"چاچي به هلندي؟"

"نه نه. امان به هلندي ته پوءِ هي گهر ڪير سنڀاليندو؟ آخر هتي به ڪو هجي جو در ڪوليو ويٺو هجي."

"پوءِ چاچي جو گذارو ڪيئن ٿيندو؟"

"ڏوڪڙ پيا موڪليندا سونس، باقي سڄو پاڙو پنهنجو اٿس. ڇوڪريون ٻاڪريون پيون سار سنڀال ڪندس-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي ٻه اتي لڏو لاهي ته ويهڻو ڪونهي، ٻه چار مهينا هتي رهندينءَ ته ٻه چار مهينا هتي. مڙئي وقت پيو لنگهندو.“

”ڇو .... موٽي ڇو اچان؟“

”موٽي نه ايندينءَ؟“

”نڪو.“

”ڇو؟“

”هتي منهنجو چاهي جو موٽي اچان .... منهنجو سڳ آهي توسان. جتي تون، اتي آئون.“

”پڪ؟“

”آئون نه ته.“

”ڏسجانءِ متان اتي هلي پڇتائين.“

”مونکي ڪو زوريءَ توروٽي تو نئي جو پڇتائيندس. آئون ته پنهنجي خوشيءَ سان، پنهنجي جانيءَ سان ٿي وڃان — جاني وٺي هلندين نه مونکي؟“

”اچان ٻه پڪ نٿي ڏيئي ڇا؟“

”پڪ ته اٿم، پر متان مهل تي ڦري نه وڃين!“

”کهڙيون ٿي ڳالهيون ڪرين پياري. هيڏيءَ ڪائنات ۾ تون ئي ته منهنجي زندگيءَ جي ساٿي آهين، توکي ڪيئن دوکو ڏيندس. مون بابت اهڙيون ڳالهيون نه سوچيندي ڪر. منهنجو ته ساهه تو ۾ آهي.“

”ڪوڙ ڪوڙ. ڏئين ته ڪٺ جو جياب ٻه ڪونه ڏو.“

”ڏس ڏس. وريو ٿي دل ڏکائڻ جون ڳالهيون ڪرين نه.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عضون جي، عضون سان گفتگو. بدن جي ذري ذري
پنهنجي مرضيءَ ۽ منشا جو اظهار ڪيو پئي. ڪهڙيل
موت ملي پئي- سيءَ هوندي به پگهرجي پيا. ٽڪجي،
ڪيرا ٿي ڍهي پيا.... سڪون جو ڊگهو ساهه کڻي، جنت
مڙس جي سيني ۾ منهن لڪائي، مهينن کان سانڍيل
شڪايت اوڳاري ڇڏي.

”تون اتي وڃي مون کي صفا وساري ٿو ڇڏين.“

”ائين نه چئو جاني. خدا اهو ڏينهن نه ڪري جو
توکي وساريان.“

”اهو وسارڻ ناهي ته ٻيو ڇاهي ـــ ٻارنهن مهينا
شاديءَ کي ٿيا آهن، پر مون ـــ مون اڃان تومان سڪ
ڪانه لاٿي. ڪڏهن سوچيو اٿئي ته هتي به ڪو تنهنجو
انتظار ٿو ڪري؟“

”پر پياري، آئون اتي سڪ سان ته ڪونه ويٺو
آهيان. جاگير پنهنجي ڪانهي جو ويهي کائون. ضرور
هٿ پير هڻبا، تڏهن چار ڪوڏيون ڪمائبيون، گذارو
به تڏهن ٿيندو. توکي ڏوڪڙ ته آئون هر مهيني
موڪليان پيو نه؟“

”ڏوڪڙن سان ڇاٿو ٿئي، ڏوڪڙ مڙس جي ڪمت
نه ناهن. هڪ جهڙين کي مڙسن سان کلندي ڳالهائيندي
ڏسي، مون کي ائين ٿو لڳي ڄڻ.... ڄڻ اڃان به
ڪنواري آهيان.!!“

”اهڙيون ڳالهيون نه ڪر جاني. اهڙيون ڳالهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪر، نہ تہ آئون اتي رهي ڪونہ سگھندس ـــ چڱو ھيئن ٿا ڪريون ، هاڻي ٿن مهينن بدران هر ٻئي مهيني ڳوٺ ايندس. پوءِ بس؟"

"ٻہ مهينا بہ ٿورا ڪونهن. اَنب اُڪريو وڃن ٻن مهينن ۾ ، ٻاجهريون پڇڻو وڃن، تو ڪي ٻہ مهينا ڏسڻ ۾ ٿي ننڍا اچن.؟"

"پوءِ تون ٿي ڪٺي ٻڌاءِ تہ ڇا ڪجي؟"

"آئون ڇا ٻڌايان. ڳالھہ ظاهر آهي. يا تہ ڳوٺ اچي رهہ، يا مونکي بہ پاڻ سان وٺي هل."

"ڳوٺ اچي رهندس تہ پوءِ ڪاڻيندا سين ڪٿان؟"

"تہ پوءِ مون کي پاڻ سان وٺي هل."

"ها ـ اهو ٿي سگھي ٿو. پر ڪراچيءَ ۾ رهڻ بہ تہ ڪو سولو ڪم ڪونهي. هتي هيڏو سارو گهر اٿئي، گهمڻ ڦرڻ پٽيءَ، اوڙي پاڙي ۾ اچڻ وڃڻ پئي. اتي آهن فليٽ. انهن ۾ رهڻ تنهنجي لاءِ تمام مشڪل ٿي پوندو."

"اتي پلٽن ۾ رهندا آهن ڇا؟"

"پليٽ نہ، 'فليٽ.' اتي تمام وڏيون جايون آهن، جن ۾ وري ڪبوترن جي کڙڪڻ جهڙا ننڍڙا ننڍڙا گهر آهن، جن کي فليٽ چئبو آهي. فليٽن ۾ نہ اڱڻ آهي، نہ وري هوا اچڻ جو ڪو مناسب بندوبست. بس ، چوويهہ ٿي ڪلاڪ پکي جي هوا تي ڪم اچي، جنهن ۾ ويهي ويهي نٺون ماڻهو تہ بيمار ٿيو پوي. تنهن کان سواءِ تون اتي جي

سوچن جي پرواز سان گڏ، هتن آڱرين جي پيش رفت جاري رهي. ؟....؟ ڪنهن منزل تي اچي هر شيءِ بيهي ويئي!

”جنون.“

”هون.“

”توکي ننڍڙو پيارو آهي؟“

”آئون نه ته ـــ جڏهن ڪان حاجياڻيءَ ڳالهه ڪئي، بار ته چار وڏي وات ڳالهائن به چڏي ڏنو اٿم. ننڍڙي لاءِ رلڪا ۽ پنڌ ٿا به ٺاهي رکيا اٿم. سياڻي ڏيکاريندي ساڻئين.“

”ان جي معنيٰ ته آئون به ننڍڙي جو اڪائونٽ کولي وٺان.“

”اهو وري ڇاهي؟“

”بينڪ ۾ ننڍڙي جو کاتو کولبو، سندس نالي تي ڏوڪڙ جمع ڪرائبا ته جيئن وڏو ٿئي ته پڙهائي وغيره جو بندوبست سولائيءَ سان ڪري سگهجي ڪيئن، ٺيڪ آهي نه؟“

”ها، جيئن تون سٺو سمجهين .... پر، توکي به ننڍڙو وڻي ٿو؟“

”جاني کهڙيون تي ڳالهيون ڪرين. اهو پڌي، منهنجي ته حالت ئي عجيب ٿي وئي آهي. آئون ته جهڙوڪر ننڍڙي کي اکين سان ڏسان پيو. ننڍڙو، پتڪڙو، ڳاڙهو ڳٿول!“

هو وري ننڍڙي بابت سوچڻ لڳو ته ڪيئن ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار ڪندو، هنج ۾ ڪڻي کهمائيندو، ۽ ٻالڪ پنهنجن پٽڪڙن هٿن سان ڪيس چنبڙي پوندو.

”جنون.“

”جي ء“

”آئون پنهنجي ننڍڙي ڪي چمي ڏيان؟“

”ڏجائينس، ڀهرين خير سان چاپي ته سهي.“

”نه جاني، آئون هينئر چمي ڏيندو سانس.“

”هينئر ڪيئن؟“

”آئـون تنهنجي پيٽ تـي چمي ڏيندس، جنهن ۾ منهنجو ٻچڙو آهي!“

”چريا پيٽ ڪي چمندين؟“

”بلڪل.“

”پر آئون ڀهرين چڏيانئن چوٿي.!“

”ڏس جاني، دل چاهي ٿي. منهنجي دل نه رکندين....؟“

”پوڪ ٿي ڪريان جاني. آئون تـه سڄي تنهنجي آهيان. پر ڏسجانئن متان زور نه ڏين!“

”چريو ٿوروئي آهيان.“

هن ڏاڍي پيار ۽ ٻاٻوهه سان سندس پيٽ تي چپ رکي، اکيون پوري ڇڏيون. جنت جـي رڳ رڳ ۾ چيپون لڳي ويون. مڙس کي وٺ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي ويئي. عضون جي ڪوڙڪين ۾ هڪٻئي کي جڪڙي ڇڏيائـون. زبانون گنگ ٿـي وين. پر ٻنهي ٻه چڱ تـه ڳالهاياٿون پئي، ٻڌائون پئي. جسم جي، جسم سان رهاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڳالهه ٻڌ، هاڻي مون کي ٿي اچي ننڊ. اڌ رات
وڃي آهي. تون به ماڻڙي ڪري سمهي پئه. اول ڪير،
صبح جون ڳالهيو صبح سان.“

”هون. هاڻي تون سمهي ننڊون ڪنديندءِ؟

”پيو چا ڪريان. اکيون زوريءَ پورجيو وڃن.“

”اکيون پٽ، ڳڻهه چڏ اسان کي پنهنجي پنڌ
جو اجورو ڏي.“

”اچان دل ڪانه پري ٿئي؟“

”هڙا ڪشالا ايتري لاءِ توروئي ڪيا آهن.“

”هاڻي پاڻ ٿا معافي گهرون. پرڏي پيٽ گهڙي
گهڙي هلاکي ڪانه ٿي پڇي.“

”جاني هيندر ڪان ڏي اهي حال اٿئي ته پوءِ اڳتي
چا ٿيندو. اچان ته توڏي مان پاڻي به ڪانه پيئي آهي.“

”ڳالهيون پلـيـون، پر پنهنجو شونق ويـو اٿئي
پورو ٿي.“

”اٿين نه ڪر، ڏاهي ٿيءَ. راڻي کي راضي ڪر،
ته ڪراچيءَ پڇين.“

”نه ته ڪونه نيندين؟“

”دل خوش ڏي نه تيندي ته ڪم ڪيئن ٿيندو؟ پاڻ
به سوچي ڏس نه.“

”ڏاڍو ڏنگو آهين پيو.!“

— .... — .... — .... —

”هيءُ آهي پنهنجو فليٽ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور در کولي اندر داخل ٿيندي چيو.

”اڙي .... ڪيڏو سٺي آهي! چاڙهيون چڙهي چڙهي منهنجا ته گوڏائي سائا ٿي پيا.“

”اڳي نه چڙهي آهين نه، تڏهن. هاڻي آهستي آهستي ڍهي ويندين.“

هو ٿيلهو ٽيبل تي رکي، کٽ تي ڊهي پيو.

”مولرون ته ڪيتريون آهن! گوڙ کان متو ٿو ڦالي. دونهين کان ڪيون ٿيون سڙن. هتي وارن کي دونهون لڳي ڏي ڪونه ٿو؟“

”لڳي چو ڪونه ٿو. هرڪو هري ويو آهي. چڱو، تون هٿ منهن ڌوئي وٺ نه آئون هوٽل تان ماني وٺي اچان. بک کان آنڊا وات ۾ پيا اچن.“

هو گهران نڪتو نه ٿوري دير بعد در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. ۽ در کولي ڪا نوجوان عورت اندر گهڙي آئي. جنت خوف ۽ حيرت مان کيس گهورڻ لڳي. ڪي گهڙيون ويهڻ بعد هوءَ ڪجهه چئي، نڪري وئي. جنت خوف کان ڏڪڻ لڳي. وري اوچتو در کليو نه انور داخل ٿيو. تڏهن وڃي هوءَ بود ۾ آئي.

”سوير هڪڙي مائي اندر گهڙي آئي. پاڙونڊر ۽ مرڪيءَ سان منهن ڏٺو پيو هئس. الائي ڇا ڇا ٿي چيائين. مونکي نه سمجهه ۾ ڪجهه ڪونه آيو. وري الائي ڇا چئي نڪري وئي اها ڪير هئي؟“

”هوندي ڪا پاڙي جي، توکي ملڻ آئي هوندي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ چاڻ نہ سچاڻ، اٿين ملڻ آئي!“

”چاڻ سچاڻ توهان ڪانہ اٿن، مون سان تہ اٿن.“

”ڇو؟“

”ڇو! پاڙي ۾ رهندي چاڻ سچاڻ ڪانہ ٿيندي؟ ۽ اڃا سال ٿيا اٿم هن پاڙي ۾، ڪو مذاق ٿورو ٿي آهي.“

”پوءِ مڙدن سان هوندي ڪن زالن سان به؟“

”هتي جون زالون به مردن ڪان گهٽ ناهن. اوهان وانگر ٿوريون ٿي آهن جو گهر کان ٻاهر پير نہ پائينگ ٿي وڃي، حرام جو ڪڏهن ٻيهي کان ٻوٽ ٻاهر ڪڍيو.“

”اهو تہ پاڻ حيا شرم جو پڙدو آهي. چڱو آهي، ڪن سڄي جهان کي منهن ڏيکاريو رهجي.“

”جڳ جي منهن ڏئو تہ ڇا ٿي پوندو. ڪاڏي تہ ڪونہ ويندو....؟ حيا ۽ شرم انسان جي اندر ۾ هجي. باقي لوڙهن ۽ ڪوٺن ۾ حيا کي بند ٿورو ئي تو ڪري سگهجي.“

”اڙي .... ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين!“

”ڇڏيو. ماڙي ڪري ساڻي ڪئہ. اهي ڳالهيون ايترو جلد تو کي سمجهہ ۾ نہ اينديون.“

ماڻي ڪاڏي بس ٿي ڪيائون تہ وري در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. ۽ ساڳي عورت ڏري ۾ ڇانهن ڪڍي اندر آئي. هن کي ڏسندي ئي انور رڙ ڪئي.

”هلو پروين.“

”هلو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن چانهه ميز تي رکي، جنت ڏانهن گهور ڀائي، وري انور ڏانهن ڏٺو:

”آءِ ٿنڪ شي از يوئر وائيف؟“

”اوه ييس .... هائو ڊز شي لک؟“

”اين انوسنٽ وليج گرل.“

جنت حيرت مان پنهنجي منهن ۾ گهوريندي رهي. خار مان منهن ڪاڙهو ٿي ويس. پاڻ جهلي نه سگهي.

”ڪير آهي هيءَ؟ سوير به آئي هئي.“

”هيءَ پنهنجي پاڙيسرياڻي آهي، پروين نالو اٿس.“

”چا پئي چوي؟“

”چوي پئي ته تون ڏاڍو وڻين ٿي.“

”سچي؟“

”ها — توکي وڻي ٿي؟“

”ملوڪ آهي.“

”ڊو يو لو پروين؟“

”وات؟“

”شي آلسو لائيڪس يو“

”او! ٿئنڪس.“

چانهه پي، ڪي گهڙيون ويهڻ بعد، سندس ٿڪاوٽ کي محسوس ڪندي پروين چانهه جا ٿانوَ کڻي اٿي بيٺي.

”آءِ ٿنڪ يو نيڊ اي آف ريسٽ. اوڪي.“

هوءَ نڪري ويئي. جنت کيس ڏسندي رهي.

”ڪيئن ٿي لڳمئي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مهل جهڙي زال تي لڳي، پر ڏگ ڏاڍي اٿس، ڪالهاڏي ٿي ته ڪيترو موڙا مٿهن ڪي ٿي ڏٺي.“

”اهي ته ڪالهاڻن جا ڍنگ ٿيندا آهن، هتي رهنديون ته ڏيٺ ڏون به اٿين ڪالهاڻينديون.“

”توبهن ڪر. آئون مري وڃان، اٿين ته ڪريان.“

”باقي دل جي ڏاڍي چڱي اٿئي.“

”تو آزمايو اٿس ڇا؟“

”نه، هڪڙي ڳالهه تو ڪريان. هونئن اويل سويل ڪنهن ڪم لاءِ چئجيس ته نهڪر ڪانه ٿي ڪري، هڪڙي پيري بيمار ٿي پيو هئس، ته ڏاڍيون خدمتون ڪيون هئائين. ڏينهن ۾ ٽي ٽي پيرا چانهيون، کچڙيون، الائي ڇا ڇا ٿي آندائين.“

”شاهوڪار آهي ڇا؟“

”شاهوڪار ته ڪانهي، پنهنجي ماني مڃيءَ واري آهي. ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ٿي ڪري، چوڏهن پندرهن سئو رپيا مهيني ۾ ملنس ٿا. تنهن کان سواءِ ماڻس به نوڪري ڪندي آهي. اها به ايترو ڪمائي ٿي. ٻن ڄڻين جي ڪاڻ لاءِ ايترا ڏوڪڙ ٿورا آهن؟“

”مڙس ڪم ڪونه ٿو ڪري ڇا؟“

”مڙس ڪٿي اٿس. اڃان ته ڪنواري آهي!“

”اڙي.... ! اها ڏ گهه اڃان ڪنواري آهي!!“

”اها هڪڙي ڇا، هتي ته اهڙيون هزارين ڪنواريون ويٺيون آهن.“

”پوءِ تنهنجي گهر ڇو ٿي اچي. ماڻٿ جهلينس نٿا؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”منهنجي گهر اچڻ ۾ ڇا هيس؟“

”ڇا هيس! پرائي ڌڳهه اڪيلي ننهنجي گهر ۾ اچي ۽ نون ....“

”ڏس ڏس. هرو ڀرو پرائي نياڻيءَ تي بهتان نه هڻ. پاڻ وانگر ٻين جي عزت جو به خير گهر.“

”نون نه، گهٽوٽي پڪائي ڪندين پر چور جيءَ ڏاڙهيءَ ۾ ....“

”ڳالهه ٻڌ جنت. نه مان ڪو بد ڪردار آهيان، نه پروين بڇڙي آهي. پاڙي ۾ رهندي هڪ ٻئي سان دعا سلام رکڻ شريف ماڻهن جوڳي ڪم آهي. سمجهڻي- هاڻي ماڻڙي ڪري سمهي پئه. هرو ڀرو مون کي پاڙيءَ مان نه ڪڍ.“

.... .... .... .... ....

شهر بابت جيڪي سپنا ڏٺا هئائين. تن جي تعبير ڏادي مايوس ڪندڙ نڪتي. هيڏي ساري شهر ۾ سواء ٻنهنجي ڪٽڏيءَ جهڙي فليٽ جي، ڪجهه نه ڏٺائين. نه ڪو مٽ، نه ماڻٽ نه ساهيڙي، نه سرتي. نه ڪنهن جي ٻولي سمجهي، نه سندس ڪي ٻولي ڪو چاڻي. ڪا پاڙي واري وٽس اڙي به ايندي هئي ته، ان ساڻ ڪان ڪيس منهن ڏي نه ڏيندي هئي ته هوءَ انور سان ڪنهن قسم جو تعلق هئڻ جي ڪري ڏي سندس گهر ۾ آئي! پر جي ڪنهن تي ان قسم جو شڪ نه هوندو هئس، نه ٻوليءَ جي ديوار اڃي ڏي ويندي هئي. هر اچڻ واري

۽ ڀرواڙيءَ جا چٽ آهن، اٿو ويهڻ جي تميز به ڪانه اٿن.“

”ڪنهن ڳالهه ڪئي؟“

”انهن جيڪي پاڻ وٽ آيا، ٻيو ڪير ڪندو.“

”پوءِ نالو ڇو نٿو ٻڌائين.“

”ھڪڙو ھجي ته نالو ٻڌايانءِ. ھتي ته جيڪو به آيو، غلط امپريشن ڪٺي ويو - پروين سان ته آهي خدا ڪارڻ دشمني، پر سائره ۽ ڪوثر سان به سٺون منهن ڪري ڪونه ڳالهايئہ. ان ڏينهن ٻوڏا ڇوڪريون وٺي آئي ته ماني به پاڻ ڏاهيائون، ته ڪان ايترو به ڪونه پڇيو. پوءِ ماڻهو ڪهڙي نيڪي وڃي ڪندا.... سڀ ٿا چون ته تنهنجي زال موڪي آهي.“

”موڪيون هونديون پاڻ! پنهنجن مٿن مائٽن سان. آئون ڇو موڪي آهيان، رنون ساڙ ڪان ٿيون چون.... ٻوڏا وارين لاءِ ڇيم ته ماني پچايان، ته پاڻهي ڇيو هٿائون ته اسين پاڻ ٿيون ڏاهيون. باقي ساهران ۽ ڪونثر وري ڪهڙيون اشرافڻيون هيون جو انهن لاءِ اٿي ٿنوڻ ڪريان ها!“

”ڪهڙيون به هجن، اسان وٽ مهمان ٿي آيون هيون، خدمت ڪرڻ اسانجو فرض هو - ان ڏينهن رضوان آيو ته ان کي ڪيڪاريو به ڪونہ هوءِ. هو منهنجو پائرن کان به مٺو دوست آهي. خبر اٿئي ته ڪيڏو رنج ٿيو؟“

”سٺو دفعا رنج ٿئي. رضوان سان منهنجي ڪهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جو ڪيڪارياڻس ها. ڳوٺ نه پنهنجن سمورن ماڻهن کي به گهر ۾ اچڻ نه ڏيندو آهين، هنن پڙاڻن پناهگيرن کي به وٺيو ٿو اچين. ڪهڙو هنن، ڪيئن ٿي ويو آهين؟"

"بيوقوف عورت، تنهنجي مغز ۾ آهي ات ڀراڙيءَ جو. تو کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ايندي. دوستي، ماڻهن کان هزار دفعا وڌيڪ اهم هوندي آهي. مون کي پنهنجن دوستن تي پورو پورو اعتماد آهي. ڀلا؟"

"پوءِ دوستن سان ٻاهر وڃي مل، مون وٽ ڪهڙو ضرور اٿن؟"

"تو وٽ ضرور اٿن، ان ڪري جو تون منهنجي زال آهين، منهنجي گهر ۾ ٿي رهين. جڏهن هنن جون زالون ۽ ڀينرون مون کان پردو نٿيون ڪن، ته منهنجي زال ڇو ڪري.؟ ڀلاءِ، منهنجي زال ڇو هنن کان پردو ڪري؟"

"تون هينئر جهيڙي لاءِ سنبريل پيو، آئون سڀ سمجهان ٿي. مارئو هجيئي ته ڀلي مار، باقي ڌاريو ماڻهو گهر ۾ ڪونه سهنديس."

"ڇا چيئه؟ ڪونه سهندينءَ؟ پڻهي جو گهر آهي جو ڪونه سهندينءَ؟"

هو ٻانهون ڪنجي اٿيو. جنت کي چوٽي کان جهلي، ست ڏيئي ڪٽ تان هيٺ ڪيرائي شروع ٿي ويو. لتون، مڪون، ٿڏا، ڌونشا. وٽ وٺان، هڻ هڻان. دوڙا ڳاڙها ٿي ويس. واڇن مان ڳف وهڻ لڳس، نيٺ پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا، زهر ۾ ٻڏل تير هئا، جيڪي جنت جي وجود کي چيري، چچري، رتوڇاڻ ڪري ويا.

”هاڻ تہ خوش آهين يا اڃان بہ اٿئي ڪپ؟- گڏهہ وانگر پاڻ ڪٽائي، بي عزتي ڪرائي، ٻوٽ ٻڇڙو ڪري ويٺي آهين. ڏس تہ ڪيئن نہ ٿهين پئي.... هزار دفعا چيم تہ مون سان ضد نہ ڪر، نہ ڪر. پر نہ مڙئين - ڪيئن، آهي نہ مزو موچڙي ۾؟“

”ها. اڃا بہ هاڻ نہ ٿريو هجيئي تہ وري هڻ.“

”اها تہ هئي بسملاهہ. اڃان بہ نہ سڌرينءَ تہ ٻوءِ چوڪنيو پڌي، انهي دريءَ مان هيٺ اڇلائيندو سانءِ، لاش بہ ماڻٿن تائين ڪونہ پهچندئي.“

”تون چو هٿ ڌوئي منهنجي پويان پيو آهين. مون ڏوهہ ڪهڙو ڪيو؟- منهنجو لحاظ تہ ڪونہ ڪيئي، پر ٻچڙي تي بہ ڪهڪاءُ ڪونہ آيئي. هيترا ڏک هنيا اٿئي. ڪو لڳي ويو هجيس تہ پوءِ—؟“

”بس آهي مون کي توکان بہ تنهنجي اولاد ڪان بہ.“

”چوڻ ـو ائين چوين. اڃان تنهنجو ڪٿيو ڪاڏو تہ ڪونہ اٿس. ڪدا وڏي چمار ڏٺيس، اڌون هٿن جو پورهيو ڪري ڪارائيندي ساڻس. منهنجي ٻچي لاءِ اهڙيون واديون نہ ڪر. توکي ڪدا شل ڪش رکي پنهنجي سڄڻن سان.“

”پهلي هاڻي قسم ٿئي قرآن جو مات ڪر. چوٽي مونکي پاڻيءَ مان ڪيڍين. هندو سانءِ ڪو ڏڪ، پوندينءَ مري، وچي پوندس ڪاٿ ۾. توکي ڇا ملندو.... گهڙي

پاڻي سر نان لنگهي وڃي، ڪو فيصلو ڪرڻ گهرجي.
اهو تمام ضروري آهي. بجاءِ ان جي جو صبح شام ويهي
چنبڙا پٽ ڪجي، پاڙي وارن کي ڪلائي، خوار ٿجي ـ
هو اٿيو. سوچن کي پختو ڪندي ڪمري ۾ داخل ٿيو.
جنت اڃا تائين سڏڪي رهي هئي. لاڳيتو روئڻ جي
ڪري اکيون سڄي پيون هيس. جيئڻ ٿي منهن ڪئي
مڙس ڏي ڏٺائين، لمحي لاءِ هو چڻ سڪتي ۾ اچي ويو!
مثل وکن سان اڳتي وڌي سندس ڪلهي تي هٿ رکيائين.
”بس ڪر جنون.... بس ڪر. ڪاوڙ ۾ انسان کي
خبرڙي نٿي پوي.... تو کي مارڻ فضول آهي. اڃا هفتو
هڪڙو گذريو آهي جو ٻه ڀيرا ڏي مارون کاڌيون اٿئي. اڃا
ته مهمان ايندا. جن ۾ زالون به هونديون ته مرد به
هوندا. تون انهن سان چڱو سلوڪ ڪري نه سگهنديءَ،
مون کان برداشت ڪونه ٿيندو. وري ماريندو سانءِ،
وري دانهون ڪنديءَ، ماڻهو ڪلندا. اهڙي خواريءَ
کان بهتر آهي ته تو کي ڪوٺ ڇڏي اچان. تون اتي ڏي
ٺيڪ رهنديءَ. ڪو سامان سڙو ڪٺو هجيئي ته ٻڌي
وٺ ته سياڻي هليا هلون.“
”ڪونه هلنديس.“
انور حيرت ۾ ٻڌي ويو. ڪي گهڙيون ته ڏک
ٻڌي کيس ڏسندو رهيو.
”ڇو؟“
”منهنجو مڙس تون آهين. تو کان ڌار ڇو ٿيان؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر .... پر تنهنجو سچو راڄ ته ڳوٺ ٿو رهي.“
”راڄ سان منهنجو ڇا؟“
”اڙون تنهنجي فائدي جي ڳالهه ٿو ڪريان، هتي ڪڏهن ڪڏهن جهڙي فليٽ ۾ موچڙا ڪائي مري ويندين. ڳوٺ ۾ ڏک مڪن ڪان نه بچيل هوندين.“
”ڏک- مڪون سهي، ٺيٺ نه ٿي ويندس. ڳوٺ ۾ ٽولاءِ ڪنل ڪڪڙ وانگر ٿي اچان. انڪان نه تنهنجا ڏک به چڱا آهن، جو توسان گڏ نه آهيان.“
”منهنجي ايڏي سڪ اٿئي ڇا؟“
”اها ڪبر مونکي آهي.“
”سوچي وٺ جنون. زبان تنهنجي ماٺ نه ٿيندي، هت منهنجا به ڪونه رهندا. ڏاڍو مارينده‌وسانه.“
”پلي مار. ماري ماري ٺيٺ ٿڪجي به پوندين. ڪڏهن نه مئو به ڳالهائيندين.“
انور کي توقع نه هئي ته جنت اهڙو جواب ڏيئي سگهندي. خوشيءَ گاڏڙ ڏک وچان دل رڃ لڳس - هوءَ پيت کي ٽيڪ ڏيئي گونگا لڙڪ وهائيندي رهي انور اکيتي وڌيو. جنت کي ٻانهن کان جهلي مٿس جهڪي ويو. هن پنل اکيون مٿي کنيون، ته انور جي دل ٿهائين پرچي آئي.
”اٿ جنون. ڪٽ تي هلي ويهه.“
”ڇو؟ .... وري مارينددين ڇا؟“
”نه جنون .... نه ـــ جنون، اڄ نه پرچي پئون!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”آئون توسان ڪاوڙي ڪڏهن آهيان جو پرچان.“

”تون .... تون ڪاوڙي ڪانه آهين؟“

”نڪو.“

”هيترو ماريومانءِ پوءِ به؟“

”مارڻ مڙسن جو ڪم آهي، روئڻ زالن جو ڪم آهي. اها ڳالهه دل ۾ توروئي ڪبي.“

”جنون، آئون اڄ تائين توکي سمجهي نه سگهيو هئس. تون عام عورتن کان مختلف آهين. بلڪل مختلف....! هاڻي هتي پنهنجو گذارو نه ٿيندو. پاڻ کي ڪنهن اهڙي علائقي ۾ جاءِ وٺي گهرجي، جتي ڪوبه پنهنجو واقف نه هجي. نه اسين ڪنهن وٽ وڃون، نه اسان وٽ ڪو اچي - تون پنهنجي مرضيءَ سان پاڙي وارين سان اچ وڃ رکين ته ڀلي رک، باقي آئون ڪنهن کي به گهر ۾ نه آڻيندس، گذارو به تڏهن ٿيندو. ڪيئن؟

هن کي پهريون ڀيرو جنت جي لڙڪن هاڻي منهن تي حقيقي مرڪ نظر آئي. هوءَ پاڻ مرادو اڳتي وڌي مڙس جي سيني ۾ گم ٿي ويئي. *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيون جي زنجير ۾ جڪڙيل هڪ شخص

جيتوڻيڪ آفيس ۾ ڪم ڪندي اڄ هن کي اڏهون ڏينهن آهي، پر اڃا به ڪيس پنهنجي آفيسر هجڻ جو يقين ڪونه ٿو اچي — بس، ايترو سو آهي جو صبح سان ڪرسيءَ تي اچي ويهي ٿو ۽ اٺ ڪلاڪ پورا ڪري هليو ٿو وڃي — اهائي سندس نوڪري آهي، اهائي ڊيوٽي آهي.

آفيس ۾ عجيب قسم جي اداسي ڇانيل آهي. ڇڻ پوڙهو ڪڪ آفيسر رٽائر نه ٿيو، مري ويو هجي! ... ٺيڪ آهي آفيسر رٽائر ٿيندائي آهن، مري به ويندا آهن، پر ان جو مطلب اهو ته ڪونهي، ته ڪنهن نئين ماڻهوءَ جي روزگار سان لڳڻ واري خوشيءَ کي به، ويندڙ آفيسر جي ڏک تي قربان ڪري ڇڏجي.... حد ٿي ويئي!

هيڏيءَ ساريءَ آفيس مان ڪنهن به کيس ائين نه چيو ته ”سائين نوڪريءَ جون مبارڪون اٿوَ، مٺائي ڪارايو ....“ خير، ڪنهن جي خوش هجڻ يا نه هجڻ سان ڪو فرق ته نٿو پوي. هن کي آهي نوڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا آهن. هيءَ ٺهندي آهي آفيس؟ هن کي چئبو آهي آفيس؟ حد ٿي ويئي....!

فرنيچر ته فرنيچر، اسٽاف جي ڇا ڳالهه ڪجي....
خود هن واري پٽيوالي سومار جو حليو ته.... توبه! وکريل وار، کليل ڳلو، ڪُنجيل ٻانهون، پيرت پريل گنجي، واڇن ۾ ٿقيل پان جي ڪٽي ۽ چوني جي ڳڻ، سگريٽ سدائين چپن ۾ قائم. هي پٽيوالو آهي ڪي ايمارڪيٽ جو لٽليجو!!

نه بابا نه. ائين ڪم نه هلندو. آفيس کي صحيح معنيٰ ۾ آفيس بڻائڻو پوندو....

”بابا سومار، هي ڪهڙا حال ڪئي ٻڌايا اٿئي. سرڪاري آفيسن جا پٽيوالا اهڙا ٿيندا آهن....؟ هان...."

”ڇا ٿيو ڙي پٽيوالي کي. شور ڇيلا ٿو ڪري. هان....؟ ڏهه سال سروس ڪئي اٿئي. ذات ذات جو آپيسر ڏٺو اٿئي. هير تون ماڪ نئون سبق سيکاري ٿو."

”ڏهيو ڏهيو، هائي بڪ نه ڪر.... بد تميز. آفيسر سان ڳالهائڻ جو ڍنگ به ڪونهيس.... نڪري وڃ ٻاهر ته ڪريانءِ نه ڊس مس."

”ٺيڪ اٿئي بابا، ڪريس تون ڊس ميس. مان ٻئي هير جو هير توکي ڏسي ڇڏيندوس!"

عجيب بيوقوف ماڻهو آهي. آفيسر کي آفيسر سمجهي ئي نٿو....! هنن کي ڪو مڙس ماڻهو آفيسر ڳڏيو ئي ڪونهي، تڏهن ٿا چيڳرايون ڪن. هنن کي ڪري ڏيکارجي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺ ته آهي....

ڪو خيال ايندي ئي ڏڪي ٿو وڃي. دروازي تان جهٽڪي سان پردو هٽيو، زوم سان سومار اندر داخل ٿيو، ۽ جهنگلي چيتي وانگر جهٽ ڏيئي، ٻئي هٿ ڪٺي هن جي ڳچيءَ ۾ وڌائين.... ! هن جو ساهه منجهي ٿو، آواز نٿو نڪريس. گهوڙا گهوڙا ڪري ماڻهن کي گڏ ڪرڻ چاهي ٿو، پر نڙي گهٽجي ويئي اٿس. سومار جا هٿ سندس نڙيءَ کي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ گُهٽيندا ٿا وڃن. هن جا دوڏا نڪري پيا آهن. واڇن مان گف ٻئي وهيس ساڏو ٿي فرش تي ڪري پيو آهي . ڇُري به ڪونه ٿو. هن جي موت جو سواءِ سومار جي، ڪنهن کي به علم ڪونهي. ڪوبه شاهد يا گواهه ڪونهي . اوچتو سومار رڙيون ڪندو ٻاهر نڪري ٿو. ”صاحب کي الائجي ڇا ٿي ويو آهي !!“ آفيس ۾ ٻيچ ڊڪ مچي ويئي آهي. هرڪو مصروف آهي پاڻ ڇڏائڻ ۾. پنهنجو دامن بچائڻ ۾ — ٽائي ۾ رپورٽ، پوليس جي جاچ، ايمبولنس، سول اسپتال، مارچيوئري، پوسٽ مارٽم وڍ ٽڪ، ڊائيسيڪشن هال، سيڪرات ڊاڪٽرن جو ميڙاڪو، پروفيسر جو ليڪچر، هڏين ۽ عضون تي سمجهاڻي، اونڌو ڪن، مڏو ڪن، سندن ئي مرضي. مرڻ کان پوءِ سک ملڻ واري آس به، سواءِ دوکي جي ڪجهه ناهي . .. حد ٿي ويئي!

سومار جهڙن لاءِ ماڻهو مارڻ ته ڪو مسئلو ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوڙ پيو پڌجي. هو ڪنائيءَ لڳي ٿو. آواز سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سومار جو آواز صاف پڌجي پيو.
”اڙي! مان ڪنجر هئي، هن سنڌ جي چوهي جون انتڙيون ڪڍي ڇڏندوس.“

اڙي! خنجر بابت ته هن سوچيوئي ڪونه هو. پڪ سومار وٽ ڪو خونخوار قسم جو خنجر موجود آهي. هو طوفان وانگر ڪمري ۾ ايندو ۽ خنجر ڪڍي وچ وانگر هن تي ڪرندو. هڪ ئي وار سان هن کي هڏي پورو ڪري وجهندو. پر .... پر پوءِ به شايد باز نه اچي، ڪاساڻيءَ وانگر خنجر سان سندس سمورا عضوا وڍي ٽڪي ڪتر ڪري رکندو — توبه! ڪيڏو نه جلاد آهي سومار! گهوگهو ڏيئي سڪون سان مارڻ بدران، ڪيس خنجر سان چيري ڦاڙي، رتوڇاڻ ڪري مارڻ ٿو چاهي.
توبه ... حد ٿي ويئي!

نه بابا نه — نه گهرجي ههڙي نوڪري. هن ڪان ته هوند لنگهڻ تي رهجي اهو به چڱو آهي. باه ڏجي اهڙي نوڪريءَ کي، جنهن ۾ سر ڏيڻو پوي! نوڪري هجي اهڙي، جنهن ۾ پگهار گهٽ ڀلي سهي، پر عزت هجي. سک ۽ سڪون هجي. بس، هڪڙي پيري رکو خير سان هتان نڪري، وري ته هيڏانهن منهن ڪري ويهندو به ڪونه —

اهي سڀ آئينديءَ جون ڳالهيون آهن، پر هينئر هن راڪاس جي منهن مان ڪيئن بچي نڪري؟ ڀڄي وڃي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چرڪجي ٿو پوي! بڪ، آنڊن مان سُري، نڙيءَ ۾ اچي گهڙيس ٿي. جسم جو ذرو ذرو جوهه پاڻي هوٽل ۾ وڃڻ ٿو چاهيس. پاڻ به چاهي ٿو ته جيڪر وڃي!
ڪيسا قلهوري ٿو. ڏهه پئسا. چانهن لاءِ ناڪافي، مانيءَ لاءِ به اڻپورا. شايد اڦراٽوڻي ملي وڃيس. آس ۽ نراس جي گڏيل ڪيفيت سان هوٽل ۾ داخل ٿئي ٿو. ڪائونٽر تي ڏوڪڙ رکي ٿو:
”هڪڙو اڦراٽو.“
”پنجاهه پئسا!“
ملباري نوٽ ڳڻندي، هڪ نظر ڏوڪڙن تي وجهي چوي ٿو. ۽ هو ملباريءَ جي منهن ۾ گهوريندي، ڪائونٽر تي رکيل پاولي ۽ ڏهه پئسي کڻي ٻاهر نڪري ٿو. ڪيس لڳي ٿو ته هو هوٽل مان نه، پر ڪائنات جي حدن مان ئي نڪري، ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي پهتو آهي، جيڪا خدا جي قوت ربوبيت کان ٻاهر آهي!
هلي پيو فٽ پاٿ تان. هلي ٿو پيو، مُڙندي بہ گهلي پيو. ڏسي ٿو: اوچيون اوچيون بلڊنگون مختلف آفيسن ۽ ڪمپنين جا ٺڪيل وڏا وڏا خوبصورت بورڊ ۽ بئنر. آفيسون، جن ۾ ڪنهن عرصي تائين نوڪريءَ لاءِ ڌڪا کاڌا هئائين — آفيسرن جا بي نور ۽ مڪروه چهرا ۽ سندن چيڀاٽ لفظ، جيڪي نانگ جي زهر جيان، جسم جي ذري ذري ۾ ڦهلجي ويندا هئس، ۽ پوءِ دل تي ترڻ لڳندس ته:

”سنڌ ڇڏي، ڪراچيءَ ۾ اچي لڪا-ون، ته به تو جهڙن مان جند نه ڇٽي. شل نه خبر پوندو ته ڪو آفيسر سنڌي آهي. اصل رت پي ويندوَس!“

”سنڌي آهين ته مان ڇا ڪريان. مون ڪو يتيم خانو نه کوليو آهي جو تو جهڙن ڪنگلن کي ويهي ڪارايان!“

”مهربان تنگ نه ڪر، نڪري وڃ ٻاهر. نه ته پٽيوالي کي گهرائي، ڌڪا ڏياري ٻاهر ڪڍندوسانءِ!“

”ميان وڃي ڪا ٻئي پاري جي ڪر. هئي ڌڪا کائي کائي مري ويندين، ورنديءَ ڪجهه ڪونه.“

لفظ متڙرڪا ٻنهي ذهن تي لڳنس ٿا. نٿو وڃي ڪنهن آفيس ۾....

پلازه سئنيما ۽ تبت سينٽر جي وچ تي اچي بيهي ٿو رهي. آس پاس ڏسي ٿو. بندر روڊ، لارين، موٽرن، رڪشن، ٽيڪسين ۽ ڪارن جو ڇوليون هڻندڙ سمونڊ. اربين رپين جي متحرڪ جائيداد. سامهون، اپ کي ڇهندڙ رمپا پلازه ۽ پاسي ۾ نگاهن کي ڇڪيندڙ تبت سينٽر....

سڀ انسانن جا آهن، انسانن لاءِ آهن. ۽ هو آهي، جو جهڳي کان محروم، ماڻيءَ لاءِ محتاج. قدرت وٽ به ڇڻ هن جي لاءِ ڪي اچي ڪوٺ پئي آهي.... حد ٿي ويئي!

پئي هٿ منهن تي ڦيرائيندي، اکيون به اکهي ٿو ڇڏي. آخر ڪيترو وقت بيٺو رهندو. ڪيس هلڻ گهرجي — هلڻ چاهي ٿو. پيرن ۾ ست ڪونهيس. پير گهلي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ويندو ڪٿي؟ ڪائي خبر ڪانه اٿس. بس، هن جا پير رڙهندا ٽا وڃن. ۽ هو ڳهلبو ٿو وڃي.... هيڏي ساري شهر ۾ به ڄڻ اڪيلو آهي. ڀٽڪي پيو ڪنهن ويراني ۾. سڄو ڀڳهرجي پيو آهي. ڪپڙا به ڀڳهر ۾ ڀسي ويا اٿس....

هاڻي نه هلي ٿو نٿو سگهي. هلي ته ڇا، ڳالهائي به نٿو سگهي. ساڻو ٿي پيو آهي. ڪيرو ٿي پيو آهي. ويهڻ ٿو چاهي. ڪٿي ويهي ڪپهرجي. نه ته شايد ڪري پوندو. ٻڏي پري پوندو. ڪيس ويهڻ ڪپهرجي — ڪرسيءَ تي ڪري پيو آهي. اڪيون پورجي ويون اٿس. ڪنهن جي پيرن جو دڪو ٻڌي اکيون کولي ٿو.

در تي بيٺل سومار، سلام ٿو ڪري— پر هو ٻنا ڪنهن تاثر جي، مجذوبن وانگر اکيون ٽمڪائي ڪيس ڏسي پيو.... ❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سمنڊ ۾ وسندڙ ڪڪريءَ ۾ ڪٽل اکيون

مان هميشه هن ئي Bus stop تان چڙهندو آهيان. هتان چڙهندڙ گهڻو ڪري سڀئي مسافرن کي منهن مان سڃاڻان ٿو، پر اڄ هيءَ "دشمن" شيءِ پيدي ڏسجي. هن علائقي جي نه لڳي ٿي ڪانه ٿي. آهي به اڪيلي، پر ڪيڏي نه اعتماد سان بيٺي آهي. ڄڻ ڪنهن ٽي اڪ ئي ڪانه ٿي پڏيس! سگهي ٿوندي، نه ته اٿس چا. منهن ته ڏسينس. مان ته جيڪر في سبيل الله به نه ڏسانس ـــ ڏسڻ لاءِ به مهانڊو کپي، سونهن کپي، ڪشش کپي، جيڪا جذبن کي آماده ڪري. هن ۾ آهي ئي ڇاجو ڏسجيس.... باقي ساڏين بادي واه جي اٿس! مٺيرو قد، ڀورو پتو جسم، ڪلهن تائين ڪٽيل وار، ڄڻ Tannis جي Player هجي.

ڪپڙا نه ڪيڏو نه ڍهنس پيا. وهوا. هلڪي گلابي رنگ جي شلوار قميص ۽ دوپٽي تي black Printed جي ڍڳهي چادر ته هيڪاري خوبصورت ڪري Irish ڇڏيو اٿس. جي! خوبصورت؟ نه نه، Smart. ها، Smart.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجڻ جي صورت ۾ هوٽل ڏي اها واحد Location آهي. جتي اهو سڀ ڪجهه ممڪن آهي.

هاڻي ته سچ به ساڙي پيو، مٿان هلي نه وڃي، منهنجي خيال ۾ مونکي ڪالهاڻڻ گهرجي. ها يار، وڌيڪ ترسڻ فضول آهي. ڪالهايانس؟ دل نه گهٽوڙي چاهي پڻي پر هي جي به ڏي ماڻهو بيٺا آهن، سي ڇا سمجهندا؟ ڪارو منهن ٿئين نڪو ٿا وڃن نڪو ٿا جند ڇڏين. خواه مخواه جي مصيبت.

اڇهو سائين. هڪڙي ڪار، هن جي پر ۾ اچي بيٺي آهي. ڪار هلائيندڙ ڪجهي جي جن جهڙو جهپ ڏاڙهيءَ وارو هيو، دريءَ مان منهن ڪڍي هن ڪي ڪجهه چئي پيو. شايد گاڏيءَ ۾ ويهڻ لاءِ چويس پيو. ڇوڪري ويچاري حياءَ کان منهن ڦيرائي بيٺي آهي. پر هو جند نه پيو ڇڏيس. ڪيڏي نه بي شرميءَ سان چتائي پيو ڏسيس. ڇڻ اڪين سان ڏي ڳيهي کائي ڇڏيندس! وڏو ڪو ذليل آهي. ڏسجانءِ، اڇهو تو پوندا کائي ڇوريءَ هٿان. اهڙو خوار ٿيندو جو راڄ ڏسندس.

”ڪمينا توکي شرم ٿئو اچي، هڪ شريف ڇوڪريءَ کي ڇيڙيندي، وڃي پنهنجي ماءُ پيڻ سان عشق ڪر. بي شرم ڪٿي جا. هي پوندا نه وٺ!“ پل نه ذليل ٿئي اهو آهي ڏي ان لائق.

اڙي! اڙي! هي ڇا؟ ڇوري به نيٺ مرڪي پئي آهي. ڏس نه ڪيئن نه ڏندڙا ڪڍيو پئي ڳالهائيس. شايد

پٽر؟ هان؟ سير ڪن جيڏو ڪو ٺاهوڪو پٿر ڪٽي مٿڪي تي وهائي ڪيائنس. رڙ ڪري ڪري پوي، بيهوش ٿي وڃي. ۽ مان چوريءَ کي ٻانهن کان جهلي، محلي جي سوڙهين گهٽين مان لڪندو، ڊوڙندو، ڪيڏانهن نڪري وڃان. نه داد نه فرياد، نه شاهد نه گواه. ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته ڪنهن ماريو اٿس Adventure جو Adventure به ٿي وڃي، چوريءَ تي به رعب ٿي وڃي. پوءِ ته لالا پير ڌوئي پيئندي. پر ڪهڙي خبر. اهو به ممڪن آهي ته هوءَ کي اچڻدو ڦٽڪندو ڏسي ڪيس ان سانڍي همدردي ٿئي، ۽ ”قاتل قاتل“ ”پڪڙو پڪڙو“ چئي، ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي هٿان مون کي جهلائي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏي.

اي ڏهيو ڏهيو. ڏٺي مون تنهنجي دوراندیشي. پنهنجي ڪڙڪي کان به ونءُ ٿو وڃين، تون ٿو عشق ڪرين. هوءِ ان جو پٽ چوريءَ جو مامون ته ڪونهي جو ساڻس همدردي ڪري. واٽ ويندي ڪلي ڳالهاياڻينس ته ڇا ٿي پيو. اڄين ته ڇوڪرين سان ڳالهائڻ لاءِ هرڪو تيار آهي. ته ڇا هر ڳالهائيندڙ سان ڇوڪريءَ کي همدردي ٿيندي آهي؟

اڄهو، هن مون ڏي ڏسي، مرڪي منهن ڦيرائي ڇڏيو آهي. شايد هوءَ کي ٻڌائي پئي ته مان صبح کان وٺي هن لاءِ ڳگ وٺو ڳاڙيان، پر ساڻس ڳالهائي نه سگهيو آهيان. شايد مون کي بزدل به چوي. هڪ نظر

مون ڏي ڏسي، ٻڌي ٺهڪ ٿا ڏين. ڇو مون تي ڇٽرون ڪندا هجن. ڏاڍا خوش پيا ڏسجن. ها بابا، ٺهي وڃو جي خوشي اٿن.... پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. انهي گراهڪ کان ته هوند ٻڏي مري ڍڪڻ جي ڍڪ ۾.... اڙي، هي ته سچ پچ ٺهي ويا آهن. ڏس ڏ، هن گاڏيءَ جو اڳيون در کوليو ۽ هيءَ مرڪندي سندس ڪڇ ۾ گم ٿي ويئي آهي. وينديون وينديون منهن ڦيرائي مون ڏي ڏسي ٻنهيءَ ڀرپور ٺهڪ ڏنو آهي. جنهن اندر ۾ ڇوليون هڻندڙ خوشين جو درياهه، ڇپن جا بند ٽوڙي ڦاٽ ڪاڍي ٻاهر نڪتو هجي.

ڪيڏي نه بيوقوف ڇوري هئي. رڳو گاڏي ڏسي هر ڪجي پئي. ٽوڙ وڃي پائي، منهنجو ڇا وڃي. پاڻهي ٻه ڪو ڪاڏي پڇتائيندي. اهو ڪنگلو جيڪي نوٽ ڳڻي ڏيندس سي به دنيا ڏسندي. اهو حرامي ته سگهڻ دلاسن تي، ڪمند جي ڳتري وانگر چوپي چوسي، ڦوڦو ڪري ڦٽو ڪندس، پوءِ ڇا رهندس منهن ۾....!! *

# سڪون جي تلاش

گذريل ستن سالن کان ڪراچي، لاهور، پنڊي ۽ ڪوئيٽا جهڙن شهرن ۾ ڪم ڪندي، هاڻ ته سچ پچ ٿڪجي پيو آهي — لاڳيتين مصروفيتن، فڪرن ۽ زندگيءَ جي ٽڪڙي وهنوار جي ڪري، جوانيءَ وارو جوش جهڪو ٿي ويو اٿس. اڳي ته هر موضوع تي ڀرپور بحث ڪندو هو، هاڻي ڳالهائي گهٽ ٿو، ڀڏي وڌيڪ ٿو. ضرورت پوڻ تي مختصر لفظن ۾ پنهنجي راءِ ڏيو ڇڏي .... ان قسم جي سوچن ۽ فڪرن جو سندس صحت تي به اثر پيو آهي. منهن تان ماس رڙجي ويو اٿس. وارن جا قلم سفيد ٿيڻ لڳا اٿس، ڪنن ۽ ڀرن جا وار وڌيڪ ڊگها ۽ گهاٽا ٿيندا ٿا وڃنس. نراڙ تورڙي اکين جي ڀوڇڙين وٽ گهنج پئجي ويا اٿس. ٿورو ٿورو گنجو به ٿيڻ لڳو آهي.

دراصل عمر کان وڌيڪ، ذميدارين، لاڳاپيل ماحول، روزمره جي ڏيتي ليتي ۽ ناقص کاڌو به انسان کي جلدي ٿڪائي وجهندا آهن. هر وقت مٿي ۾ هلڪو هلڪو سور هجڻ، جسم جو ٽٽڻ، بک نه لڳڻ، ڪم کان بيزاري، طبيعت ۾ رڪاوٽ جهڙيون ته علامتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. ۽ ان قسم جي ڏکاوٽ دور ڪرڻ لاءِ، سرڪار پنهنجن ملازمن کي هڪڙي مهيني جي بنيادي پگهار ۾ پندرهن ڏينهن جي موڪل ڏيئي، تفريح لاءِ موڪليندي آهي ته پلي گهمي ڦري نوان سنوان ٿي اچن – هن گهڻو ڪري اها موڪل، ايبٽ آباد، ڪوه مري ۽ زيارت جهڙن تفريحي جاين تي گذاري، پر انان ڪڏهن به خوش ٿي نه موٽيو.

اتي جو ماحول، منهن طبقي جي بيمار ۽ روڳي پوڙهن لاءِ مخصوص ٿي ويو آهي. هر هوٽل، هر هاسٽل ۾ اهڙا مريض نظر ايندا، جن کي ڊاڪٽرن آبهوا جي تبديليءَ خاطر اوڏانهن وڃڻ جي صلاح ڏني هجي – ڪو دم جو مريض، ڪو دل جو مريض، ڪو سلهه جو مريض ته ڪو بلڊ پريشر جو پيشنٽ. ۽ هر پيشنٽ سان تيمارداريءَ جي بهاني، ٻه چار ماڊرن قسم جون چڙواڪ ڇوريون ڇورا ته هوندائي آهن، جن کي مريض جي جيئڻ يا مرڻ جو فڪر گهٽ، پڪنڪ پوائنٽس تي بواءِ فرينڊ يا گرل فرينڊ سان ملڻ جو شوق وڌيڪ هوندو آهي.

هر نوجوان جي چهري تي اڻ وڻندڙ مصنوعيت ڦهليل هوندي آهي. ڇوڪرا ڪاڏو بواءِ ٿيڻ جي شوق ۾ مست، ڇوڪريون راڪيل ويلچ بنجڻ جي جنون ۾ ورتل.... ماڻهوءَ جو ذهن، سوچ، لباس، رهائش، ڪاڏو، انداز، مقامي گهٽ، يورپي وڌيڪ ٿو لڳي. اٿين ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ پڇي ٿو تہ ڪيڏانهن ويندي. مائٽڙي ڪري چڙهي ٿو پوي. جيتوڻيڪ جاءِ جي تنگي آهي. پر هن کي جينز جي پتلون ۽ جيڪٽ ۾ ڏسي، ڪو چڱو اجنبي سمجهي، گوناٽا سري کيس جاءِ ڏين ٿا. هو خاموشيءَ سان ويهي گوناٽن جون دلچسپ ڳالهيون ٻڌندو رهي ٿو .... ننڍيڙي سڙوڪي سگهوٽي مائٽن سان ڀنجي وڃي ٿي. اڳيون سامهون وارين سيٽن تي تہ ضرورت کان وڌيڪ ماڻهو آهن ئي، وچ ۾ رکيل سامان جي بورين تي بہ ٽڪي ڏوڻي ماڻهن کي ويهاريو پيو وڃي – پن جي بيڙين ۽ سستن سگريٽن جي دونهين جي ڪري پوسٽ وڌي ويئي آهي. ڪنگهہ ۽ ڇڪن جو ٺڪاءُ لڳي ويو آهي. پگهر جسم تان ريلا ڪري وهي پيو. ماڻهو ٽوالن جي پلئہ سان هوا ڪن پيا، پر ڪو فرق نٿو پوي. بيزاري وڌندي پئي وڃي. گاڏين جي نظام ۽ ڊرائيورن جي سلوڪ بابت بحث ڇڙي پيو آهي، اوچتو ڪنڊيڪٽر تي نظر پوندي ئي ڪو رڙ ٿو ڪري:

”اڙي ابا هاڻي هلايوس ڪٿي، رڳهہ ۾ ساهہ ٿو وڃي.“

”چاچا اڃان ڪيٽن هلائيندس. هيترا ماڻهو تہ اڃا ڇت تي بہ ويهاريندو.“

”ڇت بہ ڀري پئي آهي، پر هن جي بک لهي تہ. هن کي گهرجن ڏوڪڙ. پوءِ ڪير مري، ڀلي، ڪٺس پاڳپ.“

”ڏوڪڙ تہ ويندا مالڪن جي کيسي ۾، ٻاپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڇا ملندو.“

”بروبر، پر ٻليور مالڪن ڪي وڏي ڪيئن؟“

”هائو هائو حاجي، سچو آهين. اها ڳالهه، وري به ڪر.“

”اڙي ڪليندر، سڌ ڪر تو واري استاد ڪي، مرون ٿا.... اسان ته سوڙهه سڪوڙ جا هيراڪ آهيون، هي صاب ويچارو ڏکيو پيو ٿئي. حاجي گلڻ همراه کان خبرون چارون ته وٺ.“

”نه ياڻو. الاهه ڪير مڙس آهي، متان دل ۾ ڪري. جي هليو پاڻ ڏي ته پوءِ بلاشڪ خبرون وٺبس.“

”سندي ته ڪونه ٿو لڳي.“

”هوندو ڪو ’واهه‘ جو ڪامورو.“

”اڙي ابا هلايوس، ماڻهو ٿا مرن .... استاد ڪٿي گم هئين. هتي ته ماڻهن جو ساهه سٽ ۾ اچي ويو. هاڻي دير نه ڪر پيلي، گاڏي هلاءِ.“

”هلون ٿا چاچا، هلون ٿاه. ٻه ٽي ماڻهو ته اچن، تيل جو خرچ ته نڪري.“

”هي هيتري خلق ويٺي آهي. اچا تيل جو خرچ به نه نڪرندو! انصاف تڙ ڪرين ابا تون به، ايڏي پڪائي به چڱي ڪانهي. گهڻو الله ڪندس، حيلن سان ڪو نه ٿيندو.“

”چاچا، جيتري جاهه آهي، اوترا ماڻهو ته ڪٺي ڏيو صبح شام ٻيچ ٻچان ۾ آهيون ڇمن ڏوڪڙن لاءِ، اس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سڙي سڙي ڪارائجي ويا. آهيون، تڏهن بہ نتا سهو .... پنهنجو تہ روپيو بہ اسان کان لتاڙيو ٿا وٺو، باقي اسان کي پنسي جي ...."

"اي ڏهيو استاد، گرم نہ ٿيءُ. ويهہ گاڏيءَ ۾ تہ سوجهندي ڳوٺ پڄون .... ماڻهن کي ڊور ڊڪي جي بہ ڪرڻي آهي ...."

ڊرائيور گاڏيءَ ۾ ويهي ٿو. ڪنڊڪٽر گاڏيءَ جي باڊيءَ تي زور زور سان ڌڪ هڻي هوڪا ڏئي ٿو. ڊرائيور 'بسم الله' چئي چابي گهمائي گاڏي اسٽارٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر نٿي ٿئي. ڪنڊڪٽر منهن پيلو ڪري مسافرن ڏي ڏسي ٿو.

"يار ٻہ ٽي همراهہ لهي ڌڪو ڏيو تہ گاڏي چالو ٿئي."

"هينئر ڪانڊي ڌڪا ٿي ڏياري تہ اڳتي الائي ڪهڙو حشر ڪندي!"

"بس رکو چالو ٿئي، پوءِ بند نہ ٿيندي .... اچو يار، ڏسو ڇا ٿا، هونئن دانهون ٿا ڪريو تہ دير ٿي ٿئي."

"حاضر يادُو، وڙهہ نہ، اچون ٿا."

"چار پنج همراه لهي ڌڪو ٿا ڏين. گاڏي رڙهي رڙهي نيٺ اسٽارٽ ٿئي ٿي. ڪنڊڪٽر هلندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهي، آخري هوڪا ڏيندو هلي پيو. ٿورڙو اڳتي روڊ جي ڪناري بہ ٻاڪڙيائيون ڇوريون، گاڏيءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيهارڻ لاءِ اشارو ڪن ٿيون. ڊرائيور گاڏي جهلي، اڳئين سيٽ تي ويٺل ماستر ٿاڏيپ همراهن ڏانهن ڳالهائيندڙ نظرن سان نهاري ٿو. پر هو ڳالهه سمجهندي به خاموش ويٺا آهن. چڙ ڊرائيور ڏانهن خيال ڏي ڪونه اٿن.

”يار معاف ڪجو، ٻچڙيوال ماڻهو بيٺا آهن اوهين هلي پوئتي ويهو.“

”پوئتي جاءِ ڪٿي آهي. اتي ته اڳيئي ٻڪر پوسات لڳي پئي آهي. جاءِ ڪانهي، خبر به اٿئي، پوءِ گاڏي ڇو بيهاري اٿئي.“

”هرون پرون ضد نه ڪريو، اوهين مرد ماڻهو آهيو، ڌاري تي بيهي به هلي پهچندؤ، هي مايون ويچاريون هيڏانهن ڪيڏانهن وينديون....“

”نه بابا.... جي ايڏوڻي ٻچڙيوالن جو لاچار اٿئي، ته پوءِ اسان کي اڳيان ڇو ويهاريو اٿئي؟“

”اوهان کي ويهڻ ڏيان ٿي ڪونه ها، منهنجي اچڻ کان اڳي ئي چوري ويهاري ڇڏيو ٿو.... لهو ته يا گاڏي بند ڪريان....!“

”تنهنجو ڏوهه ڪونهي پيءُ، باگڙياڻيون ڏئيون اٿي ڏاهوڪڙيون، گوڏا گسائيندو وينديون.“

”اچا ڳالهه نه ڪر جوان، هرڪو ٻچڙيوال آهي.“

”خبر ٿئون خبر. ايڏا پورڙا ڪونه آهيون.... يار لهه ته لهون ـ انهيءَ کان نه چڙهون ها ته چڱو اجائي بي عزتي ٿي....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو لهي وڃي ڊالي تـي ٻيھن ٿا . گاڏي مين روڊ تان لهي، ننڍي روڊ تـي اچي ٿـي . اکڙيـل روڊ جي کڏن کوٻـن ۽ جهٽڪن مان جمپ کائيندي، مسافـرن کي ڇڪيون وجهندي، هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي سامهون اسٽاپ تي اچي بيهي ٿـي . ڊالي تـي ٻيٺل ٻئي جـوان لهي ، وڃڻ لڳن ٿا . ڪنڊڪٽر اچي ڊرائيور کي دانهن ٿو ڏئي .

”استاد، هنن ماڻهن ٻه روپيا ڏنا آهن.“

”ڇو؟“

”چون ٿا پنڌ ٿورو آهي، ڊالي تي ٻيهي آيا آهيون. ٻه روپيا کوڙ آهن .... چون پيا تـه رنن آڌو استاد اسان جي بي عزتي ڪئي آ....“

ڊرائيور کي باهه وٺيو وڃي. وڏي وات سڏ ٿو ڪرين:

”جوان، ڏوڪڙ نه اٿوَ ته هي ٻئي روپيا به کڻيو وڃو ، ڪم ايندوَ.“

”ڀاڙو ڪهڙو ، دس تي اچي لٿا آهيون جو وڏيڪ ڏيونه - سڄي رستي جو ڀاڙو به ٻه روپيا، ته رستي جي چوٿين پتيءَ جو ڀاڙو به ٻه روپيا .... ظلم آهي ٻيو ....“

”يار جي اهڙا ليکا ٿا ڪريو تـه پوءِ ڇانهن پيٺل لاءِ شهر نه وڃو. گهر ۾ ويهي ٻاجهريءَ جي رب پيٺو رب ...!! هرون پرون اڇا ڪپڙا ۽ ٽوپيون ٿا لڳايو.... پڌڙي ڇورا، جيڪو ٻـن روپين کان گهٽ ڏئي، ڳلي کان جهلي ڌڪا ڏيئي، گاڏيءَ مان لاهي ڇڏينس. اڙجي

ڙيا آهيون ڪنگلن مان ....“

هو ٻڙ ٻڙ ڪندو گاڏي اسٽارٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر نٿي ٿئي.

”چورا ... ڌڪو ڏيار ....!!“

”ابا خير ته آهي، هر اسٽاپ تي ڌڪو ٿو ڏيارين. ٻنهي اهڙي مرضيل آهي ته پوءِ هلايوس ڇو ٿا. ڇڏيوس ته ڳوٺ ٻيئي ڊوڙ پائي. ماڻهن کي ڏکيو ته، نه ڪريو.“

”پاڻو اهڙو شونقين آهين ته، پوءِ پنهنجي ’ٽوٽا‘ وجي وٺ. هتي اهو حال ٿئي.“

”تو واري گاڏيءَ ۾ چڙهڻ کان ته ٻڏي مرجي ... پاسينگر کي ٻچڙو ڪيو ٿا ماريو.“

ڌڪي کان پوءِ گاڏي اسٽارٽ ٿئي ٿي ايندڙ اسٽاپن تي ماڻهو لاهيندي، کي هيڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو کڻندي، آخري اسٽاپ کان ٿورو اڳي، ٻنا جهلڻ جي گاڏي بيهي ٿي رهي.

”ابا وري ڇا ٿيو ....؟“

”لهو بابا تيل کٽي پيو!“

”استاد باقي پنڌ ڪيترو آهي جو تيل کٽي پيو .... ايمان ڪر، هلي پڇنداسون.“

”چاچا، تيل آهي ئي ڪونه، ايمان ڇاتي ڪريان هيستائين آندوٽمانو، اڳتي هلندي مون کي ٽپ ڪونهي ....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”يار تنهنجي ڪناري ۾ چڙهڻ ني چُـڪ آهي. جان ڏڪو ٿو ڏجي - جان تيل ڪونهي - ٻيون گاڏيون به هلن ٿيون، رڳو تنهنجي گاڏيءَ ۾ مصيبت ڇو آهي.... اڳتي لاءِ پاڻ توبان ڪئي چڙهڻ ڪان."

”اٿين نه ڪجانءِ يار، اسان ٻڪ مري ويندا سون .... سچا ڏيهه جا، ڳوٺ ۾ ڪير ڏڪي جون ٻيڙيون به اوڌر تي ڪونه ڏئين، اسان وٽ اچيو وڏيرا ٿيو روب ڪن. جهلي نڙيءَ ڪان مڪون به ٽي چڪي ڇڏجن، پوءِ ديکا جائنگا ...."

مسافر لهي، پنڌ ٿا پون - ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر تيل پنڻ لاءِ ڪنهن گاڏيءَ جي اوسيئڙي ۾ ويهي ٿا رهن.

سامهون ٿورڙي پنڌ تي روهڙي ڪئنال ڇوليون پيو هڻي. هن کي پاڻ سا گڏ هلندو ڏسي، حاجي ڳالهه ڳالهائڻ مناسب سمجهي ٿو:

”بابا سائين ڪير جوان آهين، ڪيڏانهن پيو وڃين – ٿورڙيون خبرون ٻڌائيندين؟"

هو پنهنجي لڙل ڀڳـل سنڌيءَ ۾ جواب ڏئي ٿو، جنهن جو مطلب آهي:

”سائين مان ڪراچيءَ جو رهاڪو آهيان. سنڌ جا ڳوٺ گهمڻ جي ارادي سان نڪري پيو آهيان .... ڄاڻ سڃاڻ ڪنهن سان به ڪانه اٿم. جتي جاءِ ملي، اتي رهي پوندس."

”جايون ڪوڙ بابا، جايون لک – ٿـون مون وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو آهين ڪهين مقام جو چهرو!"

ڏينو ست ڏيئي ڪليءَ ۾ ڏنگيل بتي لاهي، گوڏ جي پلئه سان ڪاڏو ماڃهي. اڃا تيلي مس ٿو ههٽي تـ حاجي وري رهڙ ٿو پڻيس.

"واڏڙا، جهٽ ڪر، ڪٺونرو ٻاڏي ٻيري، منجي رکي، صاحب جا هٿ منهن ڌوئار — سائين هي آهن اسان جا غريباڻا ڪک، اسان جـون اکيون، تنهنجون لتون. ٻلي پيو لتاڙ.... ڪابه شيءِ شڪل ڪپڻي تـ حڪم ڪري وٺ. اهو نوڪر ويٺو اٿيي، ٻاڻهي دوڪان تان وٺي ايندو. متان حجاب ڪري نـ گهربن!"

"مهرباني سائين، مهرباني."

حاجي گهر ڏي نڪري ٿـو وڃي، ٿوريءَ دير ۾ ٻاجهريءَ جـون مانيون، ٻالڪ جي ٻاڇي ۽ ڪير جي چٺونري ڪٺي اچي ٿو.... ان وچ ۾ صاحب ڪپڙا بدلائي شلوار قميص ٻاڏي ويٺو آهي. ڪٽ تي ماني رکي، حاجي ٻاڻ بہ چڙهي ويهي ٿو. ٻاڇيءَ تان ڏڪ لاهيندي نماڻائيءَ سان چوي ٿو:

"بابا سائين، جيڪو حاضر مليو، سـو ڪٺي آيس. اول خـيـر، سياڻي شهر مان ٻـوڙ ٻاڙيءَ جو سامـان گهرائي وٺبو."

"سائين منهنجي ڪري ڪابہ تڪليف نـ ڪريو. جيڪا ماني روز کائيندا آهيو، مون کي اهائي کارايو. در اصل منهنجو هتي اچڻ جـو مقصد ئـي اهـو آهي نـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪيترن سان پريو پيو هو....!!!

سوچي ٿو، جتي بندوق پهتي، بارود پهتو، سڪون ختم ٿيو....! هو ٿلهي دل ۽ مٺل وڪن سان اوطاق ڏانهن موٽي ٿو. حاجي سندس انتظار ۾ هو.

”ڪيئن ٿو ڀانئين صاب. وڻيو ٿئي اسان جو ملڪ؟“

هو بنا ڪنهن گرمجوشيءَ جي ڪٽ تي ويهي ڊگهو ساهه ٿو کڻي. حاجي پنهنجو سوال ٻيهر ٿو پڇي.

”صاب، مون چيو وڻيو ٿئي اسان جو ملڪ، نه؟“

”پهرئين ڏاڍو وڻيو، پر هاڻي نٿو وڻي.“

”ڇو صاب، خير؟“

”هيڏو ماحول، هيڏي فضا، قربائتا ماڻهو، قدرتي هوا، ساوڪ، محبت، خلوص، مون ڪٿي نه ڏٺو. پر هاڻي ڏٺم ته سڪون هتي به ڪونهي. هتي به بندوق پهچي ويئي آهي، بارود پهچي ويو آهي. ڪوس ٿئي پيو....“

”اڙي ها ها، سمجهي ويس، صاب اهو ته رئيسن شڪار پئي ڪيو. پئي ڪنهن کي ساهه ڏي ڪونهي جو بندوق کڻي گهمي.... مڙئي ڪڏهن ڪڏهن شونق ڪري شڪار تي ايندا آهن. جاگير پنهنجي ٿن. ڏاڍا آهن. ڪير جهلين.... هوئن جتي جيترا ماڻهو هوندا، اتي ٿوري گهڻي ڏڪا ٺوڪي ته ٿيندي پئي....“

”مون وٽ سک ۽ سڪون جو جيڪو تصور آهي، ان ۾ ڏڪا ٺوڪيءَ جي ڪائي گنجائش ڪانهي. هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي ملڪ جا ڪومايل گلاب چو نئا نظرن جا مرڪز بڻجي سگهن. ڇو نئي هنن جي اهميت تسليم ڪئي وڃي. دنيا جي ڏتڙيل انسانن لاءِ چندا گڏ ڪندڙ ملڪي تنظيمون، هيڏانهن ڇو نه ٿيون ڏسن. يونيسيف جا چندا ۽ فنڊ ڪيڏانهن ٿا وڃن. ڪير ٿو چوي ته انسان بک ۽ بدحاليءَ جي راڪاس کي قابو ڪري ورتو آهي.!!

ٻارڙا هن کي ڦري بيهن ٿا. ڇنڇهڙيون، پڇوڙيون ! ڪيون ڇنڇي ڇنڇي حيرت مان ڏسن ٿا– هو ڪئمرا ڪڍي، پس منظر ۾ بيٺل ڍورن سان گڏ سندن پڻ ڦوٽو ڪڍي ٿو وٺي، زندگيءَ جي هڪ ڪوڙيءَ حقيقت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ.

ٻارڙن کان موڪلائي اڃا ڏهه پنڌ مس ٿو هلي ته هيٺ ڪاهن ۾ ڪتن جي ويڙهه ۽ ڇهڪارڻ جا آواز ٻڌي ٿو. اڪ ڇنب ۾ هڪ ڪميت گهوڙو ڪڙهٽ ڪڙهٽ ڪندو هن جي سامهون اچي بيهي ٿو. پويان ويٺل ڏتڙيل مڙس، پڙڪي سان لهي، ڪتن ڏانهن ٻوڙي ٿو. هو ٻه ٽڪڙو ٽڪڙو اوڏانهن وڃي ٿو تماشو ڏسڻ. هڪ ٽڪل ۽ ڦٽيل سوئر ڪتن جي گهيري ۾ آهي. وڙهي وڙهي رتوڇاڻ ٿي پيو آهي. وڌيڪ جهيڙڻ جي قوت نه رهي اٿس. شڪاري، وڄ جهڙي، تيزيءَ سان مرونءَ جي پوئين ڇنگهن کي جهلي، پوري زور سان سٽ ڏيئي، ڪيرائي ٿو وجهيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”خوش رهه ڙي ڪولهي خوش رهه. گوڏو ورائي ڪتي جا پٽ، گوڏو ورائي، همراهه آيا بيٺا آهن.

گهوڙي سوار پنهنجي دلبر شڪاريءَ کي دل کولي داد ڏئي ٿو. ان گهڙيءَ پويان ايندڙ شڪارين ۽ تماشائين جو لشڪر به پهچي وڃي ٿو. هتن ۽ ڪهاڙيون، ڏنڊا ۽ ڏڦا اٿن، شڪاري پهچنديئي گوڏا ٻڌي مرونءَ تي چڙهي ٿا وڃن. هڪ محفوظ ڪرڻ جهڙو منظر آهي.

”سائين اجازت هجي ته هن شڪار جون به ڏي تصويرون ڪڍي وٺان؟“

بيشڪ. پر ٿورو ترس....“

هو گهوڙي تان لهي، ٻڌل مرونءَ جي مٿان پير رکي ارهه تڏي، هڪڙو هٿ چيلهه تي رکي، ٻئي هٿ سان ’بچ جي چوليءَ کي وٺيندي، اڳيان بيٺل همراهن کي، هٿي وجهڻ جو حڪم ڏئي ٿو.

”ها دلبر. ڪيڏ فوٽو. پر ڀهرئين ٻڌاءِ ته ڪيئن پيو لڳان؟

”سائين واه واه.“

هو مختلف زاوين کان ٻه ٽي فوٽو ڪڍي ٿو.

”پلا اهي فوٽو ملندا ڪڏهن؟“

”اوهين بي فڪر ٿيو، ملي ويندا“

جان ڇڏائي ٿو. شڪاري مرونءَ جا اڳيان پويان پير ٻڌي، ڳهٽي قابو ٿا ڪن. پوءِ ڪهاڙيءَ جي پاهي سان سنڌس واڇن مان نڪتل ”وج“ پڇن ٿا، ته جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتن کي نقصان نہ پهچائي سگهي. مرونءَ جي وات مان رت پچڪاريون ڇٽي نڪري پيو. سندس ڇيڙون ڌرتيءَ کي ڌوڏي، اپ کي ٿيون ڏارين ـ هن کي ڪنبڻي وٺيو ٿي وڃي. ساه مٺ ۾ اچيو وڃيس. ڏڪندي ڏڪندي آخري سوال پڇي ٿو.

”هاڻي هن کي ڇا ڪندؤ؟“

هي وڏي حرامي شيءِ آهي پاڻو .... هفتي کن کان اسان جي جُوءِ ۾ ڦريو پئي. ٽر جي خفتين حيلا ڪري ڇڏيا، پر ڪتا ڦٿائي ويهي رهيا صدقي وڃا رب جي نانءُ تان، جو سوپ وري بہ اسان کي ڏنائين؛ جو ڪنيو پيا وڃونس پنهنجي ڳوٺ. اتي ميڙيءَ سان پڌي ڪتا ڇڏينداسونس، ڏاڍو مزو ٿيندو. هلي ڏس تہ سهي.“

”مهرباني .... مون کي ضروري ڪم سان نڪرڻو وڃڻو آهي. نہ تہ هلان ها.“

شڪاري، مرونءَ کي ٽنگن وچان ڪاٺي ڏيئي، ڏنگوڏالي ڪري، ڪلهن تي کڻي روانا ٿين ٿا. هڪ دفعو وري ڪئمرا کولي، اهو منظر محفوظ ڪري ٿو.

”دلبر ڦوٽن واري ڳالهہ نہ وسارجانءِ.“

”فڪر نہ ڪريو.“

هو پنهنجو گس وٺي ٿو .... وڏيرڪي فطرت جو عجيب تاثر ورتو اٿس. ڪلهہ بہ اچيس پئي تہ روڙهہ بہ اچيس پيو. اهڙن واقعن بابت تہ هن پڌوڻي ڪونہ هو. سوچيو بہ نہ هئائين تہ تهذيب کان اڳ واري دور جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي حرڪتون، ويهين صديءَ جي سائنسي دور ۾ به سنڌ جي سر زمين تي ڏسي سگهندو. ”مروان موت، ملوڪان شڪار“ جو مطلب اجهو هينئر سمجهي سگهيو آهي ....

هلندي هلندي واهه جي ريگوليٽر تي اچي پهتو آهي .... پاڻيءَ جو ڌڌڪو ائين پيو پاسي، ڄڻ ڪيترائي سپر سانڊ جهاز هڪ ئي وقت پرواز تي هجن ....!! ننڍن واهن ۽ شاخن کي پاڻي ڏيڻ خاطر، وڏا لوهي دروازا لڳائي، وهڪري کي روڪي، پاڻي مٿي چاڙهيو ويو آهي. ان ڪري پل تي بيهي ڏسجي ٿو ته درن کان پويان، پاڻي پيرن کي پيو ڇهي ۽ اڳيان، ڄڻ اونهي کوهه جي تري ۾ پيو وهي .... پاڻي، سوڙهن دروازن مان پوري زور سان نڪري، سامهون پٿرائين تري سان ٽڪرائجي، پڇيل ڪپهه جي پڙين جيان مٿي اڇلجي پيو. ٿورو پرتي بيهي ڏسجي ٿو ته، ائين ٿو لڳي، ڄڻ اونهي پاتال ۾ ڪير جهڙيون رڙيون پيون نڪرن!

درن مان زور سان نڪرندڙ پاڻيءَ جو زور گهٽائڻ لاءِ، ڇتن پرائن دروازن کان ٿورو اوپر طرف، ٻيا نوان دروازا لڳائي، هڪ ننڍڙي ڇتمل جي صورت ۾ پاڻيءَ کي ورهايو ويو آهي، جيڪو پل کان ٿورو اڳتي اچي، وري اصل واهه ۾ شامل ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح نون ۽ پرائن درن جي وچ ۾ هڪ بيضوي قسم جي ننڍڙي بيٽاري ٺهي پئي آهي، جنهن جي وچ ۾ ارجن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوليس .... !!!“

ڪو ڀڙڪي ٿو. ويٺلن جي منهن تي ڇڻ هيڊ هارجي وڃي ٿي. جيڪو جتي آهي، اتي ئي پٿرائجي وڃي ٿو. ٿاڻي ۾ پيريل ۽ سپاهي اندر اچن ٿا. ڪلهن تي رائيفلون هٿن ۾ نيٽ اٿن. هڪڙو سپاهي اڳتي وڌي ٽيپ رڪارڊر کي بند ٿو ڪري. پيو منهن ۾ گهنڊ وجهي آڪڙ مان پڇي ٿو:

”اڙي ڇو ويٺا آهيو؟“

جواب ڪوئي نٿو ڏيئي سگهي. گونگن وانگر دوڙا پيا ڏسن پيا.

”اڙي وات ۾ مگ اٿو؟ ڇا جو ڳالهايو نٿا .... ڇو ويٺا آهيو؟“

”سائين، سائين هوٽل آهي ڳوٺ جي. چانهن ....“

”چانهن جا سڪا. مڇون وڏيون، موريءَ جي منهن ۾ پاڻاريدار ٽيو ويٺا آهيو ته ڪو ڪاڙڪو لنگهي ته مال وٺونس. اسان کي ڇڻ خبرئي ڪانهي اوهان جي پرڪارن جي .... هلو، صاب ٿو سڏيو، جيپ ۾.“

”سائين اسان جو رڪاٽ ڏسو. نه چور آهيون، نه چورن کي سڃاڻون. ڪئي هوٽل واري کان پڇو....“

هوٽل وارو وري ڪهڙو چڱو مڙس آهي. شرارت جو منڍئي اهو آهي. سڄو ڏينهن چورن کي نياپا پيو پڄائي .... اڙي هشيار ٿي اڳتي لاءِ. متان ڪنهن لوفر لنگ کي ويهاريو ٿئي. نه ته تون به اندر هوندين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي ڏسي هڪ سپاهي، هوٽل واري کان راز دارانا انداز ۾ ٿورو آهستي پڇيو ته:

”هي ڪير ويهاريو ويٺو آهين؟“

”واڻهڙو آهي سائين. چانهن پيئڻ ويٺو آهي.“

”ڏسجئين، متان ڪو شهري ڊاڙيل نه هجي .... ! اڄ اوهين اچا بيٺا آهيو. چڙهو نه جيپ ۾ ....“

”چو چڙهون، اسان ڏوهه ڪهڙو ڪيو؟“

”ڏوهه جا پٽ .... سوير کان وٺي توهان هڪڙوئي بڪواس پيو ڪريو. ماٺ نٿي اچئي پيئين وانگر. ليڊري پيو ڏيکاريو. هان .... سڌو ٿي، چڙهه گاڏيءَ ۾.“

سپاهي لاڳيتا ٻه ٽي نيٽ پٺن تي وهائي ته ڪيڏيس. ٻئي سپاهي ڌڪي، کيس گاڏيءَ ۾ ٻين سان گڏ ويهارين ٿا. جيپ ڊوڙ اڏائيندي گم ٿي وڃي ٿي ....

هوٽل ۾ موت جهڙي ماٺ ڇانئجي وڃي ٿي، جيڪا هن کي ڏاڍي ڀيانڪ لڳي ٿي. ڳالهائي ٿو:

”ڀائو بنا ڪنهن ڏوه جي پوليس ڪيئن ٿي ٻڌي سگهي. ڪو چوڻ وارو ئي ڪونهي ....!“

”صاب ڪير چوي. جيڪو ٿو ڪڇي، سوچڙا ٿو کائي. سو مٺي ٻه ماٺ، ته مٺي ٻه ماٺ .... تنهنجو پيءُ پڇين نه ڪو شهري ڊاڙيل نه ڪونهي ....“

”مون ٻڌو پئي. چڱو ٿئي ها جو هنن جو صاحب مون کي ٻه گهرائي ها .... مان گزيٽيڊ آفيسر آهيان. هنن جو صاحب ته مون کان گهٽ نڍو عملدار آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسان اڻ پڙهيلن کي کهڙي خبر ته ڪير نديو، ڪير وڏو .... اسان لاءِ ته جيڪو پتلونگ پائي اچي ٿو، آفيسر آهي.“

”هائي همٿ جو ڇا ٿيندو. پوليس نه تڪليف ڏيندن ....“

”تڪليف ڪهڙي ڏيندن، ويهاري ڇڏيندن ڇپر تي، جان گهوڙن لاءِ ڪتر هٽائيندن .... شام جو وڏيرو ويندو ٿاڻي تي، چورن ڪان سؤ سؤ وٺي پوليس کي ڏيئي، ڇڏائي ايندن. پوليس به خوش، ته چورا به خوش.“

”اُئين هوند نه ٿئي، پر ٿورو شعور جي ڪمي آهي .... هينئر اوهان ڏٺو ته ڇٿن همراهن مان رڳو هڪڙي ڳالهائڻ جي همت ڪئي. پر جڏهن نه چارئي ڇٽا گڏجي ڳالهائڻ جهڙا ٿيندا، تڏهن پوليس کين هروڀرو پڪڙي نه سگهندي.“

”صاب خدا تنهنجي ڳالهه اگهائي. شل سگهوئي اهو وقت اچي.“

”اچي ويندو ڪڏهن نه ڪڏهن .... هي زمين ڏاڍي قربائتي آهي. ماڻهو محبت وارا آهن. هتي هوند سڪ ۽ سڪون هٿ گهرجي. پر الائي ڇو، ڪي ماڻهو هت ڌوڙي سڪون کي تباهه ڪرڻ لاءِ ٻيٺا آهن. شايد ڏقيڙ ۾ ئي ڪو مفاد اٿن ....“

هو چانهن جا ڍوڪڙ ڏئي ٿو، پر هوٽل وارو ڪانئس نٿو وٺي. گهڻو زور ڀرڻ تي به نٿو وٺي .... هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڏورو مڃي، ٻاهر نڪري، سوچي ٿو تہ آخر ڇا ڪري. ڪيڏانهن وڃي. ڪٿي هوندو سڪون؟ حاجيءَ جا لفظ ڪنن ۾ ٻرنس ٿا "جنهن مانءَ سک جو ٽون گهورو آهين، ڪنهن مقام ۾ هجي تہ هجي باقي...." بس، چپ چاپ هلي پيو. ٻنا اتساهہ جي. شايد .... شايد، اندر ۾ هڪ اڻ لکي خواهش جنم وٺيس ٿي. ڪو ماڻهو ملي وڃيس تہ پوڇي ٿي ورڻ جو ڳس ٻچي .... *

# ويچارو انسان ....!

ڪافي وقت بس جو انتظار ڪيائين، پر ڪا بہ مناسب بس نظر نہ آيس. هڪ ٻہ بسون آيون بہ ته، ايڏيون تہ ڀريل، جو ويهڻ تہ پري ٿيو، بيهڻ جي جاءِ بہ ڪانہ هجين. هوندن بسن ۾ بيهڻ، يا فوٽ بورڊ تي لڙڪڻ هن جي لاءِ ڪو مسئلو ڪونهي، پر اڄ رڳو ان ڪري لنوائي پيو، جو پڳهار ملي اٿس، ڪپڙو 'پرتو' اٿس. ڊچي ٿو تہ بس جي پيڙ ۾ متان ڪنهن "بشني ءَ" جي ور نہ چڙهي وڃي — نيٺ لاچار ٿي ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي ٿو.

پوئين سيٽ تي اٿين آهلجي پيو آهي، ڄڻ ٽيڪسيءَ ۾ نہ، ذاتي گاڏيءَ ۾ ويٺو هجي! اهڙي شان ۽ نٺ سان ويهندي، هن رڳو انهن سرمائيدارن ۽ سيٺين کي ڏٺو هو، جيڪي منگهو پير روڊ تان "سائيٽ" واري علائقي ڏانهن ويندا هئا. سوچي ٿو: جڏهن سيڪنڊ هينڊ ڊاٽسن ٽيڪسيءَ ۾ ويهندي هن جي اها حالت آهي. تہ انهن جي حالت ڪهڙي هوندي، جيڪي پنهنجين مرسيڊيز ۽ امپالائن ۾ گهمندا آهن....!

پئسي کي طاقت آهي. هوندو آهي، تہ من وڏيہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپ پئسي جو چڪر آهي. پئسو هڙ ۾ هجي، ته ڪنهن رنن پنيان ڏوڙ پائڻ ته ڇا، خود شاديءَ جي به ضرورت نه پوي. ائين ئي پؤنرن وانگر مختلف گلن جو واس وٺبو رهجي. ڪڏهن ڪلبن ۾ ته ڪڏهن هوٽلن ۾. ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي. روز نوان گل، نيون مکڙيون. نوان بسترا، نوان جسم. انجوائمنٽ جا نوان نوان طريقا، نوان نوان نمونا. نه ٻار جو خوف، نه پالڻ جو ڪٽراڪپ، نه وري آتي ۽ لٿي جو فڪر — شاديءَ ۾ اهڙا مزا ڏوڙ هوندا....!!

پر... پر نه — اهو ممڪن هجي ها ته پوءِ ڪو به سرمائيدار شادي ڪري، گهريتڙي عورت گهر ۾ نه ويهاري ها... پنهنجو پاڻ کي شاديءَ جي بندڻن ۾ جڪڙي، انيڪ ذميواريون نه کڻي ها.... هن جي سوچ سواءِ هڪ وڏندڙ خيال جي ڪجهه ناهي. ان خيال کي ڪو جتاءُ ڪونهي. ڇڻ پاڻيءَ تي ڦوٽو آهي — زندگيءَ بابت هميشه سنجيدگيءَ سان سوچڻ گهرجي، جذباتي انداز ۾ نه. مثلاً: ڇوڪري، جيڪا هوٽل جي ڪمري ۾ هن کي پيش ڪئي ويندي، ”ورجن“ ته نه هوندي. ” ڪال گرل“ ئي ته هوندي. ڪاڙهن ساون نوٽن تي ڪلاڪن جي حساب سان جسم وڪڻندڙ ٽيڪسي. هر هڪ گراهڪ آڏو لٿا لاهي ليٽي پوندڙ وڻش! سيٺين ۽ سرمائيدارن هٿان نپوڙيل، چيچاڙيل جسم، چوسيل، چوپيل ۽ چباڙيل چپ، ڳوهيل، مروڙيل،

ختم ....! واهيات — ٻڏي مرڻ ته ڪو پسند جو موت آهي!_ هڪ ته ماڻهو وقت کان اڳ مري، سو به غير پسنديده موت، ته پوءِ مرڻ مان فائدو؟

نه — هن کي سوچڻ گهرجي. آرام ۽ اطمينان سان ان تي ويچار ڪرڻ گهرجي، ۽ ڪنهن چڱي نتيجي تي پهچڻ تائين، صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي .... پر ايترو وقت رهيوئي ڪٿي آهي. هن ڪمپيوٽر ايج ۾ هر لمحي جي قيمت آهي. هر ساعت جي اهميت آهي. وقت وڃائڻ دانشمندي ناهي، هي مسئلو تيزيءَ سان حل ٿيڻ گهرجي حل ته خير ٿيو پيو آهي، رڳو ان جي بهتر طريقي بابت ٿورو سوچڻو اٿس.

سوسائٽيءَ جي ڪنهن چوراهي تي بيهي ڪيس انتظار ڪرڻ گهرجي. گاڏيون ڏسڻ گهرجن .... جيئن ڪي ڪنهن "وينگس" جي ڊگهي، ويڪري ۽ چمڪندڙ ڪار لنگهي، اکيون پوري ان جي ٽائرن ۾ پاڻ اڇلائي ڇڏي — مخروطي آڱريون اسٽيئرنگ کي موڙو ڏين، نازڪ پيرڙا بريڪن تي ڪري پون، زوردار چرڙاٽ ٿئي، کيل ختم اڻ پڇئي بهشت ۾ ....!

پر هن جو اهڙو مقدر ڪٿي تـوڙي هو پاڻ کي ڪنهن دوشيزه جي گاڏيءَ سامهون اڇلي، پر مرندو وري به ڪنهن چرسي مڪرانيءَ جي ٻـجـريءَ واري ڊرڪ هيٺان اچي، يا ڪنهن نسوار خور پٺاڻ جي تيل واريءَ ٽينڪر هيٺان اچي ....!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿو ڏکيس ٿو. بوريت وڌندي پئي وڃيس. اهو پڙ ڇڏڻ ٿو چاهي، پڻسن جو خيال ڪرڻ کان سواءِ "X9" ويگن ۾ چڙهي ٿو پوي، گذريل حادثي کي وسارڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، ان جي تصور کان فرار ٿو چاهي. پر ڪو فرق نٿو پوي. ڇو اهو منظر ذهن تي چنجي ويو اٿس. دماغ جي ذري ذري تي ڪوڙنر لڳل ڪاغذ جيان چنبڙي پيو اٿس، فرار ممڪن نہ رهيو اٿس. ڇوٽڪارو ملي نٿو سگهيس. ڪنهن دوست سان اهو سور سلي دل جو بار هلڪو ڪرڻ چاهي ٿو. پر ڪهڙي خبر تہ دوست تائين پهچندو بہ الائي نہ. موت اٽل آهي. اهو ڪيڏي مهل بہ، ڪٿي بہ اچي سگهي ٿو.... هو ڪيڏو نہ بدنصيب آهي، جو هيڏي ساري زندگيءَ ۾ ڪنهن کي بہ ڪو فائدو پهچائي نہ سگهيو آهي. هن ۾ ۽ ٿوهر ۾ ڪو فرق ڪونهي. بي فيض خسيس اجايو وجود، ڌرتيءَ تي بار — ڪاش هو ڪجهہ ڪري سگهي ها. پنهنجي وجود تان ڪائنات جو قرض لاهي سگهي ها....

خير، اڃا بہ وقت ويو ناهي. اڃا بہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن چاهي تہ — پنهنجي جسم جو هر عضوو ڪنهن اسپتال کي "ڊونيٽ" ڪري سگهي ٿو. اکيون، بڪيون، دل، ميچالو. ڪيترائي انڌا ۽ محتاج هن جي مرڻ ڪري ڏوبنا ٿي پوندا، کيس دعائون ڏيندا.

”بند ڪريو، بند ڪريو هي بڪواس .... بند ڪريو .... !!“

هن جون رڙيون ٻڌي هوٽل ۾ ويٽر سمورا ڪراهڪ، توڙي دخل تي ويٺل پيانڪ مڪراني سيٺ، دوڙا پٽي حيرت مان هن ڏانهن ڏسن ٿا .... هو هيسجي منهن ڦيرائي سگريٽ جو وڏو سوٽو هڻي، پنهنجين رڙين ڪان لاتعلق ٿي وڃي ٿو. ڄڻ ڪيس خبرئي ڪانهي ته رڙيون ٿيون ٻه ....

ماڻهو هڪ ٻئي کي ٿونٽيون هڻي، هن ڏانهن ڏسندي سرٻاٽ ڪن ٿا. هو برابر لاتعلقي ڏيکاريندي، سگريٽ جا ڪش هڻندو رهي ٿو ـــ سوچي ٿو. هوٽل مان نڪري ڪشور ڪمار جي بهترين گانن جون ٻه ٽي ڪيسٽون وٺي گهر ڪٽي ويندو. ۽ گهر جون دريون دروازا بند ڪري، ٽيپ رڪارڊر تي ڪيسٽ لڳائي، بستري تي سمهي پوندو. ۽ آخري ڪيسٽ لڳائڻ ڪان پوء ڊاڙاپام جي گورين جي سڄي لپ ڦڪي. وري سمهي پوندو. ۽ گانا ٻڌندي ٻڌندي ڪيس هميشه لاء ننڊ اچي ويندي .... نه موت جو عذاب، نه سڪرات جي تڪليف سک ۾ سانت ڀريو موت. اهڙو موت هر ڪنهن کي ڪٿي ٿو نصيب ٿئي .... !!

هو ڊاڙا پام جي شيشي وهاڻي هيٺ رکي، سمهي ٿو پوي. ۽ آخري ڪيسٽ لڳائڻ ڪان اڳ ئي ننڊ اچي ٿي وڃيس .... صبح جو هميشه وانگر آفيس وڃڻ

جي ٽيارين ۾ لڳي ٿو وڃي ـــ ويندي ويندي بسترو ويڙهي ٿو. جيئن ئي وهاڻو کڻي ٿو، ڊاڏاپام جي پريل شيشيءَ تي نظر پوي ٿي ـــ ”اڙي ....!!!“

ڪي گهڙيون ته وهاڻو هٿن ۾ جهلي، حيرت مان پريل شيشيءَ کي ڏسندو رهي ٿو. ۽ پوءِ اڻ وڻندڙ ڏکوساهه کڻي، روئڻهارڪو ٿي، روانو ٿئي ٿو، جيئن جي جاندهه ۾ ٻيهر جوتجي لاءِ .... ❋

# گهگهه اونداهيءَ ۾ ڪسجي ويل ٿارچ

هن جو ڪو به مستقل ٺڪاڻو ڪونہ هو. ڪڏهن سولجر بازار جي فوٽ پاٿن تي نظر ايندو هو، تہ ڪڏهن رامسوامي ۽ رنڇوڙ لائن جي بدبودار گهٽين ۾. ڪڏهن ڪڏهن تہ بندر روڊ جي وڻن هيٺ بہ ڏسبو هو.

ڊوڙ ۾ اٽيل ڊگها ۽ منڊل وار، اگهاڙو ڪارو جسم، ليڙون ليڙون ٿيل پتلون، اگهاڙا پير، ڏڦي جيان ٽڪا ۽ ڊگها ننهن، آرهڙ سياري گرم ڪمبل ڪلهي تي ۽ جسٽ جو وڏو وڏو هٿ ۾، هو عام فقيرن کان مختلف هو، نہ ڳچيءَ ۾ ويهن قسمن جا ڪنٺا ۽ مالهائون، نہ هٿن ۽ پيرن ۾ ٿلها زنجير ۽ لوهي ڪڙيون، ڪڏهن اگهور ننڊ ۾ ستل تہ ڪڏهن منهن مونن ۾ ڏيئي خيالن ۾ گم ڏسبو هو. جيتوڻيڪ هن جو گذران ”پن منگ“ تي هو، پر ڪڏهن بہ ڪنهن جي آڏو هٿ ٽنگيندو نظر نہ آيو. جنهن کي بہ خيال ايندو هو، جستي وٽي ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ اڇلائي ويندو هو. اهو وٽو وڏو نہ چڱ ڪو ”بيت المال“ هو، جنهن ۾ ريزگاري کان وٺي، ويندي ماني، چانور، سيون وغيره تائين هر شيءِ موجود هوندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي ويڇوڙائيءَ کان ڪيس ڏسڻ لڳا. ڳڇارت پڇي پيئي، مرڪ جو راز فاش ٿي پيو. هن جي هنج ۾ ننڍڙو ڳلر هو، جيڪو جست جي وڏي مان ڪجهه ڪاڍي رهيو هو. ٿوري دير اڳ اهو ڳلر، ڪلهل ڳٽر جي گندي پاڻيءَ ۾ غوطا کائيندي، ڪوڪات ڪري رهيو هو، جو هن جي مٿس نظر پئجي ويئي. ڪي گهڙيون ته بيهي ڪيس غوطا کائيندو پئي ڏٺائين، پوءِ اڳتي وڌي ڪيس ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين. ڳلر سيءَ کان ڏڪي رهيو هو. هن ڪيس ڪمبل ۾ ويڙهي ڇڏيو. سيءَ لهڻ کان پوءِ وڏو ڪٽي اڳيان رکيائينس ته ڳلر اکيون پوري ٻرياڻيءَ ٿي ڪري پيو. هن سوچيو ته هو پيٽ ڀرڻ کان پوءِ پنهنجو رستو وٺي هليو ويندو، پر ائين نه ٿيو. ڳلر سندس هنج ۾ رکيل ڪمبل ۾ گهڙي ڪروندڙو ٿي سمهي پيو. الائي ڇو هو ڪيس لوڏي نه سگهيو. ڪافي دير کان پوءِ ڳلر ڪمبل مان نڪتو ته به پري نه ويو، هن جي ٿي اوسي پاسي پئي ڦريو. ڪجهه پار ستل مست جي ويڇوڙائيءَ کان گذرڻ لڳا ته ڳلر ڏنديون ڏيندو سندن پويان ڪاهجي پيو. هن اکيون کولي ڳلر کي ڏٺو ۽ هنج ۾ کڻي، ٻوٿ تي ٻه، ٽي چميون ڏنائينس، جڻ ڪو مشفق پيءُ پنهنجي لخت جگر جي ڪنهن غير معمولي ڪارنامي کان خوش ٿي، کيس شاباسي ڏيندو هجي.

کيس لڳو ته هاڻي هو اڪيلو ناهي. حياتيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به پوين پساهن ۾ هجي!

اوچتو ڪي - ايم - سيءَ جو "ڪتا مار مهم" وارو عملو گاڏي ڪاهي اچي نڪتو، ۽ ٻنهي هجوم کي هٽائي اڳتي وڌيا ۽ مست جي هٿن مان مٿل ڪتو کسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. مست ڦٿيل چيتي جيان پڙڪو ڏيئي اٿيو ۽ ٻڪ ۾ هٿي ٻنهي ٻنگين کي دسي رکيائين، هنگامو ٿي ويو. ڪجهه تماشائي اڳتي وڌيا ۽ مست کي قابو ڪري ٻنگين کي ڇڏايائون، جن جا منهن رانيوڻن جي ڪري ڇلجي رتوڇاڻ ٿي پيا هئا. هٿن ڪتو ڪٿي ڪچري واري گاڏي ۾ اڇلايو، جنهن ۾ اڳيئي پنج ست مٿل ڪتا پيا هئا.

گاڏي گهرڙاٽ ڪري رواني ٿي ته مست پاڻ ڇڏائي هجوم کي چيري ٻاهر نڪتو، ۽ پوري زور سان گاڏيءَ پٺيان ڊوڙڻ لڳو. هڪ اهڙي رفتار جيڪا انساني قوت کان ٻاهر هئي، هڪ اهڙو جذبو جنهن انسان کي مشين سان گڏوگڏ ڊوڙڻ تي مجبور ڪيو، هو گاڏيءَ سان جهيڙيندو، وڇڙندو، ڪٿي لاءِ جهاپا ڏيندو، نظرن کان غائب نه ٿي ويو، پر سندس رفتار ۾ ڪوبه فرق نه آيو هو. ❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نوابي

چئني طرفن کان ڦهليل ڪوٺڙين جي قطارن کان الڳ، پرڀرو، وڏيءَ نم جي پاسي ۾، ڏهن ٻارهن فوٽن جي ڪچي ڪوٺڙي. اوسي پاسي وارين سمورين ڪوٺين جي پيٽ ۾ ڪمزور، غير اهم، نظر انداز ڪيل، پر سچي علائقي ۾ ان جوئي در کليل، ان جي ئي سامهون صفائي ٿيل، ان ۾ ئي زندگيءَ جا آثار ـ ان ڪري باقي ڪوٺين کان وڌيڪ اهم، ڄڻ قبرستان ۾ مجاور جو آستانو!

ڪوٺيءَ ۾ ڏکڻين ديوار تي لڳل هڪڙو ڦاٽل ۽ دز چڙهيل فلمي پوسٽر، اترئين پاسي فريم ۾ بند تيرن لڳل دلدل، ان جي پرسان ٻئي فريم ۾ پڻائيءَ جي خيالي تصوير جنهن تي ٽنڪيل گلن جا سڪل هار، وچئين ڪام ۾ ٽنگيل طوطي جو پڃرو. در جي مٿان هڪ شهپريل جوان جي ڌرڙي تصوير، در جي ساڄي پاسي ڳاسليٽ جو چلهو ۽ رڌ پچاءَ جو سامان. کاٻي پاسي ٻن سرن تي رکيل پاٽيءَ جو مٽ، ان جي پير ۾ پاسيريءَ سر سان ٻڌل ڳهڻ ـ مقصدي هودي ـ جيڪا هٿ منهن ڌوئڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، ٿانو ملڻ ۽ وهنجڻ کان وٺي، ويندي پيشاب ڪرڻ تائين، هر ڪم لاءِ استعمال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽينڊڙ. اڻ پوري صفائي ۽ غلاظت جي ڪري هوديءَ واري چينڊڙ بوءِ ڪوٺيءَ ۾ هر وقت پکڙيل، الهندئين ديوار سان لڳل محتاج ڪتولو ۽ ڪتولي تي ستل نوابي....!

سنهڙي هاڻي، هلڪڙو چنڊيل مک، وڏيون اکيون، گهُورو مرداڻو آواز، دائمي لڪوريا ۽ دم جي مريض، چيڙاڪ ۽ ڪروڌي عورت....

نم ۾ وينل جهرڪين جي چرچر تي اک کلي ويس. پاسو ورائي، اکيون چنهي در ڏي ڏنائين. ڦڙڪن جي وٿين مان اڻ آيرڻي وارو ننڍڙو ۽ وُنڊڙ سوجهرو اندر اچي رهيو هو. ڪتولي جي پاڻهينءَ تي ويهي، اکيون ملي اوباسي ڏنائين. ڪي گهڙيون ته خمار ۾ ويٺي رهي. ۽ پوءِ اٿي وڃي هوديءَ ۾ ويٺي.... فارغ ٿي ٿمڻ مان ڪونجو پري، هوديءَ ۾ هاري ڇڏيائين ـــ در کولي، لاڳيتا ٽي ڪلما پڙهي، هميشه وانگر آپ ۾ نهاري دعا گهريائين:

”مشڪل ڪشا، تون ئي آهين. جن جو ڪوئي ڪونهي، تن جو تون ئي وارث آهين....

ڪتولي هيٺان پيل ٻهارو کڻي، ڪنبڻ ڪان ٻهاريندي وري پڙڪيائين.

”جنين ڏاند نه ٻچ، تنين ٻه تنهنجو آسرو.... سچ چيو ٿئي پڻائي گهوٽ، سچ چيو ٿئي. اسان جو به اهوئي آهي، ٻيو سڀ ڪوڙ.“

ٻهاري سان ٻه ٽي آڏا ابتا لامارا ڏيئي، ڪچرو ڳڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اٺي تويان ڪر نوابي. تنهنجو ته منهن ڪارو ٿيڻو هو، سو ٿيو. ٻين اشراف نياڻين جو ته ڪير ڳهر.

او منهنجا رب، مون تويان ڪئي. مولي سائين مون ڪار ڇيئي جي ڳالهين تي نه لڳجانءِ. جڳ جهان جي ٻچن جو ڪير ڪر. ورتين جا ور سلامت رک.
مون تويان ڪئي منهنجا ڏاڏي، مون تويان ڪئي. هڪڙي موڙ جي ڪري اشراف نياڻين لاءِ ڳتا اکر واتان نڪريو وڃن.“

در مٿان ٺنگيل تصوير ڏانهن ڪروڌ مان نهاري پوندو ڏنائين: ”تڪ هجيئي دلا، انهن ڏاڍن مڇن ۾ بي ڳيرت، پرائي نياڻيءَ کي گهران ڪڍي ذليل ڪرايو ٿئي. توکي شرم ڪونه آيو —— مڇلا ڪير چوندو ته تون ٻروچ آهين! ٻروچ ته اهڙن وختن تي سر ڏيندا آهن. ڳانڊو، تون ته ڪو ڳڊو ڳولاڙو آهين. جنهن ماشوق سان ننگو ٿي راتيون گذاريون هيئي، تنهن کي روهه روليو ڪري، پنهنجي عزت بچايئي — اسان جي ڏانهن ٻه مٿئين بادشاهه وٽ آهي. جي ٿي لڳيئي ته دف ٿي ويندين....

ڪميڻان، مون تنهنجي ڪري رمت مائٽ، آنڊا ڳجيون، سڀ ڇڏيا هئا. مون توکي پوڇيو هو. پوچڻ جو بدلو اهو ٿيندو آهي.... هان؟ ٻڌاءِ؟ جي تو ۾ دب جهلڻ جي ڪاقت ڪانه هئي ته، ڇو ٿي پرائي نياڻيءَ کي گهران ڪڍيئي....؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿئي. نہ تہ پنهنجي وجهي ها خبر تہ قانون ڪهڙي بلا جو نالو آهي !!"

"سچ آهي بابا. ٿورا تہ تنهنجا مجان تي 'نا' تہ ڪونہ ڪيم."

"مجين تي تہ، مچڻ واري تي مار معاف آهي. چڱا ياد ڪنديئہ .... چڱو هاڻي چڏاءِ وزم جا پئسا تہ وڃان .... صبح ڪان وٺي سوڻ-وڻي نصيب نہ ٿيو آهي، مغز کي چڪر آهن."

"بابا حرام جو ڪٽي ڪا پائي هـڙ ۾ هجيم. ڪالهوڪر بيڙيون ڪونهي. اڏون پاڻ ٻاڙيو ويٺي آهيان. جڏهن ڪمايون هيون، ڏوڪڙ هئا تہ توکي بہ ڪرچيون ڏيندي هيس، چانهيون پيئاريندي هيس، ڪڏهن ماڙهوءَ وٽ نہ بہ هوندو آهي."

"خرچيون جي ڏنيون اٿئي تہ فائدا بہ ورتا اٿئي. اٿين تہ ڪونہ ڏنئي .... ڪوڙ بہ اهڙو ڳالهائجي جو مچڻ ۾ اچي. سڄي بازار ۾ هڪڙي وڃي بچي آهين، سمورا گيراڪ قاساڍيو عيش پئي ڪرين. اجان بہ ٿي چوين تہ ڏوڪڙ ڪونهي! موچڙا موچڙا پئي ڪرين !!"

"بس، جي تنهنجي دل نٿي مڃي تہ ڀلي هڻ موچڙا.... هڙ ۾ هونديئي ڪونہ تہ ماڙهو ڦاهو تہ ڪونہ ڪائيندو."

"چڱو، نہ ڏي — ڏسان هاڻي ڪيئن ٿي رهين اتي...."

سپاهي ويو هليو. نوابي پنهنجي منهن ڀڻڪڻ لڳي:

"هون .... اوڳاڙيءَ تي آيو ڪان صاحب. همدردي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه تي عمل نه ڪيائين . نه شور نه گوڙ، نه جهيڙو نه جهڳڙو ماڻهو ڪري اٿي ڪڙي ٿي . وهاڻي هيٺ رکيل بخار جون گوريون ڪئي پرس ۾ وڌائين. رڌو مٿي تي ڏاهي، در کي تالو هڻي ساڻن رواني ٿي. ٻه وکون هلي وري موٽ ڪاڏائين . سپاهي حيرت مان ٻيهي کيس ڏسڻ لڳا ـــ در کولي ، پڃري مان طوطو ڪڍي آڏاري ڇڏيائين :

”مٺو تون نه وڃي سگهيو ٿيءُ ، منهنجو پاڳ مون سان .“

وري در کي تالو هڻي هنن سان هلڻ لڳي. سڄي واٽ هڪ اکر به نه ڳالهايائين . ٿاڻي تائين پهچندي پهچندي سهڪ وٺي ويس .... منشي وڏي جي سامهون فرش تي پلٿي هڻي ويهي ڊگها ڊگها ساهه کڻڻ لڳي . سپاهي ايندي ئي منشيءَ جي سامهون ڪيڏو جو پاڪيٽ ۽ پانن جي پڙي رکي. پان وات ۾ وجهندي، نوابيءَ ڏانهن غور سان نهاريندي منشيءَ رڙ ڪئي !

”ڪرڙ خان، ڪٿان وٺي آئين هن بيماريءَ کي؟“

”وڏا، وڏي حرامي شئي اٿئي. ڪونه سڃاڻينس؟“

”نڪو.“

”هيءَ چڪلي واري نوابي اٿئي....! اعلان تي ويا چڪلا بند ٿي ويا، رنڊيون لڏي ويون، پر هيءَ اڃا نڪري ئي نٿي. سمورا شوقين ڦاسايو جاوا پئي ڪري ۽ وڏي ڳالهه نه اسان تي اک ئي ڪانه ٿي پڏيس!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هان .... !“

منشيءَ حيرت ڳاڙ ڪاوڙ مان ڪيس اجان به وڌيڪ غور سان ڏٺو.

”پوءِ چيئيس ڪونه ته تيهين رات پاڳئي جي به هوندي آهي.“

”ڪهڙوئي سمجهايو مانس، پر اثر ڏي ڪونه ٿو ٿئيس.“

”تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي...اماڻيونس اڳتي چا؟“

”ها بابا، هونئن هيءَ ڪانه سمجهندي.“

”ماڻي ڪهڙي صلاح اٿئي. ڪرين ٿي ڪرڙ خان کي راضي .... ڪي .... هلين ٿي اڳتي ؟“

”منچي صاب، مون وٽ هاڻي رهيو ڏي چا جو ڪرڙ کان ڪي راضي ڪريان — ڇڏيندين ته دعائون ڏاديون ڪندي سانءِ. نه ته ....“

”پڌين پيو ڪرڙ خان ؟“

”وڏا، دعائن سان ڪو پيٽ پربو چا؟“

”اها ڳالهه به آهي — باقي ڳالهه جي اسان جي هٿن مان نڪري ويئي ءَ صاحب اچي نڪتو ته پوءِ وچي ڪهڙي م پوندي. وڌيڪ سندس مرضي....“

هوءَ خاموش رهي.

”ماڻي تون هاڻي قبر ڪنڌيءَ پهتي آهين. اجان به بچڙا ڪم پئي ڪرين - هاڻ نه توبهه ڪر. خدا کي ياد ڪر نه من پڇاڙي چڱي ٿينئي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سچو آهين صاب، پر پيٽ تہ بچاڙيءَ سان بدل کونھي. پيٽ ماني ٿو گھري. رڳو مانيءَ کاطر کارو منهن پئي ڪريان، ڪو اهڙو ماڙهو هجي جو ماني کپو ڪارائيم ، ڪپڙو لٽو ڏئيم تہ اشراق تي گهر ۾ ويهي رهان. اوهان مان ڏي ڪير مون کي رهائي تہ گهر ۾ ڀانهي تي گذاريان. ٿانوَ مليان ، ٻار پرچايان . جيئن چئو تيئن ڪريان . ڪڏا جي واسطي سونکي هن گند مان ڪڍو. منهنجي مدد ڪريو. مولا علي مشڪل ڪشا ان جو اجر ڏيندوَ.“

”مائي ڪهڙيون تي ڳالهيون ڪرين. اسان ڪي ڪُٺيءَ ڪنيو جو ڏڪي جي رنديءَ کي وچي پنهنجن ٻچن ۾ ويهاريون! دماغ تہ جاءِ تي اٿئي.... ڪني مڇي پاڻ تہ ڪني ، پر جي رکينس ڪاري ۾ تہ ڪاروڻي ڪنو ـــ گهٽائي ماڙهو اٿئي، ڪنهن کي چئي ڏس.“

”بابا هزارن کي چيم ، هرڪو ٿو اها ڳالهہ ڪري جيڪا تو ڪئي.“

”پوءِ ٿو کي ڪهڙي ڪٺيءَ ڪنيو هو جو چڪلو تي ڪامايئي؟“

”صاب، شونق سان تہ ڪانہ ويٺي آهيان. ڪڏا ڏسريو ٿم ٽڏهن پئي لوڙيان نہ تہ منهنجا وڏا تہ چڱن ڪان چڱا، عزت وارا هئا.“

”تنهنجي ڪيئن ڦٽي؟“

”بس صاب ، جوانيءَ جي انڌي گهوڙي تي هيس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نه صاب، انهن اشراڦن کي وري بدنام نه ڪنديس. اڳي ئي گهٽي تي اٿن. مشڪل ڪشا سدائين آباد رکين، آئون پنهنجو ڪيتو پئي لوڙيان.“

”ماٺي تنهنجو قصو آهي ته دردناڪ پر.... ڪرڻ خان ڇڏيونس؟“

”نه نه وڏا، متان اڇين انهيءَ جي ڳالهين ۾. وڏي شودي آهي بابا. اڄ الائجي ڪيئن ڦاٿي آهي.“

نيٺ ڪو گس ته ٻڌاءِ .... روزنامچي ۾ ڇا لکان؟“

”لک ته شهر جي هڪ بدنام عورت نوابيءَ کي، شريفن جي محلي ۾ راهگيرن کي فحش اشارا ڪندي پوليس پڪڙي ورتو.“

نوابيءَ جي منهن تي ڪساري مرڪ ڦهلجي ويئي ... منشي ڪنڌ جهڪائي روزنامچي ۾ لکڻ لڳو .... ميز جي خاني مان ڪنجي ڪڍي سپاهيءَ کي ڏيندي چيائين.

” تالو کولي واڙينس اندر.“

سپاهيءَ جيئن ئي تالو کوليو، نوابي پاڻ ئي اٿي بيٺي، هٿ چيلهه تي ڏيئي، ٺڪل ٺڪل قدم سان اندر ويندي ٻڌڪڻ لڳي:

”حياتيءَ جا پويان پهر آهن بابا، گذري ويندا. پاهر نه سهي، جيل ۾ ئي سهي، ماني ته ملندي پئي... !! ❋

# خواب نٿا نيڻن ۾ ماپن

”ديڳ، اچي ويٺي، ديڳ اچي ويٺي.“ ٻارن جي شور تي سڄيءَ ڇڄ جون ا کيون در ڏي کڄي ويون. ٻارن کٽي ديڳ تي ورهاڙو ڪيو. وراندي ۽ ٻير جي ڇانو ۾ ويٺل عورتون، ٿالهيون ۽ ٻوتيون کڻي ٻيٺ وٺڻ لاءِ سنهيري ويٺيون. ڪي وڏڙيون ته ديڳ ڏانهن به پهچي ويون. صبح کان وٺي بک تي سهرا ويٺي ڳاپائون. ڏانجو سڄ لڙي ويو ; ٻيٽ ۾ ڪئو به ڪونه پيس، صبر اچين ته ڪٿان .... گوڙ ڪي وڏندو ڏسي حاجي ڳلي ڪڙڪي سان هڪل ڪئي.

”ويهي رهو، ويهي رهو. ديڳ تي ڪير نه اچي. ٻيٽ گهٽو آهي، سڀني کي ويهاري کارائبو.“ ٻار هيسجي پوئتي هٽيا. عورتون ڦڪائيءَ کان ويهي رهيون.

”ابا ٻه ٽي جوانمرد ڇوڪريون اٿي ماني کارايو. کٽو پاڻوڙا. شاباس ٻچا، دير نه ڪريو.“

ڪن پل ۾ ٽي چار ڇوڪريون ڪلنديون مرڪنديون، هڪٻئي کي ڌونئيون هڻنديون پاڻوڙا کڻي اچي بيٺيون. حاجيءَ بسم الله پڙهي ديڳ جو منهن کولي ماني وڌائڻ شروع ڪئي. پاڻوڙن جو ڀريون ڇڪر ڇڄ ۾ ڇا پهتو، پاڪر ڪٽو مچي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڙي امان اسان کي ڇڏي اڳيان پڻي وڃين. انصاف ٿي ڪرين.“

”اڙي جيجل صبر ڪر، پيٽ ڪوڙ آهي، تو کي به ملندو.“

”امان پيٽ وٺي ڏي نه“

”پيٽ ڪوڙ منهنجا ٻچا ــ واري سان اسان کي به ملندو. تون ماٺ ته ڪر.“

”اڙي پيءُ چار چٽيون آهيون، هڪڙي ڀاڄوڙي مان ڇا ٿيندو. پيو به ڏيئي وڃ نه.“

”بابا ٻه ٽي پيون ڇوڪريون به اچو ته جهٽ ٿئي. شاباس ٻچن کي.“

حاجي گلڻ جي چوڻ تي ٻه چٽيون پيون ٻه اٿيون، جن مان هڪ ته ڳوٺ جي چاتل سڃاتل هئي، پر ٻي ڪا ٻاهران آيل هئي. وچولو قد، پيريل بت جاڙا پيرون، ڪجليون اکيون، نيري موڙي جي ڏه تاڪي سٿڻ تي ناسي رنگ جو نيرن ٻوٽن وارو پيرت پيريل چولو، نيري آر لڳل، گلابي ٻوٽن واري جاپاني شال واڱل جي گندي مٿي تي، ٽن ستارن واري جهانجهر پيرن ۾ ڳچيءَ ۾ پاتل سچي اره تي پکڙيل چندن هار، ڪنن ۾ ست ست واليون سون جون، نڪ ۾ ڳيري لڳل ڇتاڻون بولو، عمر پندرهن سورنهن جي مس. هوءَ الهڙ ڳوناٺي چال سان پير سٽيندي، جهانجهر وڄائيندي ٻه ڀاڄوڙا ڪٺي اچي حاجيءَ جي پر ۾ بيٺي. رانجهي ۽ ڦتن جا دوڏا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦاٽي ويا. ٽيستائين اڪيون ڇنڀائون ٿي ڪونه، جيستائين هوءَ ڀاڄوڙا ڀرائي موٽي نه ويئي. هن جي ويندي ئي رانجهي ۾ ڦتوءَ هڪ ٻئي ڏي ائين ڏٺو ڄڻ چوندا هجن "ڪيئن ٿو ڀانئين؟" هڪ ڏينهن ٽتل، مٿان گرم گرم ڀت سان ڀريل ڀاڄوڙا هئن ۾، ان تي وري تڪيءَ وڪ سان هل هلان. هوءَ پگهرجي پيئي. پگهر جا ننڍڙا ننڍڙا ڦڙا سندس نرڙ تي آهستي آهستي وڏا ٿيندا ويا. ڦمندا ويا. پر گرميءَ جي پرواه ڪرڻ بنا، هوءَ ادر پيهر ڪندي رهي. ديگ خالي ٿي ويئي. رانجهو ۾ ڦتن خالي ديگ کي ڪانواٽيءَ ۾ لڙڪائي، ڪلهو ڏيئي ڇني ڏي ٻي ديگ ڪڍڻ ڀڳا. ڇيج مان نڪري رانجهي ڦٽ ڪاڏو،

"يار واه جي آهي."

"ڪير؟"

"ڪارو ٿئي منهن. هيڏي ساري حور ڪانه ڏٺئي؟"

"اڙي هاؤيار. واه جي آهي."

"خبر ائٿي ته ڪٿان آئي آهي؟"

"نڪو. ڀانيان ٿو ته شاهپور وارن مزمانن مان آهي."

"شاهپور کان ڪير آيا آهن؟"

"گلاٻمن وارن جا ماماڻيان آهن. ڀانيان ٿو ته انهن مان آهي."

هو ٻئي ديگ ڪڍي وري ڏڪندا ڇيج ۾ پهتا. سا ڳيون چوڪريون، سا ڳيا ڀاڄوڙا، سا ڳي ڇيج. ڍوڍوڏان. رانجهي ڪيترائي ڀيرا چاهيو ته ڪنگهڪار ڪري سندس ڌيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کان سندس حالت سٺي نہ ٿي. هڪل ڪيائين.

”حاجي ماني ڏي ڇوڪريءَ کي، ديڳ گهر کڻي ويندين ڇا.“ پنهنجيءَ حمايت تي هڪ دفعو وري هن ٿورائتين نظرن سان رانجهي ڏي ڏٺو.

”چار ديڳون ڇيچ ۾ هليون، اڃان بہ ڏيان!“

”نهيو، هيءَ پيرو تہ ڏينس، پوءِ کڻي نہ ڏجانءِ.“

حاجيءَ پاڏوڙا کڻي پڙڻ شروع ڪيا.

”ماڻهو نہ ماڻهوءَ کي سڃاڻ حاجي. ههڙن ماڻهن کي پيٽ پاڏوڙي لاءِ موڙائبو ڇا؟“ هوءَ شرم کان ڳاڙهي ٿي ويئي. جملي جي نوعيت کي محسوس ڪندي حاجي ڪجهہ ڪهرو ٿيو.

”مشڪري نہ ڪريو ڇورا، مشڪري نہ ڪريو تہ هٽانوءَ نہ موچڙا.“ حاجيءَ کان پاڏوڙا وٺي، ڪنڌ هيٺ ڪري هوءَ پنهنجي ٽوليءَ ۾ وڃي ويهي رهي. گهڻ ڪٿندي لمحي لاءِ رانجهي ڏانهن ڏٺائين، جنهن کيس اڳي کان ئي ڏٺو پئي. پنهي کي محسوس ٿيو تہ اها نظر ڪا خير صلاحي نہ هئي. رانجهي ٻڳهو ساهہ کڻي ديڳ واري ڪاڙيءَ کي ڪلهو ڏنو. ورڪ هلي، بهاني سان ٻيهي منهن ورائي وري کيس ڏسڻ جي ڪوشش ڪيائين.

”ماني تہ ڪنهن کي ڪانہ کپي نہ؟“ حاجيءَ کيس پٺن کان هلڪي مڪ هڻندي ٻاهر ڌڪيو:

”ڪانہ ٿي کپي ماني. هلو ٻاهر، لاهيو ڪوڙ مانيءَ مان.“

رانجهو ڇيچ مان نڪري تہ آيو، پر ويو وڃي

سگريٽ جو سوٽي تي سوٽو، آفريدل ڏيگي جيان شوڪارن جو سٽڪو. چا جا منڊل، چا جو رونشو. ٻئيءَ تي راڌارن جي ٽپڙن پرسان ڏهي پيو.

”رانجهو ڪٿي آهي. ڳولي اچوس ته ڳوٺ ۾ ماني ڏيون.“ پر رانجهي جي ڪا خبر ئي نه پوي. نيٺ ڳوليندي ڳوليندي ڦتن اچي مٿان بيٺس.

”واه دلبر واه. هوڏانهن حاجي ڳلڻ تنهنجي پويان وارنڊ ڪڍيو وٺي، تون هتي لڪو ويٺو آهين. هل ته ڳوٺ ۾ هلي ماني ڏيون.“

”پنهنجا ڪم لهي ويا ٿئي ڦتن، پيو ڪو جوڙيوال وڃي ڏس.“

”چو، چا ٿيو ٿئي؟“

”بس- پاڻ ڪنم آهيون بابا. پاڻ پلانڊ هجيئي ته بشڪ ڪر. پاڻ آهيون گهڙي گهڙيال جا مزمان.“

”اڙي سچا ڳالهه ته ڪر ته ڪا ڪي چڪي ڪريانءِ....“

”ڳالهه وري ڪهڙي ڪريان. ڪبر نه سچي قصي جي اٿئي. هاڻي هرون پرون تو بچڙائي ڪرين نه تنهنجي مرضي.“

”صفا اٿين چا؟“

”ها بابا. صفا اٿين“

”پوءِ اڏي راڌارن وٽان چا ملندئي. اٿي ته ڪو هٿ پير هڻون. من ڪو بلو ٿي پويئي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چڏ يار، اسان کي آهي سر جي، تو کي لڳو پيو آهي.“
”لانلت آهي پيوڳ واري تي - دل وڏي ڪر ڇورا
هم هي تہ ڪيا گم هي.“
”ايمان سان ....؟“
”پيو نہ تہ ....“
”يار اهڙي ڪا مڙسي ڏيکار نہ تہ آئون هتي مان
تو وڃانءِ.“
”ات تہ هلون ٿا شاک تي. ڪچهري بہ ڪريون
ڪا ٿبي هٽي هڏ بہ ٿاريون، ڪلها چاندي ڪري ويا
ديڳون ٻوٿي - حاجي پاڙهي پيو منهن ڏيندو پٽ ڪي.“
رانجهي سگريٽ جو ڦـڦـڙ ڦاڙ سوڙو هنيو تہ ڦتن
رڙ ڪئي:
”ڦوڪ تہ پراھ، رڳو پاڻ وينو چڪين. ڪم تو
وارو وري بہ مون وٽان ٿيندئي.“
”اڙي ڦوڪ چا، توتان سڄا پاڪيٽ گهور آهن،
رڳو منهنجو ڪو بلو ڪر.“ سگريٽ ڏيندي رانجهي
پيوڳ چرچي ۾ مطلب واري ڳالهہ ڇوري:
”هاڏو پلا دلبر، پوءِ چا سوچيو ٿئي؟“
”سوچيو تم تہ سڀ ڪان پهرين اهو واءُ سواءُ
ونجي تہ هيءُ بلان آهي ڪٿي جي ....“
”ڏس ڏس ڦتن. حور ڪي تو بلان چوين. ير
حيف ٿئي.“
”ادا حور هوندي تولاءِ. اسان لاءِ تہ واسينگ آهي،

پري ڪان پٺي سازي. پر هاڻي وچ ۾ نه ڳالهاءِ .... ها، پوءِ پڇيو ته بچيل آهي، يا ڪنهن جوڳيءَ جي مرلين منڊي وڌو ئس. ڀريـن اها ڳـ ڪجي، تـه پوءِ وري اڳتي وڌجي. ڪيئن؟"

"بس پياڻو، مون کي لڳي ٿو تـه مون وارو ڪم ٿيندوئي تنهنجي هٿان. وڌيڪ لاءِ تنهنجي مرضي."

"ڦڪر نه ڪر. پر تون به ڪا ڦانٽائي وٺ. اٿين گوڏ ٻڌي گرگلو ٿيو ويٺو هوندين ته ڪير پڇندئي."

"حڪم ڪر، ڇا ڪريان؟"

"سنوارت ڏنوارت ناهه. ڪپڙا ڏاهوڪا پاءِ، چار ڏوڪڙ کيسي ۾ ڪڻ، ڪرچ ڪر ته راڻو به راضي ٿئي."

"حڪم تمهارا استاد، ڇٺين ته سچ لٿي کان اڳي ڀنڀور کي ٻاهيون ڏيئي ڏيکاريانءِ ـــ هلي ٿا وڃون مون واري منجهيريءَ جو پاسو، وڃونس ٿا روپين ڳچل. پوءِ ڦٽين ۾ پيا ليکا ٿيندا. باقي ڪپڙن جو رکيو پيو آهي ماشوق. عطر جو ٻڙو تون ڏجانءِ، پوءِ گهٽ نه ڪبي."

"پلا تنهنجو ڪم جي ڪري ٿو وجهان، ته پوءِ منائي لڳندئي ڏيل."

"پر ڳالهيون کهڙيون ٿو ڪرين، منائي ڇاهي، پاڻ تـه رت ڏيڻ وارا مجنا آهيون. آزمائي ته ڪير پوي نه."

"گهٽ پاڻ به نـه ڪنداسون. وڌيڪ لاءِ تنهنجو ڀاڳ. پلا ٻـي ڪير ڏي، ڇادي ٻاديءَ جي نيت ٿئي ڪين رکو ...."

پنهنجي ڇٽن هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي، چڪر ڏيندي ڪجهه وقت گذاريو. ميندي ۾ ني هلڻ جو پڙهو ڏنائون نه هو گهوٽ سان هٿ، هٿ ۾ ڏيئي ڪنوارين ڏي هليا ـــ گولن جي روشنيءَ ۾ ٿلهي جي وچ تي رکيل کٽ تي گهوٽ ويٺو ته لنگهياڙي گهور وارو وڏو ۽ موڙ ڪٺي آڏيو. هن اڄان گهوٽ کي موڙ پٽي ٻڌا ته رانجهي وڏو ڪٺي وڏي وات رڙ ڪئي:

”اڇو بابا گهور ٿي. دير نه ڪريو.“

”ابا صبر ته ڪر. ميندي لائڻ ته ڏي، گهور پوءِ ٿيندي.“

رانجهو ڍرو ٿي ويو ـــ گهوٽ جي اڳيان گهوٽ وارا مرد ۽ پويان عورتون ميڙاڪو ڪري ويٺيون. گهور ۽ ميندي ۾ وارا خاص سهرا شروع ٿيا. گهوٽ جي وڏي ڀيڻ ميندي جي ٿالهي ڪٺي، سهرن ۽ نازن جي ڌمچر ۾ گهوٽ جي هٿن ۽ پيرن کي ميندي لڳائي. ۽ گهوٽ جي پير ۾ ويٺل ڦٽن کي به ميندي لائي ڇڏيائين. ان کان پوءِ گهور شروع ٿي ويئي. ان سان گڏ سهرا به ٻڌاجي ويا.

گهورون گهوريندي هلو چاچي ادل جا
لڪ لٽيندي هلو چاچي سهڻل جا.

رانجهو ولو ڪٺي گهوٽ جي ڪلهي سان بيٺو.

”اڇو بابا. بسم الله ڪري گهور ڏيو. شابس....“

وري عورتن ڏي منهن ڪري پنهنجائپ واري رعب سان چيائين:

چوچڙي لڳي ويئي.

”چاچي حاجياڻي اهو ڇا ٿي ڪرين: ڏوڪڙ ڀيا ڏين، گهورين تون ٿي ـ هر ڪنهن کي ڪدا اکيون ڏنيون آهن، پاڻ ڇو نه ٿيون گهورين.“

لاچار باقي مايون پاڻ اڳتي وڌيون. نيٺ ”هن.“ جو وارو به آيو. هيڪندي هيڪندي اڳتي وڌي. ٤ ڏهين وارا به نوٽ گهوٽ مٿان گهوري وٺي ۾ وجهي ته ڪڙ ۾ وڃڻ لڳي ته رانجهي ڇرڪائي وڌس.

”سوٽ نالو نه ٻڌاءِ، ته ويهه روپيا ڪنهن ڏنا آهن.“

”شهناز“ هن ويندي ويندي چيو. گهوٽ جي ماءُ پري کان واڪو ڪيو:

”حاجي بهرام شاهپور واري جي ڌيءَ شهناز ويهه روپيا ڏنا.“

خبر ناهي ڪهڙي جذبي ڪري رانجهو ڏڪڻ لڳو. گهوٽ جي پير ۾ مينڌي لڳائي ويٺل ڦتن هڪل ڪيس:

”هٿ سنڀال واڻڄا، وٺو ٿو ڪري ڏي. بار وڌي ويو ٿس ڇا؟“ ڦتن جي ڇرچي تي چڱو ٺهڪڙو ٿيو... گهور پوري ٿي. رانجهي ٽي دفعا پئسا ڳڻيا، ٽيئي دفعا پلجي پيو. نيٺ گهوٽ جي وڏي ڀاءُ ڳڻي ٻڌايو ته چار سؤ ٽيهه روپيا ٿيا، جن جو ذري گهٽ چوٿون حصو رانجهي ڏنو هو. هو گهوٽ جي پير ۾ ٿي ويٺو، پر سندس اکيون ڪنهن جي آس پاس ڦٽڪنديون رهيون: سمجهڻ واريون شوقينڙيون سمجهي ويون ته انهن اکين ۾ ڪهڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيغام هئا، ڪنهن جي لاءِ هئا. شرارت وچان سهرو به اهڙوئي ڪنيائون:

منوڻـــڙا دل تـولاءِ مانـدي آهـي
چتونڻڙا مـــن تـولاءِ مانــــدو آهي.

الا منهنجي ليليٰ مجنيٰ کي تـو ڪيئن موهيو
الا منهنجي قيس ڪجليٰ کي تو ڪيئن موهيو.

خير سان مينديءَ واري رسم پوري ٿي. هو ٻاهر نڪتا. پر سک ڪٿي پين. اهو رانجهو اهو ڦتن. ڇا ڪجي ڇا نه ڪجي. سنهيون ڳالهيون، ڪنن ۾ سس پس وري صبح لائڻ ويل ديدار جي اميد، پر صبح به جڏهن ٿئي. هتي ته ساعت به سال برابر هئي .... خير، رات گذارڻ جو ٻهانو به هٿ ڪري ورتائون. شاهپور مان آيل مهمانن سان ڪچهري ڪرڻ جو ٻهانو.

ٻئي ڇتا اوطاق ۾ لهي پيا ـــ مهمان ڪائي پئي، بسترا وڇائي آرام سان ويٺا هئا. ڪي سمهي پيا، ڪن سمهڻ جون تياريون پئي ڪيون. گوڙ ختم ٿي چڪو هو. رڳو ٿوري سس پس ۽ هلڪڙا ٽهڪ ڪيڏي ڪيڏي مهل گونجي ٿي ويا. هو وڏي ڪنڌ وارين ڪٿن وٽ پهتا، جتي به آباڻتا مڙس ويٺ ٻڌيو ويٺا هئا. رانجهي ۽ ڦتن سلام ڪيو. هو ويٺ ڇوڙي ڪٿن تي اٿي ويٺا ٿورو جهڪي، ٻاڪر پائي ساڻن مليا.... حال احوال ٿيا. ورهين جي دز ۾ اٽيل ماڻهيون چنبڙ جي ڦوڪجي نڪتيون دوريون هنجي ويون، قربتون وڏي ويون. وجهه وٺي

خيال هو تہ نوڪي اهڙي صلاح ڏيون. چڱو جو تو پاڻ ڳالھہ ڪئي ـــ شهناز امان جي پنهنجي آهي. امان وٽ هوندي تہ ڏک ڪونہ ڏسندي. سچي گھرجي آڳ واڳ هٿ ۾ هوندس. رانجهي جهڙو چوڪرو ٻہ سٽن ڳوٺن ۾ ڪونہ ڏسندؤ."

"سچي آهين پيئُ، پر تو اڳ ۾ ڳالھہ ڪانہ ڪئي. هاڻي تہ شهناز جو بار مٿي تان لاهي ٻہ ڇڏيو اٿم."

"هان ....!!!"

"اڄ حاجي بچل وارن جي گھر وياسون تہ هنن ڦٽن لاءِ ڳالھہ چوري. امان جو خيال تہ اڳئي هو، ڪئي "ها" ڪئي سون .... پڪ پڪائي تي ويئي. امان جي وچ ني اچي مڱڻو ڪري ويندا ...."

رانجهي جي دل ڦسي پئي. حاجيائيءَ جو رت سڪي ويو. هوءَ شوڪارو ڀري ويڙهيل هنڌ جي ٽيڪ ڏيئي ڍرڪي پئي .... ڪي گھڙيون موت جهڙي ماٺ ڇانيل رهي. رانجهي کي ويهڻ وهہ ٿي آيو ڪنڌ هيٺ ڪري ٻاهر نڪري ويو ـــ گھٽيءَ مان لنگھندي ڦٽن منهن چڙهيس ٻنهي جي دلين ۾ جهڙي ناگواريءَ جي ڪا ڇيت ڇپي ويئي. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هڪٻئي جي پر مان اڻواقفن وانگر، ٻنا ڳالهائڻ جي گذري ويا....✻

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنگرام

هر ايندڙ ڏينهن، گذريل ڏينهن کان وڌيڪ ڀوائتو ۽ ڀيانڪ — موت اکين آڏو، مري به نه سگهن. شهر ڇڏڻ جي خواهش، ڇڏي به نه سگهن. ڪاڌو حرام، پاڻي بند — هر گهر ۾ جيئرن جاڳندڙ انسانن جا هڏاوان ڍانچا — شهر مٿان هنتر جيٽن ۽ هيليڪاپٽرن جا لامارا — هوسجي، هراسجي گهرن جي ڪنڊن، ڪڙڇن ۾ لڪي ويٺل عورتون ۽ ٻار .... هانوَ هٿ ۾، ساهه مٺ ۾....!!

ويران رستن ۽ روڊن تي ٿلهن ٽائرن واريون گاڏيون، جن تي خودڪار مشين گنون ۽ رائيفلون تاڻي ويٺل ڀوائتا ماڻهو، منهن تي فتح منديءَ جي اڻ وڻندڙ مرڪ — پارڪن، چوواٽن ۽ چوسولن جي ڪناري گلن سان جهنجهيل ٻوٽا، ڳرن بوٽن ۽ ٿلهن ٽائرن هيٺان لتاڙجي ڳاهجي، ٻُهه ٿي ويا — گلن جون پنکڙيون ۽ ڪچڙيون ڪڙيون نپوڙجي، پيسجي دز ٿي ويون .... !!

شهر مٿان بارودي دونهين جا ڪارا ڪڪر — ڌماڪن ۽ ٺڪاڻن جا لاڳيتا آواز، جيڪي موت جهڙيءَ ماٺ ۾ اڃا به وڌيڪ ڀوائتا ٿا لڳن.

اڄ، ٻڪ، دهشت ۽ ڏهڪاءَ کان هراسيل ۽ هيسيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڀڃي گهر ۾ ساڳي حالت . . .! هر ٽئين شخص سان ساڳيو سلوڪ .....!!

اچانڪ ڀر واري گهر ۾ روج .... خوف هوندي به ٻاڙي وارن جو، درن ۽ درين جي ٻوٽين مان ليئا پائي، ديوارن تان آرهاڻي ڏسي، ڪنهن ڳيروءَ جو رت ۾ وهنتل لچندڙ جسم....!! در کي زوردار ڌڪو! هٿيار بند ٽولو گهر ۾ ....!! لچندڙ جوان کي چوڪنيو ڪٺي گاڏيءَ ۾ سٽي، ۽ گم ٿي ويو ڪنهن اڻاتل منزل ڏانهن .... گهر ۾ هانوَ ڦاڙ رانيات. دل ڏاريندڙ منظر

آهستي آهستي دروازن جو کلڻ. گهرن ۾ ٻانڌي ٻڌايل ماڻهن جو رستن تي نڪري اچڻ — ٻئي هٿن ۾! نه رن جا دس!! اڳتي وڌڻ ۽ وڌندو رهڻ — تعداد ۾ اضافو ٿيڻ، ٿمندو رهڻ — رستن تي گلاب جي پٽين جيان، ريٽي رت جي ڦڙن جي ورڪا. رت جا ڇمي ويل ديا — مکين جا ميڙاڪا — چوواڻن تي پکڙيل تازا لاش — وڍجي ويل هٿ، آڱريون، ڇنگهون ڇيون — گهٽيون، رود، رستا، رت ئي رت — انساني رت جي ڇپندڙ بوءِ .... مغز کي چڪر، هانوَ تي بار نفرت، ڪرهڻ، بيزاري! انتشار!! بغاوت!!! نظر نهار تائين ميڙيل انسانن جو قافلو ....

”شهر جون حالتون پرسڪون آهن.“ مقامي ريڊيو جي خبر.

هيليڪاپٽرن جون هيٺانهينءَ تي آڏامون، حڪمن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڏڪڻ جا ڪرنڊز پمفليٽ ـــ گاڏين جا ڏڏڪا ـــ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا شيل، زهريلو دونهون ــ چنجهيون اڪيون، پوريل اکيون، پاٽي ۾ پسيل رومال اکين تي ....

وڌندڙ وڪن جو اڳتي وڌڻ، وڌندو رهڻ، ٽڙندي، ٽاڙيندي ۽ هر قدم، اڳتي قدم ـــ نعرن ۾ تيزي، جوش ۾ اضافو ـــ خودڪار هٿيارن جو ”آرڊر“ ۾ اچڻ، انسانن کي ڦلن جيان پچڻ. مڇين جيان بولاٽيون کائي ڪرندڙ انسانن جو، روڊن تي سٽجي وڃڻ ـــ افراتفري، مارا ماري. رڙيون، چيٽون. ڪيهون ۽ ڪيڪراٽيون. ڏپ، بدبوء. انساني رت ۽ ماس جي سڙڻ جي. هٿيارن ۽ طيارن جي زهريلي دونهين جي.

”شهر جون حالتون پرسڪون آهن.“ مقامي ريڊيو جي خبر.

ڏينهن ڏيڪن ۽ بڪتر بند گاڏين جو، هجوم جي چوطرف، گهيرو ـــ بارودي باهه جا آلا ـــ ٽرانسپورٽ گاڏين جون قطارون ....

ڀڪرين جيان واڙيل انسانن جو گاڏين مان لهي، سنگينن جي پهري ۾ جيل جي ڦاٽڪ تي ميڙاڪو ڪري بيهڻ ـــ جيلر طرفان، ”هائوس فل“ هجڻ جو اطلاع ـــ ميڙ کي وري ساڳين گاڏين ۾ سٽجڻ جو حڪم ـــ اڃ، بڪ، گرمي، خوف ۽ هراس کان هر فرد جڻ جيئرو لاش !! وقت وقت جي ڳالهه. پنهنجي ئي ديس ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرديسي ـــ پنهنجي ڏي وطن ۾ جلاوطن ـــ پنهنجن جيڏي هٿان پرغمال بڻيل عالم، فاضل، شاگرد، پورهيت ۽ مزدور .... روشنين جي شهر تي موهن جي دڙي جو گمان ....!!!

شهر جا ننڍڙا جانور ۽ رولو ڪتا، خوف ۽ دهشت ڪان هراسجي، چوسول ۽ چوواٽا ڇڏي، ويران جاين جي ڪنڊن ڪڙڇن ۾ وڃي لڪا آهن. اڄ ۽ ٻڪ ڪان ساٿو ٿيندي به ٻاهر نٿا نڪرن ـــ آزاد پکي ته علائقو ئي ڇڏي، وڃي جهر جهنگ پيڙا ٿيا ....

جن فضائن ۾ ڪبوتر ۽ پاريهل اڏامندا هئا، تن ۾ هيليڪاپٽر، سپرسانڪ ۽ سپرجيٽ، قلابازيون کائي، ڪرتب ڏيکاري رهيا آهن ـــ جن رستن ۽ ميدانن تي ننڍڙا ٻار، پتڪڙن هٿن ۾ ٻمٽ کڻي، "چونڪا" ۽ "چڪا" هڻندا هئا، ڊوڙون پائي، رنسون ڏاهيندا هئا، اڄ اتي فولادي ٽينڪون، بڪتر بند گاڏيون، هٿيارن سان ڀريل جيپون ۽ توبون اڏين ٿيون ڏسجن، جن ٻکايل ٻگهڙ، آدمخور، گوريٽ ۽ گجهون، پر پکيڙيو، چنبا ڦهلايو، وات ڦاڙيو، انساني ماس پٽڻ، رت پيئڻ ۽ هڏيون ڪرٽڻ جي اوسيئڙي ۾ هجن!!

اخلاق، همدردي، خلوص، نيڪي محبت ۽ رواداري ۽ جهڙيون سموريون اعليٰ صفتون هاڃي ۾ هجي ويون ـــ هر دل هيرو شيشا آهي. هر ذهن ناڳا ساڪي آهي ـــ هانوَ تو ٻڏي، ساهه تو منجهي ـــ گهٽ، سوڙهه،

ٻوسٽ. نفسا نفسيءَ جي حالت ـــ زمين تنگ ٿي پئي آهي. ڌرتيءَ جو گولو، هوا ذڪتل ڦوڪڻي جيان سُسي ويو آهي. ڪائنات محض هڪ تنگ ۽ تاريڪ ڪال ڪوٺڙي پئي لڳي ـــ زندگي زهر ٿي پئي آهي - ساهہ کڻڻ جي قوت نہ رهي آهي ـــ معصومن جون ميتون، سرٽيڪڻ ماڻهن جي گود ۾ سڪن پيون. ڪفن ڪير آڻي؟ ڪتان آڻي؟ قبر ڪير ڏاهي؟ ڪٿي ڏاهي؟؟

هر شخص خودڪار هٿيارن جي منهن ۾ ٽارگيٽ بڻيل آهي. ڪير مدد ڪندو؟

ڪنهن کي پڪارجي؟

”هل من ناصرٌ ينصرنا؟“

(آهي ڪو مددگار، جو امان جي مدد ڪري؟)

يزيدي لشڪر جي گهيري ۾ اچڻ بعد، حسين رضہ جي تاريخي صدا، جيڪا هر ويڙهاند ۾ مظلوم جي پڪار بڻجي ويئي آهي.

”اغثني يا الله العالمين، انا لست بخاطيءِ“ خالق ڪائنات کي مدد لاءِ آخري پڪار، پر بشري صدا، وايو منڊل ۾ پکڙيل زهريلي دونهين، ڌپ ۽ ٻوسٽ ۾ گهٽجي، ڦٽڪي، عرش جي بلندين تائين پهچڻ کان اڳ ئي واچوڙي جي ذر وانگر وکري ختم ٿي ويئي ....

ڪجهہ نہ ٿي سگهيو ....!!!

ڪارڊيهر جيان ڏنگينڊڙ، ڪانڊن جيان ساڙيندڙ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڪاس جيان ڀيانڪ رات، اڪين اڪين ۾ گذري ويئي —
آپريشن ٿيئيٽر مان شڪست کاڌي نڪرندڙ سرجن جيان،
مشرق جو رنوچاڻ سينو چيري نڪتل سج، ڪائنات
اگهاڙ ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو. يرقان جي مريض
جي چهري جيان بي سمت، نيل ۽ پيلو پيلو سج....
اوجاڳيل اکين جو ڪانئس پهريون سوال:
”ڇا ٿيو؟؟“
سڪل ڏوت چپن ۾ ڪربناڪ ڏڪڻي. نستي ۽
نحيف آواز جو دل شڪن پڙڏو.... فضائن ۾ روج!
گهرن ۾ ماتم!!
”شهر جون حالتون پرسڪون آهن.“ مقامي خبر.
ٻاهرين خبر:
”رڻ گجيو، راڙو ٿيو!!!“
هنتر جيئن جون قلابازيون — ٽينڪن جا ڌڌڪا —
توبن جا ڌماڪا — گهر، گهٽيون، روڊ. رت ئي رت!!
انساني رت!!!
آخر هيءَ ويڙهاند، هيءَ جنگ، هيءَ سنگرام
ڪڏهن ختم ٿيندو؟ ختم ٿيندو به يا نه....؟؟ ڪجهه
نٿو چئي سگهجي.... ڪجهه نٿو چئي سگهجي....!!! ※

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هلندي هلندي

ڊسمبر جي آخري ڏهاڙن ۾ لاهور ۾ جيڪو سيءُ پوندو آهي، سو سنڌ وارن جي تصور ۾ به نٿو اچي سگهي. انهن ڏينهن ۾ غريب غربو ته ڇا، چڱن ڀلن جو زور به لنڊا بازار تي هوندو آهي. هرڪو پنهنجي حال آهر پراڻا ڪمبل، ڪوٽ، جرسيون، گرم جوراب ۽ دستانا وغيره ٻچن لاءِ وٺي ويندو آهي (جان بچائڻ جا ٿي) مان به لنڊا مان ڪوٽ، سوئيٽر، ۽ ڪمبل نه وٺان ها ته شايد اهو هفتو به لاهور ۾ نه گذاري سگهان ها — ان ڏينهن صبح کان وٺي جيڪا ٿڌ هئي، تنهن جو اعتراف نه ڪرڻ ته خير زيادتي ٿيندي، پر شام جو جڏهن سج لٿو پئي، سيءُ اصل ڪاهجي پيو هو. خاص ڪري مون جهڙي اوقتو مان جيڪا ويڏن هئي، ساڳانڊي محسوس ڪري ٿي سگهيس.

مان ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم نمبر ۷ تي بيٺل عوامي ايڪسپريس لاءِ بڪ ٿيندڙ ٽن گاڏن مان وچئين گاڏي ۾، هيٺئين برٿ سيٽ تي ويڙهيو سيڙهيو ويٺو هئس، ۽ شهر جو الوداعي منظر ڏسي رهيو هئس. ڪي مسافر پنهنجو سامان کڻيو بڪ ٿيل سيٽن جي ڳولا ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪريون ڏسي ايڏي تہ جوش ۽ جذبي سان هٿ لوڏي رهيا هئا، ڄڻ سڄي گاڏي سندن ئي عزيزن سان ڀريل هئي!

گاڏيءَ هلڻ جي ڪري ٿڌي هوا تيزيءَ سان اندر اچڻ لڳي تہ مون دري بند ڪري ڇڏي. منهنجيءَ سيٽ تي اڻواقف عورت جي بيگ کليل پئي هئي. ڪجهہ گرم ڪپڙا بيگ کان ٻاهر پکڙيا پيا هئا. ۽ هوءَ پنهنجيءَ سيٽ تي ڪمبل وڇائي رهي هئي. مون کي عجب لڳو تہ 'هيءَ ڪهڙي عورت آهي جو ايڏي حجت پئي ڪري. منهنجي سيٽ تي پنهنجو سامان رکڻ کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ رسمي اجازت تہ وٺي ها!'

"معاف ڪجو، مان بسترو وڇائي، سامان کڻي وٺنديس." مان دل ۾ ڏاڍو ڦڪو ٿيس، پر ڪجهہ چئي نہ سگهيس. بيگ کڻي پنهنجي سيٽ تي رکي، وري بيبيءَ کي کڻي بيگ واريءَ جاءِ تي ويهاريائين. مان وري بہ حيران ٿيس. هيءَ ڪري ڇا ٿي! بيگ مان کي شيون ڪيڏندي ائين سون ڏي ڏٺائين ڄڻ مون ڪجهہ ڇيو هجي.

"مان بيبيءَ کي بہ پاڻ وٽ ويهارينديس، رکو سامان سولو ڪري وٺان." منهنجا تہ تاڪ لڳي ويا. عورت آهي يا جن! اندر جو حال پئي پروڙي!! هڪ غضب جو سيءُ. ٻيو سفر ڏکيو، تيون وري هيڙي ڇپ پاسي ۾، شل ڪو خير ٿئي....!

بيبيءَ کي کڻي پاڻ وٽ ويهاريائين، پر مان ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيرت ۾ ڪجهه خوف مان ڪيس ڏسندو رهيس. هن ست ڏيڻي سيٽ هيٺان رکيل پلاسٽڪ وارو چيڙ چڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ ان مان چانهه جو ٿرماس ڪڍي، ڀريون ڪوپ پيري مون ڏي وڌايائين.

"چانهن پيئو ته سيءَ کان ڪجهه بچاءُ ٿيندوَ."

نه چاڻ نه سڃاڻ، پوءِ به هيڏي حجت! ٿئين اسلامي قانون جو خيال ايندي ئي ڏڪي ويس. اسان اگهيڙي ٿي ڦوڪ ني آڏامن وارا جوان، اسي ڦٽڪا ڪير جهلي....! جان ڇڏائڻ لاءِ بهانو ڪيم:

"مهرباني، مان اجهو هاڻ ٻي آيس. اوهان پيلي پيئو." پر منهنجي ڳالهه اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيائين.

"گهر جي ٺهيل چانهن اٿوَ، ڏرين ۾ هيڙي ڪانه ملندوَ — ونو نه ...." مرندي ڪسندي ڪوپ ورتم — ٿرماس رکي چيڙ مان ناڏلمون جو ڦوڪٽي جهڙو وهاڻو ڪڍي وات سان ڦوڪي، ٻيهيءَ کي ان تي سهاري ڇڏيائين.

"شڪر آهي جو اڄ سيءُ گهٽ آهي. نه ته سفر ۾ الائي ڪهڙو حال ٿئي ها."

"جي ....!"

مونکان رڙ نڪري ويئي.

"اوهانجي خيال ۾ هن کان به وڌيڪ سيءُ پنجي سگهي ٿو؟"

"نه رڳو پنجي سگهي ٿو، پر پوندو رهيو آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لھجي لاءِ مون ڏي اُئين ڏٺائين ڄڻ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

”اوهان شايد هتي جا نہ آهيو؟“

”جي ها.“

سنڌس نرم لھجي جي ڪري خوف ڪجھہ گھٽ ٿيو ڳالھائڻ جو حوصلو مليو.

”مان نواب شاھ جو آهيان، اتي ايڏو سيءُ ڪونہ ٿو پوي.“

”نواب شاھ ڪٿي آهي؟“

پورڙائيءَ مان پڇيائين. مونکي سنڌس معلومات تي رحم اچڻ لڳو.

”نواب شاھ سنڌ جو چوٿون نمبر وڏو شھر ۽ مشھور ضلعو آهي“

”اڇا.... تہ توهان ’سنڌي‘ آهيو....!“

اهڙي مثل لھجي ۾ چيائين، ڄڻ منھنجي سموريءَ مداين جي کيس اڳيئي خبر هئي، رڳو صورت ڏسڻ جي آرزو هيس، جيڪا اڄھو پوري ٿيس.

”جي ها.“

هن جي چھري تي ناگواريءَ جون ريکائون اڀري آيون. ڪن گھڙين تائين تہ چپ چاپ مون ڏي ڏسندي رهي. منھنجي اندر ۾ ڪنھن اڇاتل خوف وري ڪر موڙيا. ماڻڙي ڪري ڪمبل ويڙهي ڪانئس لاتعلق ٿي ويھي رهيس. ڏنم تہ رکي رکي چور نظرن سان مون ڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنائين پئي. گهڻي دير تائين مان رهڻ ڪانپوءِ نيٺ ڦات ڪاڏائين.

"سنڌين بابت مون ڪي عجيب ڳالهيون ٻڌيون آهن."

مان ڇرڪي پيس! جنهن ڳالهه جو ڊپ هئم، نيٺ ان سر کڻيو!! منهن تان ڪمبل هٽائي، سنڌس ڇهري ۾ ڏسي اندازو لڳائڻ چاهيم ته آخر هن جي خيال ۾ ڪهڙيون ڳالهيون "عجيب" ٿي ڏسي سگهيون. پر ڇهري مان هوءِ مون کي هڪ پڙهيل ڳڙهيل باوقار خاتون نظر آئي، دل جهلي پڇيم:

"مثال طور؟"

"ته هو سياسي طور اچان سجاڳ نه ٿيا آهن. تعليم ڏانهن به توجه ڪونه اٿن. ڪمائي ڪاڻ بدران چوريون ڪري، ڌاڙا هڻي، ٻين جا حق هضم ڪن ٿا. پنهنجيءَ ضلعي جي ڪنهن شهر ۾ ويندا ته چوندا، 'پرديس ۾ آيا آهيون.' ڇا اهو صحيح آهي؟"

"محترمه اوهان هڪ ئي سوال ۾ چار مختلف سوال پڇي ورتا آهن. هر سوال پنهنجي جاءِ تي ڀرپور سياسي ۽ اقتصادي پس منظر رکي ٿو. مونکي ڪجهه وقت عنايت ڪري سگهو ته شايد مان پنهنجو نقطهء نظر واضح ڪري سگهان."

"توهان ائين نه سمجهيو ته خدانخواسته مون پنهنجي طرفان اهو 'الزام' هنيو آهي. توهان کي شايد تعجب لڳي ته مون ڪڏهن 'سنڌ' ڏٺي به ڪانهي. مون ٻڌل

نہ ٻيو ڇا سمجهندو....

هن جون اکيون حيرت مان قائل ڏسي سمجهي ويس نہ ڏک سنڌائتو لڳس.

”جيڪڏهن سچ پڇ ائين آهي تہ اها وڏي زدياتي ڇئي.... ڇا توهان کي اهڙن علائقن ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو آهي؟“

”اتفاق ڇا، مان تہ رهان ئي اهڙي علائقي ۾ ٿو....! اوهان جي ٻين سوالن جا جواب ڀل ڏئي ٿو سگهان. خاص ڪري سياسي سجاڳيءَ واري نقطي لاءِ صرف ايترو چوندس تہ ملڪ جي ويڇهڙائي واري سياسي دؤر تي هڪ غير جانبدارانا نظر وجهڻ سان ان سوال جو جواب ملي وڃي. اهي سنڌ جا سياستدان ئي هئا، جن پيڙهيل طبقي کي پيڙيندڙن اڳيان ڪنڌ ڪٽي ڳالهائڻ جو شعور بخشيو.“

”پر ان جو نتيجو؟“

سوال ٻڌي هيڪر تہ ڏکي ويس. لمحن جي خاموشيءَ کان پوءِ مناسب سمجهيم تہ اهڙي اگري سوال جو ڪوڙو جواب ڏيڻ بدران، تاريخ کولي سنڌس اڳيان رکجي.

”محترم، اها ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي ـــ مسلمان ملڪن ۾ سامراجي اشارن تي ائين هميشه ٿيندو رهيو آهي. ويڇهڙائي واري دؤر تي ڏي نظر وجهو. انڊونيشيا جي سوئيڪارنو کي معزول ۽ معتوب ڪيو ويو،

سعودي عرب جي شاهه فيصل کي سندس ڏي ڀائٽي هٿان شوٽ ڪرايو ويو. بنگلاديش جي شيخ مجيب الرحمان ۽ افغانستان جي سردار دائود کي ٻارن ٻچن سميت، سندن ڏي قومن هٿان مارايو ويو. ايران جي رضا شاهه پهلوي کي جان بچائڻ لاءِ تخت ڇڏي ڪٽنب سميت جلاوطن ٿيڻو پيو. مصر جي صدر سادات کي اسلامي دنيا کان ڇني ڌار ڪيائون، ايران جي بني صدر کي سوڙهو ڪيائون ته ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو. ايران ۽ عراق کي پاڻ ۾ لڙائي تباهه ڪري ڇڏيائون. ايران ۾ ته اندروني طرح به ڪوس وجهرائي ڇڏيائون. ياسر عرفات، قذافي، حافظ اسد ۽ خوميني ۽ جي پويان به لڳا پيا آهن....

در اصل وڏيون طاقتون نٿيون چاهين ته اسرندڙ ملڪ، خاص ڪري اسلامي ملڪ سک جو ساهه کڻي سگهن. اسرندڙ ملڪ، وڏين طاقتن جي ٺاهيل هٿيارن جون بهترين مارڪيٽون آهن. جيڪڏهن اتي امن ۽ سڪون هوندو ته پوءِ هنن جي هٿيارن جو ڇا ٿيندو....؟ ڇا هنن جي معيشت تباهه نه ٿيندي؟“

ڳالهه پوري ڪري ته مرڪي ڏنائين.

”اوهان شايد ليڪچرار آهيو؟“

”جي نه، مان پرائمري ماستر آهيان.“

”جي ....!!“

ائين رڙ ڪيائين، ڄڻ مون اڪيون پوري ڪوڙ ڳالهايو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اوهان يقين ڪريو، مان پرائمري ماستر آهيان. سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪري چڪو آهيان، هاڻي پوليٽيڪل سائنس ۾ ڪريان پيو. پر رهندس اهوئي ماستر.“

پنهنجي آئيندي کان مايوس هجڻ جو اعتراف ڪيم.

”اها ته اوهان سان وڏي زيادتي چئبي.“

”زيادتي ته منهنجي دوست غلام حسين سان آهي، جيڪو P. H. D. ڪري ڊاڪٽر ته ٿيو آهي. پر اڃان تائين ماستر ئي آهي. اهڙا ٻيا به ڪوڙ مثال آهن.“

”اسان ٻڌو ته سنڌين ۾ تعليم آهي ئي ڪانه، اوهان ته ڳالهه ئي ٻي ٻڌائي آهي.“

”اوهان جو به ڏوهه ناهي، اسان ۾ هيڏانهن اچڻ جو رجحان ئي ڪونهي. نه وري ڪڏهن اچڻ ڏنو ويو آهي. در اصل جيستائين اچ وڃ ناهي، ميل ميلاپ ڪونهي، هڪڙي علائقي جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي حالتن کان ٻيو علائقو بي خبرئي رهي ٿو. اهو مسئلو اڄ به حل طلب آهي.“

”جناب سچ پڇو ته مان اوهان جي حقيقت پسنديءَ کان ڏاڍو متاثر ٿي آهيان ـــ هونءَ به اهڙا ماڻهو اتفاق سان ئي ملندا آهن، جن کان متاثر ٿجي.... سچي ها! اسان هيتري دير کان ڳالهائيندا پيا اچون. پر واقفيت ته ڪانه ڪرائي سون.... مونکي عروج چوندا آهن. يو. بي. ايل ۾ اسسٽنٽ مئنيجر آهيان. ننڍيءَ ڀيڻ جي شادي ڪراچيءَ ۾ ٿي آهي، ان سان ملڻ پئي وڃان ـــ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان ٻڌايو ... ؟"

"مونکي دوست علي چوندا آهن. پيشي بابت تہ اوهان کي ٻڌائي چڪو آهيان، نواب شاہ کان ٿورو پرتي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندو آهيان. هتي هڪ قيدي دوست سان ملڻ آيو هئس."

"دوست علي صاحب، اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. خاص ڪري سنڌ ۽ سنڌين بابت ڪي اهم ڳالهيون معلوم ڪري، معلومات ۾ چڱو اضافو ٿيو آهي. ڪيڏي نہ خوش قسمت هوندي اها "خاتون" جنهن کي اوهان چونڊيو هوندو....!"

"معاف ڪجو، مون اڃان تائين اهڙي غلطي ناهي ڪئي."

"جي ...!!"

"مون اڃان شادي نہ ڪئي آهي."

"واقعي ؟؟"

"ها."

"سبب ؟"

"پنهنجي معاشي بدحالي ۽ غير يقيني روزگار."

"انهن جو اوهان جي شاديءَ سان ڪهڙو تعلق؟"

"نہ رڳو تعلق آهي، پر ڏاڍو گهرو تعلق آهي — مان هڪ تعليم يافتہ ۽ صحتمند نوجوان هوندي بہ ايترو نٿو ڪمائي سگهان جو پنهنجي پوڙهيءَ ماءُ ۽ ڀيڻن سان گڏ سٺيو ذڪر ڪائي، سک سان سمهي سگهان ....

۽ سچ پڇو تہ هن انڌي منڍي نوڪريءَ تي بہ ڀروسو ڪونهي تہ جاري بہ رهندي يا ڪنهن جمي اشاري تي کسجي ويندي. ان ڪري نٿو چاهيان تہ قوم جي ڪنهن بي گناهہ نياڻيءَ کي شاديءَ جي بهاني ڦاسائي، بکون ڏيئي سندس جيئڻ حرام ڪري ڇڏيان. اڃا بہ اڻين ڇوڻ مناسب ٿيندو تہ هنن حالتن ۾ مان پنهنجي نسل کي جنم ڏيڻ کان قاصر آهيان....!"

"عجيب سوچ آهي اوهان جي."

مون پنهنجيءَ شخصيت کي بحث جو موضوع بنائڻ مناسب نہ سمجهيو. گفتگوءَ جو رخ بدلائڻ جي ڪوشش ڪيم:

"اوهان پنهنجي 'مسٽر' بابت ڪجهہ نہ ٻڌايو آهي."

اڻين نهاريائين، ڄڻ مون ڪو ناقابل بحث موضوع ڇيڙيو هجي. ڏکيو ساهہ کڻي، اکيون جهڪائي ڇڏيائين.

"ان جي ڊيٿ ٿي وئي...."

ڏک ۾ ٻڏل آواز ٻڌي، ڏڪي ويس. هڙي عورت کي، هن عمر ۾ 'بيوهہ' ڪري آخر قدرت کي مليو ڇا؟ هي تہ تصور کي حقيقي روپ ۾ ڏسڻ جا ڏينهن آهن. خواهشن کي تڪميل تائين پهچائڻ جي عمر آهي. خوابن جي تعبير ماڻڻ جي وهي آهي. پر قدرت نہ سٺو.

"ڇا ٿيو هئس؟"

"بلڊ ڪينسر ـــ هزارين رپيا علاج تي ڳاري ڇڏياسين، ملڪ کان ٻاهر بہ ويو، پر سڀ فضول.... بہ

سال ٿي ويا اٿس.“

لڙڪ پنبڻين ۾ اٽڪي پيس.

”عروج بيبي، انسان ويچارو ڏاڍو بيوس آهي، هو ڪنهن کي ڏکندو ڏسي، ڏکي ته سگهي ٿو، پر ڏک ورهائي نٿو سگهي.“

هن گيت ڏيئي، اکيون اگهيون. بهتر سمجهيم ته نه رڳو اهو موضوع ترڪ ڪجي، پر في الحال مرڪوئي ڪٽي مات ڪجي. هن بيبيءَ جي منهن ۾ چتائي ڏٺو ۽ سندس منهن تي وڪريل وارن کي هٽائي ڳل تي ٿپڪي ڏنائين.

”پنن سالن ۾ اوهان کي ڪڏهن اڪيلائيءَ جو احساس نه ٿيو آهي؟“

لاشعوري طور وري به ساڳيو موضوع ڇيڙي ويٺم، جُهريل نگاهون کڻي ڏنائين.

”اوهان ڇا ٿا سمجهو؟“

اڌورو جملو سندس اندروني ڪيفيت جو ڇپيل ايڪسري پرنٽ هو، جنهن ۾ ذهني انتشار، ياسيت ۽ تشخص جي ڏهي پوڻ جون سموريون ڪيفيتون نمايان هيون. جملو مڪمل ڪري ها ته شايد اهوئي چوي ها ته ’ساٿيءَ کان وڇڙي زنده رهڻ کان بهتر آهي ته مري وڃجي!‘

ماحول ڏاڍو گنڀير ٿي ويو. مون شيشي مان ٻاهر ڏٺو، ڪنهن اينڊڙ شهر جي ’ڪچي آباديءَ‘ جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳهيون ۽ جهوپڙيون نظر آيون. گاڏيءَ جي رفتار
ڍري ٿيڻ لڳي.
”ڪهڙي اسٽيشن آهي؟“
مون دريءَ مان منهن ڪڍي، ريل جي پاسي ۾
اڳيل بورڊ ڏانهن ڏٺو.
”ميان چنون آهي.“
گاڏي بيهندي ئي گهوڙيءَ جي پوري ٽيم گاڏن
۾ ڪاهجي پئي. گوڙ ئي بيبيءَ جي اک کلي پئي.
سائس ڪيس ڇڪي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريو.
”امان ڪراچي اچي ويئي؟“
بيبيءَ اکيون مهٽيندي، پليٽ فارم جون بتيون
ڏسي پڇيو.
”نه پٽ، اڃان گهڻو پري آهي.“
هن سٽ ڏيئي سيٽ هيٺان رکيل پلاسٽڪ واري
ٿيلهي مان وڏو ٿلهو ڪڍي، سيٽ تي کولي رکيو.
”اچو ماني کائون.“
”مهرباني، مونکي طلب ڪانهي. اوهين پلي کائو.“
”ائين وري ڪيئن کائينداسين — جناب هينئر اسان
هڪ ئي گهر جا ڀاتي آهيون ڏک سک ۾ سات ڏيڻو
آهي .... اچو اچو، نه ته اسان به نه کائينداسين.“
هن بيبيءَ کي هنج ۾ ويهاري، پئي طرف منهنجي
لاءِ جاءِ ڇڏي. اسانکي شروع کان وٺي ايڏو گهرو ڏسي،
آس پاس وارن مسافرن کي پڪ ٿي ته اسان پنهنجا پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ آهيون، ان ڪري اسان جي ڳالهين ڏانهن ڌيان ڪونہ پئي ڏنائون. ۽ نہ وري ٻين جي موجودگيءَ جي ڪري اسان ڪو حجاب ٿي ڪيو.

”مون سوچيو سفر ڏکيو آهي، ريل ۾ چڱي شيءِ ملڻ جي اميد ڪرڻ ئي بيڪار آهي، ڇونہ گهر جي ماني ڪٺجي.“

مون سندس دوراندیشيءَ جي تعريف ڪئي. ماني کائڻ بعد هن ڇڙي مان پپيتي جون ڪجهہ ڇلڪيل ڦاروں ڪڍي رکيون.

”ماني کائڻ کانپوءِ، پپيتو کائڻ اڃان بہ وڌيڪ فائديمند آهي.“

”ها، واقعي پپيتو کاڌي کي ڳاريندو آهي. ان ڪري ئي تہ پوڙهين مونهن جي گوشت رڌڻ وقت پپيتي جو ذرو بہ ديڳڙي ۾ وجهي ڇڏبو آهي تہ جيئن گوشت جلدي ڳري وڃي.“

”رڌ پچاءُ ڪرڻ تہ عورتن جو ڪم آهي، توهان کي ڪيئن خبر پئي؟“ هلڪڙو ٽهڪ ڏيندي چيائين.

”هر اهو ڇڙو مرد، جيڪو گهر کان ٻاهر نوڪري ڪندو هجي، رڌ پچاءَ جو سمورو ڪم سکي ويندو آهي.“

”ان جو مطلب تہ جنهن خوش نصيب کي اوهان جي شريڪ حيات هجڻ جو ’شرف‘ حاصل ٿيندو، سا رڌ پچاءَ جي معاملي ۾ بہ مس ڳائيڊ نہ ٿيندي!“

”اهو آهي تہ صحيح، پر .... في الحال اهڙا آثار

ڪونہ ٿا نظر اچن."

"جي آثار پيدا ٿي پون تہ....؟"

مون کي ائين لڳو، ڄڻ ڪانيائيءَ ۾ ڳوڙهي وانگر گهمائي گهمائي ڪنهن مون کي اڇلايو هجي. هوءَ اکين ۾ شرارت ڀري، جواب طلب نگاهن سان گهوريندي رهي.

"شايد... شايد ان سوال جي جواب سان مان هينئر انصاف نہ ڪري سگهان..."

هن ڏانهن نهارڻ کان سواءِ ڇيم. ۽ چاڙي ڀڄهي ڪتاب کولي مصروف ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم.

"آخر اهو ڪهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ ايڏي دلچسپي وٺو پيا؟"

اهڙي ڪروڌ مان ڇيائين، جو سمجهي ويس نہ منهنجو انوائڻ کيس چڱو نہ لڳو.

"بال جبريل آهي اقبال جو."

"ڇمبو نہ شاعريءَ سان ڏاڍو لڳاءُ اٿو؟"

"ها — شاعريءَ سان بہ لڳاءُ اٿم — منهنجي خيال ۾ هر پڙهيل ڳڙهيل ماڻهوءَ کي ادب جي سڀني صنفن جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. مطالعي سان اصولن ۾ پختگي اچي ٿي ۽ زندگيءَ ۾ حسن پيدا ٿئي ٿو — مطالعي جو شوق تہ اوهان کي بہ هوندو؟"

کيس نئين موضوع سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪيم.

"ها.... ڪنهن زماني ۾ هو. تڏهن ڪچا ڦڪا شعر بہ لکندي هيس. پر دوست علي صاحب، جڏهن دل جا

زخم جهري پوندا آهن، تڏهن سموريون دلچسپيون ختم ٿي وينديون آهن...."

هوءَ ڏکاري ٿي ويئي.

"زخمن جي جهري پوڻ کان پوءِ ٿي صحيح معنيٰ ۾ تخليقي عمل جي ابتدا ٿيندي آهي عروج، ذهني عذاب ۽ پيڙائون پوکڻ وقت، تخليقڪار جي قلم ۾ مس بدران، جگر جو ـون ڪم ڪندو آهي. ۽ خون جگر سان لکيل تحرير، گلن جيان معطر ۽ صبح جي ڪرڻن جيان پوتر هوندي آهي، جيڪا تخليقڪار جي تصور جو عڪس بنجي، ڪيس امر ڪري ڇڏيندي آهي. هڪ سچو تخليقڪار پنهنجي دؤر جو امين هوندو آهي. وقت جي هر گهڙي، هر لمحو ڪائنات انصاف جو طالب هوندو آهي. ايندڙ نسلن لاءِ هڪ قابل قدر ادبي ورثو ڇڏڻ لاءِ ضروري آهي ته اوهان پنهنجين جامد تخليقي صلاحيتن ۾ سنڌوءَ جي ڇولين جهڙو ترنلو ۽ هماليه جي آبشارن جهڙي رواني پيدا ڪريو — منهنجي خيال ۾ هڪ تخليقڪار جو اهوئي ادبي ۽ سماجي ڪارج ٿي سگهي ٿو...."

هن ٻڳهو ساهه کڻي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

"دوست صاحب، اوهان ته مون کي چرڪائي ڇڏيو آهي.... سچ پڇو ته اوهان جي سامهون ليڪڪ سڏائيندي مون کي ته لڄ پئي اچي."

"ائين نه چئو عروج. مان ته ادب جو هڪ ادنيٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'قاري' آهيان ۽ قاري ڪيڏو به ڪٿي با ذوق ڇو نه هجي،
پر 'سرجڻهار' جي پيٽ ۾ ثانوي حيثيت رکي ٿو."

ڪجهه چوڻ بدران هڪ لمحي لاءِ هن منهن ڪٿي گهوري ڏنو.... اوجاڳي، سفر ۽ سيءَ جي ڪري سندس منهن لٿل ۽ اکيون ڳوڙهيون پئي لڳيون.

"اوهان کي شايد ننڊ پئي اچي.... ڀلي آرام ڪريو. رات به ڪافي گذري وئي آهي."

هن ڪوبه جواب نه ڏنو. مان ڪمبل ۾ ويڙهجي سيڙهجي ويهي رهيس.

"ٽائيم ڇا ٿيو؟"

جيتوڻيڪ وٽس به گهڙي هئي.... يا ٿي سگهي ٿو ننڊ جي گهيرٽ ڪري پنهنجي گهڙيءَ جو خيال نه رهيس.

"ٻارهن پنجيتاليهه ٿيا آهن."

هن جون اکيون نه چاهيندي به ٻوٽجڻ لڳيون. سيٽ تي ٻيهي سٽي پئي هئي. هن جي سمهڻ جي گنجائش ئي نه هئي. شايد ان ڪري سمهڻ نه پئي چاهيائين.

"اوهان کي اتي سمهڻ ۾ تڪليف ٿئي ته مان اچي اتي ويهان، جي اوهان منهنجيءَ جاءِ تي سمهڻ چاهيو ته؟"

"توهان کي ننڊ نٿي اچي ڇا؟"

زوريءَ اکيون پٽي ڳالهايائين.

"في الحال ته ڪانه ٿي اچي، جي ايندي به ته ويٺي ويٺي جهٽڪڙي ڪاڍي وٺندس. پر اوهان کي ويهڻ ۾ تڪليف ٿيندي ـــ اچو، هن پاسي اچو...."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٻيهيءَ وٽ وڃي ويٺس ۽ هوءَ منهنجيءَ سيٽ
تي ڊهي پئي.
”دوست.“
”جيءُ.“
”گاڏي ڪيڏي مهل نواب شاهه پهچندي؟“
”شايد صبح جو ٽي ڪنهن وقت پهچندي. صحيح
وقت جو اندازو ته مون کي به ڪونهي.“
هن جون اکيون پورجي ويون. ۽ مون ’بال جبريل‘
۾ اکيون کپائي ڇڏيون. پر اندر ۾ ٿيندڙ اٿل پٿل جي
ڪري پڙهي نه سگهيس. ڪڏهن اکين ۾ لفظ ترورا
ٿيو ٿي ويا ته ڪڏهن ذهن ۾ اڻ ڏٺا عڪس چٽجيو پئي ويا
ته ڪڏهن وري ننڊ کان اکيون پورجيو پئي ويون. ڪتاب
بند ڪري سوچڻ لڳس ته گاڏيءَ ۾ وک وک تي ماڻهوءَ
هوندي به ڪيڏو نه سڪون آهي. ڪيڏي نه ماڻار
آهي! اهڙي سک، اهڙي سڪون لاءِ ورهين کان واجهائيندو
رهيو آهيان. اهڙن مخلص ۽ ملنسار انسانن جي تلاش
۾ هنڌ هنڌ ڌوڪرون کائيندو رهيو آهيان، پر سواءِ
مايوسي ۽ محروميءَ جي ڪجهه نه مليو. آرزو وري به
پوري ٿي ته ڪٿي؟ ٽرين ۾! ڪيڏو نه سٺو ٿئي جيڪر
سڄي زندگي ٽرين ۾ ئي گذري وڃي....!! هر ايندڙ
مسافر جي مرڪي آجيان ڪجي، هر لهندڙ مسافر کي
خوشگوار يادن جي خزاني سان سالا مال ڪري
موڪلجي....اسان جي سوسائٽيءَ کان ته عوامي ايڪسپريس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهتر آهي. جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اهو خيال نہ ڪونہ ٿو اچي تہ ’هوءَ‘ سيٽ والارجي، هن جيءَ سيٽ تي قبضو ڪجي .... سوسائٽيءَ ۾ تہ ماڻهو ڪرسيءَ تان سر ڏيندا آهن. ڪي ڪرسي کسڻ تي تہ ڪي ڪرسي بچائڻ تي. جڻ اصل شيءِ ڪرسي آهي ۽ انسان ان جو محض هڪ نمڪ حلال چوڪيدار .... ! ڪاش اهڙو ڪو دؤر اچي، جو ڪرسيءَ بدران انسان ڪيڏي ’اصل شيءِ‘ مڃيو وڃي. ڪاش اهڙو .... ڪاش ....

.... .... ....

پنيءَ تي هلڪي ٺپڪي محسوس ٿي. جاڳي پيس. سامهون عروج چانهن جو ڪوپ کنيو بيٺي هئي. ڪانڌس ڪوپ وٺندي گهڙيءَ ڏانهن ڏٺم . ساڍا چار ٿيا هئا.... ڪمبل مٿي تان لهي ويو هو، ڪتاب هيٺ ڪري پيو هو، جيڪو عروج کڻي منهنجي پاسي ۾ رکيو .
”توهان ڪيڏي مهل اٿيون آهيو ؟“
” اڄهو هاڻي .... “
” بيبيءَ لاءِ چانهہ رکي اٿو؟“
” چانهن گهٽي آهي، ڪراچيءَ تائين ڪانہ کڻندي — سيءُ لڳيو ٿو تہ ڪمبل ڏيانو؟“
” نہ، مهرباني . اها پيشڪش تہ پاڻ مان توهان کي ڪريان ها.“
هن نندا ڪڙن نيڻن سان نهاريندي، منهن تي ڪريل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن کي جاڳايو ڪيو.

”هاڻي توهان پنهنجيءَ سيٽ تي وڃي ٿورو آرام ڪريو. سڄي رات ويٺي گذاري اٿو.“

”نه، هاڻي ته ڏينهن ٿيڻ وارو آهي، ننڊ ڪٿان ايندي.“

هوءَ منهنجي ڀر ۾ ويهي رهي. سيٽ جي ٽيڪ تي پاڻ کي ڍرو ڇڏي ڏنائين.

”دوست.“

”جيءُ.“

”مان سمجهان ٿي برپٽن ۾ ڪي اهڙا گل به ٿڙندا آهن، جن جي خوشبوءِ باغن ۾ پليل گلن کان وڌيڪ موهيندڙ ۽ رنگ وڌيڪ پرڪشش هوندا آهن. اوهان جو ڇا خيال آهي؟“

”عروج ـــ مان اها ڳجهارت ڀڄي نه سگهيو آهيان. مون سان اهڙيون ڳالهيون نه ڪر، جن جي تهه تائين پهچڻ جي جا کوڙ ڪندي پنهنجي زندگي کپائي ڇڏيان، پر پهچي نه سگهان ....!!“

ڪجهه چوڻ کان سواءِ هن مون ڏي گهوري ڏٺو. ۽ پرس مان وزيٽنگ ڪارڊ ڪڍيائين.

”هي پاڻ وٽ رکو. ڪڏهن لاهور اچڻ ٿئي ته ياد ڪجو.“

مون ’ٿئنڪيو‘ چئي ڪارڊ کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. هوءَ اٿين نهارڻ لڳي ڄڻ مون وٽان به ڪنهن ڪارڊ ملڻ جي اميد هجيس. جڏهن پاڻمرادو اها اميد پوري نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيس تہ چئي ڏنائين :

”اوهان پنهنجو ڪارڊ نہ ڏيندؤ ؟“

”مان ڪهڙو وڏو ماڻهو آهيان جو ڪارڊن جي ضرورت پوي .... خير ، اوهان کي خط لکڻ مهل ائڊريس ضرور لکندس .“

”انسان جي عظمت کي عهدن جي ماهميءَ ۾ نہ تورڻو آهي دوست ! اوهان جيڪا عزت پڻ کي ڏيو ٿا ، مان توهان جي عظمت آهي ، ۽ ان جي عيوض اوهان اجان بہ وڌيڪ جا مستحق آهيو .“

”ڪاش هر انسان اوهان وانگر سوچي !“

هڪ دفعو وري خاموشي ڇانئجي ويئي . ائين پئي لڳو ڄڻ اسان وٽ يا تہ ڳالهائڻ لاءِ لفظ نہ رهيا ، يا ڳالهائڻ جي طاقت کسجي ويئي ـــ اوچتو هڪ ننڍڙيءَ اسٽيشن تي نظر پئي . ميڻائين رنگ جي بلڊنگ تي ڪارن اکرن ۾ ”پانڌي“ لکيل ڏسي ڏڪي ويس . ايڏو ڊگهو سفر ايترو جلد ڪيئن ڪٽجي پيو !

”عروج !“

”جيءُ .“

”سمجهان ٿو تہ منهنجي اسٽيشن ويجهو اچي وئي آهي !“

ڇڻ قبر مان مردي پڙڪيو .

”نہ تہ !“

هوءَ ڇرڪجي پئي .

”بس ڪي پندرهن ويهه ميل مس هوندا.“
هوءَ ڏہيءَ ۾ پنجي ويئي. لمحن جي خاموشيءَ کان
پوءِ پاسو ورائي پڇيائين:
”اوهان جو ڳوٺ شهر کان ڪيترو پري آهي؟“
”پندرهن ميل ڪن.“
”ڳوٺ تائين ٽرانسپورٽ جي سهوليت آهي؟“
”ڏهن ميلن تائين تہ آهي، باقي پنج ميل ڪن پند
ڪرڻو پوي ٿو.“
”نواب شاهہ کان ڪراچي تائين ڪيترو مفاصلو آهي؟“
”هوندو ڏيڍ سؤ ميل ڪن ـــ ڇو؟“
”ائين .... پہلا صبح مهل ڪراچيءَ لاءِ ٽرين ملي
سگهندي آهي؟“
”ها، پر توهان اهي سوال ڇو ٿيون پڇو؟“
”ائين ڏي معلومات لاءِ.“
هن جي بيچيني وڌندي ويئي.
”دوست.“
”جيءُ.“
”........“
هوءَ ڳالهائي نہ سگهي.
”ڇؤ، ڇا ٿيون چوڻ چاهيو؟“
”ڪجهہ نہ. بس ائين ڏي ....“
مان لهي وارو آهيان عروج. پر هي منهنجي زندگيءَ جو
اڻ وسرندڙ سفر آهي .... حيران آهيان تہ جن ڇهرن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تلاش ۾ جوڳي بڻجي در در ڀٽڪندو پيو. تہ بہ ڏسڻ نصيب نہ ٿيو ٿئي، سي ھلندي ھلندي ڪيڏانھن مليو وڃن!!"

مون ساھيون کنديءَ، وقفا ڏيندي جملو پورو ڪيو. جي لفظ اچھن ھا تہ شايد اڃان بہ ڪجھہ چوان ھا — ھن ڊگھو ساھہ کڻي، ٻيبيءَ کي ننڍ مان ڀڻي اٿاريو.

”لبني…. لبنيٰ…. انڪل وڃي پيو، اٿي ’ٽا ٽا‘ ڪرينس پٽ!“

ٻيبيءَ اکيون مليءَ، پنھنجا ننڍڙا ھٿ کڻي مون کي ’ٽا ٽا‘ ڪيو. مون جھڪي کيس ’پپي‘ ڏني ۽ ٻڍڳ کڻي در ڏانھن وڌيس، تہ عروج سڏ ڪيو.

مان مڙي سندس اڳيان اچي بيٺس.

”چئو.“

”وڃو پيا….“

ڀنل اکيون کڻي ڏنائين.

”وڃڻو ئي پيو.“

”ٻڌو، مون شروع ۾ سنڌين بابت ڪجھہ ٻڌل ڳالھيون اوھان سان ڪيون ھيون، ياد اٿو؟“

”ھا — چڱيءَ طرح.“

”مان اھي لفظ واپس ٿي وٺان.“

اکيون ٽمي پيس. مون ٽڪ ٻڌي سندس منھن ۾ ڏٺو. پنھنجا لڙڪ ضبط ڪندي صرف ’ٿينڪيو‘ چئي

تيزيءَ سان گاڏيءَ مان لهي ويس. ويندڙ گاڏيءَ مان نظر نهار تائين عروج دريءَ مان نهاريندي، هٿ لوڏيندي رهي ۽ گاڏي ٽنل تاري جيان نظرن کان غائب ٿي ويئي.
مونکي ائين لڳو ڄڻ ڪر منهنجي وجود کي ننهن کان چوٽيءَ تائين ڪرٽ سان چيري، ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. هڪڙو حصو پليٽ فارم جي پٽڙائين بينچ تي پيو هو ته ٻيو حصو گاڏيءَ ۾ رهجي ويو....!!! *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هو، جيڪو سڌري نه سگهيو

هو جڏهن ڪراچي مان نڪتو هو. تڏهن نه ته ايڏي تعداد ۾ هيڏيون اوچيون بلڊنگون هيون، نه وري ماڻهن ۽ گاڏين جي هيڏي پيهه هئي. هاڻ جڏهن لڳ ڀڳ پنجن سالن کان پوءِ موٽيو آهي ته پنهنجو پاڻ کي اوپتو پيو سمجهي.

پنجن سالن ۾ ته ڪراچيءَ جو مهانڊو ئي مٽجي ويو آهي. سڀ پئسي جا ڪرشما آهن. پئسو هٿ ۾ هوندو آهي ته هٿ هرو ڀرو به چرڻ لڳندا آهن. ان ڪري ئي ته رڪز، مئجسٽڪ، پيراڊائيز ۽ ڪئپيٽل جهڙيون وچ شهر ۾ ٺهيل سئنيمائون ڊاهي، سپر مارڪيٽون ٺاهيون ويون آهن. ڪو دور هو جو ماڻهو شوق ڪري سئنيمائون ٺهرائيندا هئا ۽ اڄ هرڪو سئنيمائون ڊهرائي پيو ڪو ڪاروبار شروع ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي. وقت بدلجي ويو حالتون بدلجي ويون، سوشلزم کي رد ڪرايو ويو، اسلام ڏانهن ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو پيو وڃي ۽ اسلام ۾ تصوير ڪشي گناهه آهي، ان ڪري سئنيمائن جي اهميت آهستي آهستي ختم ٿيندي پئي وڃي. هن جو ڪاروبار به ته سئنيمائن سان واسطو رکي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڌ۾ اجايو ويس. مطلبي محبوبه وانگر ڪراچيءَ به ڪائنس منهن موڙي ڇڏيو آهي. احساس ٿي ڪونه ٿيس ته هن به ڪي ڏينهن سندس خدمت ۾ گذاريا ڪيس بي مانو نه ڪري....

”هيلو....“

ڇرڪ ڀري سامهون ڏسي ٿو. سرمئي ساڙهيءَ ۽ سليولیس بلائوز ۾ ملبوس ڪا سانوري سلوڻي قداور عورت سندس اڳ ڀرو بيٺي آهي، منهن تي عجيب مسڪراهٽ اٿس — هو واڱڙو ٿي بيهي ٿو رهي. هوءَ پرون تاڻي، چپن کي عجيب ادا سان موڙو ٿي ڏئي.

”آءِ ٿنڪ يو آر مسٽر فيض قريشي.“

هو تهان ڏي وڌيڪ حيران ٿي ٿو وڃي، ڳيتون ڏيندي پڇڪي ٿو:

”يس.... يس مئڊم. بٽ.... بٽ آءِ ايم ساري، آءِ ڪانٽ آئڊينٽفاءِ يو!“

موٽ ۾ هوءَ وات تي هٿ رکي هلڪڙو ٽهڪ ڏئي ٿي:

”فيض، مان خاور آهيان. ڪونه سڃاتوَ؟“

”اڙي.... !!“

هن جي وات مان بي اختيار نڪري وڃي ٿو، پر آهو ”اڙي“ رڳو ٽن حرفن وارو ڪو ننڍڙو لفظ نه رهيو، بلڪ هڪ اهڙي ڳنڍڙي ڀڄي ويو جنهن ۾ ١٨٢٥ ڏينهن پڌل هئا، هو حيرت ڳاڏڙ خوشيءَ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوي ٿو:

”سچائنديءَ ڪمال ڪري ڇڏيو آٿو. سچ پچ ته مون توهان کي نه سڃاتو.“

هوءَ ٻئي هٿ ارهه تي ٻڌي ڪنڌ هڪ طرف ٿورو جهڪائي، ليائيمنڊز ادا سان پڇي ٿي:

”ڪيڏانهن پيا وڃو؟“

”ائين ئي ٿورو چڪر....“

”اچو ته ٿوري دير هلي ڪٿي ويهون، تڪڙ ته ڪانه اٿوَ نه؟“

”ايڏي ته ڪانهي.“

هوءَ ٽريل تڪيل قدمن سان، ڍيل جيان ٿلندي، ساڙهيءَ جو پلئه ڪلهي تي ٺاهيندي اڳيان اڳيان هلڻ لڳي ٿي ۽ هو اهو سوچي ته ’ماڻهو ڇا سمجهندا ته هو هن جو ڇا لڳي؟‘ مٺل مٺل وکن سان سندس پويان هلي ٿو. ٧٧ ۾ ويهن ٿا.

”ڇا هلندو؟“

”جيڪو اوهان چاهيو.“

هوءَ ويٽر کي آرڊر ڏئي ٿي. ۽ منهن تي لڙي آيل ڪٽيل وارن کي جائيتو ڪندي پڇيس ٿي:

”ڪٿي آهيو. سالن ڪان پوءِ ڏسڻ ۾ آيا آهيو؟“

”توهان کي شايد خبر هجي ته مان انهن ڏينهن ۾ ڪراچي ڇڏي ڳوٺ هليو ويو هئس. پنج سال کن

۽ اتي ڳاڙهو ڳڙهليم، پر مزو نہ آيو. وري موٽي آيس. اڄ هتي چوڏهون ڏينهن اٿم. هڪ ٻہ پراڻا ساٿي مليا بہ ته، نہ مليا جهڙا... ماڻهن جي هلڻ جا انداز ڏي بدلجي ويا آهن. ويس جو پنهنجي پراڻي آفيس ڏانهن، تہ اتي تہ دنياڻي بدلجي ويئي آهي. ڪا ”ريڪروٽنگ ايجنسي“ کلي آهي. اسان واري اداري جو تہ ڪو نالو نشان ئي باقي نہ رهيو. ڏاڍو ڊس هارٽيڊ ٿي پيو هئس، جو اوچتو اوهان سان ملاقات ٿي ويئي.

”ڪراچي ڏاڍو ظالم شهر آهي فيض صاحب. هيءَ جهڙي تهڙي ماڻهوءَ کي تہ اٿين ٻاهر تڏي ڇڏيندو آهي، جيئن سمنڊ جون ڇوليون مئل جانور کي....! ڪراچيءَ ۾ رهڻ ۽ رهي ڪمائڻ لاءِ دل گردي جي ضرورت آهي. توهان کي ياد هوندو تہ ڪيترن زماني ۾ سان ڪمپنين ۾ ڌڪا کائيندي هيس، ڪا لفٽ ڏي نٿي ملي. پر مون حالتن جو مقابلو ڪيو. وقتي ناڪامين ۽ مايوسين کان هار نہ قبوليم. اڄ خدا جي فضل سان مون وٽ سڀ ڪجهہ آهي.“

خاور لفظ ”سڀ ڪجهہ“ تي ايڏو زور ڏنو، جو فيض اڇائي ڏهڄي ويو. هو رڳو اکيون ٽمڪائي ڪيس ڏسندو رهي ٿو. خاور سينڊ وچ کائي، ٽشو پيپر سان هٿ اگهندي هن ڏانهن ڏسي ٿي.

”هاڻي ڪهڙو پروگرام اٿو؟“

”مطلب؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مطلب ته سروس وغيره جو ڪو بندوبست ڪيو اٿوَ ... ؟“

”نه، اڃا ڪونه ٿيو آهي. ۽ شايد ٿئي به نه.“

”دل وڏي ڪريو، ڇو ٿا مايوس ٿيو. اوهان جهڙي ڪم جي ماڻهوءَ لاءِ نوڪريون ڪوڙ ـ هي منهنجو ڪارڊ اٿوَ. ڪيڏيءَ مهل به هليا اچو. منهنجي ”اداري“ جا دروازا اوهان لاءِ ڪليل رهندا.“ هو ڪارڊ وٺندي حيرت ۾ پئجي ويو ته هاڻي هوءَ ”پنهنجي“ اداري واري به ٿي ويٺي آهي! ڪارڊ ڏانهن ڏسي ٿو.

خاور ماڊلنگ سينٽر

گلشن اقبال ڪراچي

فون نمبر .... .... ....

”ته هاڻي توهان ذاتي ادارو کوليو آهي .... سٺو، ڏاڍو سٺو.“

”بس، پيٽ گذر لاءِ ڪجهه ته ڪرڻو ئي پوي ٿو نه. حالانڪ ان ڪان وڌيڪ انڪم پين ڏنڌن ۾ هئي، پر هن ڪم سان منهنجي دلچسپيءَ جو مسئلو به هو. پنج ڇهه سال ماڊلنگ ڪندي ٿورو ٿورو ڪاروباري تجربو به ٿي پيو، ان ڪري سنڀالڻ ۾ به آساني پئي لڳي.“

”ها ـ ڪنهن به ڪاروبار جي سلسلي ۾ سرمائي کان وڌيڪ ان مالڪ جي ذاتي چاڻ ۽ دلچسپيءَ کي به وڏو دخل هوندو آهي. پئي ڪنهن ڏنڌي ۾ واقعي

اوهان جي دل نہ لڳي ها. ۽ ظاهر آهي تہ اهڙيءَ صورت ۾ ڪاميابيءَ جي توقع بہ گهٽ هجي ها.“

”ياد اٿوَ، هڪ دفعي اوهان چيو هو تہ گندو ڪيڙو، گندگيءَ مان نڪري، زنده رهي نٿو سگهي.“

”شايد چيو هوندم. پر اهو پنهنجيءَ جاءِ تي آهي بہ صحيح ... ڪاروبار ڪيئن پيو هلي؟“

”تمام سٺو — وڏي ڳالهہ تہ پنهنجو آهي، ٻئي ڪنهن جي محتاجي ڪانهي اڳي تہ ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهہ تان الائي ڇاڇا ٻڌڻو پوندو هو. هاڻي ان قسم جي جهڪ جهڪ کان ڇٽي پيئي آهيان .... توهان اچي تہ ڏسو، مزو ايندوَ.“

”ضرور اچبو، بلڪ سياڻي ڏي اچبو، — در اصل شهر مان پئسي ميڙڻ جا ڏينڪ، اوهان شهر وارن ڪيئي آهن. اسان ڳوٺاڻا تہ هرويرو اچي هلاڪ ٿيا آهيون.“

”توهان اچو تہ سهي، توهان کي بہ شهري بڻائي ڇڏبو.“

”اها اوهان جي عظمت آهي جو ماضيءَ جو ايڏو احساس اٿوَ. نہ تہ ڏٺا وائسٺا ماڻهو بہ ڏکئي وقت ۾ منهن موڙيو وڃن.“

”اهڙيون ڳالهيون ڪري ڇوٿا مون کي شرمندو ڪريو — پوءِ پلا .... اٿجي؟“

”ها ڪچهري بہ چڱي ٿي آهي. اول خير، وري سياڻي مان حاضر ٿيندس“

ويٺر کي بل ڏيڻي. ساڙهيءَ جو پلئه ڌاهي، لڏندي لمندي هوءَ ٻاهر نڪري ٿي. ٻاهر روشنيءَ ۾ فيض کيس ڳي نموني ڇتاڻي ڏسي ٿو. هوءَ هيئنر اها ساڳي سنهڙي سيپڪڙي سانورڙي خاور نه رهي، بلڪ هڪ ڀرپور ۽ مڪمل عورت ٿي پئي آهي.

ماسيرو بدن، ڀريل ڀريل هٿس، ابريل سينو، چنڊيل منهن، جسم تي ڍهڪندڙ ساڙهي، هن کي ڏاڍي ڌاهوڪڙي لڳي ٿي — ڪا ڳالهه ياد ڪري پڙڪو ڪائي ٿو.

”توهان بيهو، مان توهان لاءِ ٽيڪسي ڪري اچان.“

”ڇو؟“

خاور حيرت مان کيس گهوري ٿي.

”پنهنجي گاڏيءَ هوندي ٽيڪسيءَ جي ڪهڙي ضرورت؟“

هو ڪکو وکو ٿي وڃي ٿو.

”معاف ڪجو. مون کي خبر نه هئي ته ....“

”شوبز ۾ رهندڙ پرفارم هجي يا پروڊيوسر. جيستائين پنهنجي گاڏي نه اٿس، ويليو به ڪانه اٿس — ياد نه اٿوَ، ان زماني ۾ منهنجي ڪهڙي ويليو هئي؟ ڪيترائي دفعا پروڊيوسرن وٽ ويهي ويهي، اٿي ايندي هيس، سڪٽو پڇندا به نه هئا ته ڪيئن آئي آهين. چانهن جو پڇڻ ته وڏي ڳالهه هئي!“

هوءَ ڳالهائيندي ڳالهائيندي روڊ جي پاسي ۾ پارڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيل گاڏين ۾ لڳي ٿي. ۽ هڪ چاڪليٽي رنگ واري نئين ماڊل جي گاڏيءَ کي چاٻي هڻي در کولي ٿي.
درجو شيشو لاهي، آسودي مرڪ سان فيض ڏانهن ڏسي، اسٽيريو جو بٽڻ ”آن“ ڪري ٿي. ۽ ”هنپي ٽيئرس“ ميوزيڪل گروپ جي ڊبل فاسٽ ردوم واري ڌيون شروع ٿئي ٿي....فيض خوامخواه چپ ڦلها ڪري مرڪڻ جو تاثر ڏئي ٿو.

خاور گاڏي روڊ تي سڌي ڪري ڀڄهاري ٿي. ۽ آخري دفعو هن کي ڏسي، هٿ لوڏي ”ٽاٽا“ ڪري گاڏيءَ کي اماڻڪ ڪڍي وڃي ٿي ــــ هو هڪ بي مقصد ڊگهو ساهه کڻي، اتان چري ٿو، ۽ پيادن جي ڌڪ ۾ لهندو وڃي ٿو.

پنج سال کن اڳ، جڏهن ”ڪمرشل ورلڊ“ ۾ هو هڪ ذهين اسسٽنٽ جي حيثيت سان مشهور هو، پروڊيوسر ڊائريڪٽر رضوي صاحب، حجت ڪري کيس پنهنجي اداري ”پئرامائونٽ ايڊورٽائيزرس“ ۾ وٺي آيو هو، ۽ سچو ادارو سنڌس ئي تحويل ۾ ڏيئي ڇڏيو هئائين.

هڪ ڏينهن هو پنهنجن ساٿين سان گڏ آفيس جي سامهون لان تي ويٺو هو جو رضوي صاحب ’هن‘ کي پنهنجيءَ ڪار ۾ کڻي اچي لٿو هو. سڀني کي رضوي صاحب، جي سليڪشن تي حيرت لڳي هئي. هوءَ اڪثر ڪري اشتهاري ڪمپنين ۾ نظر ايندي هئي- پر ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه چڱي اشتهار ۾ اچي نه سگهي هئي.

سنهڙي سيپڪڙي سانوري ڇوڪري، معمولي لباس پاتل، ڪنهن ٻه قسم جي ڪشش کان وانجهيل، رڳو اکيون ئي چڱيون هيس. ۽ شايد رضوي صاحب اکين جي ڪري ئي ڪيس سليڪٽ ڪيو هو. شڪل صورت نه پنهنجي جاءِ تي، اٿڻ ويهڻ جو ڍنگ به چٽاڙو هئس. هلندي هئي ته سينڊل جو ٺهڪو قوالن جي تاڙيءَ جيان سٽيل پيو جاڳائيندو هو. لان تي پيل ڪرسيءَ تي جڏهن ويٺي هئي ته رڳو رسمآ به ڪنهن کي سلام نه ڪيو هئائين. ماحول تي ڪِل جهڙي خاموشي ڇانيل هئي. جنهن کي نيٺ رضوي صاحب ٽوڙيو هو:

”هيءَ اسان جي نئين ماڊل آهي مس خاور.“

تڏهن وچي مس مس هن جي مک تي ڪا مرڪ آئي هئي ۽ ٿورڙو مٿو جهڪائي سيني کي ”وش“ ڪئي هئائين.

”۽ هي آهن اسان جا اسٽاف ورڪرس. چيف اسسٽنٽ مسٽر فيض قريشي، ڪئميرامين مسٽر امتياز بخاري ۽ ميڪاپ آرٽسٽ مسٽر عرفان حسن.“

خاور اسان وٽ ڏاڍو پيارو ماحول آهي، ٿورڙي دلچسپي وٺي ڏسو، توهان کي بلڪل گهر جهڙو ماحول ملندو ـــ اسان جي اداري ۾ ڪوبه ميمبر ننڍو يا وڏو ڪونهي. سڀ برابر آهيون. هر ڪنهن تي هڪ جيتري ذميداري آهي. هر ڪنهن جي هڪ جيتري دلچسپي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اهڙي ماحول ۾ ٽينڊڙ ڪم ڪي چئبو آهي ”ٽيم ورڪ“ اهو ٽيم ورڪ جوئي نتيجو آهي، جو اڄ اسان جو ادارو ملڪ جي سڀني ادارن مان هڪ شمار ڪيو وڃي ٿو. مون کي يقين آهي ته اوهان به، اسان جي اداري جي رپيوٽيشن لاءِ اسٽرگل ڪندؤ، ۽ پاڻ سان گڏ اداري جو به مان مٿاهون ڪندؤ.“

رضوي صاحب جي حوصلہ افزا ۽ نسبتاً ڪاروباري ليڪچر ٻڌڻ کان پوءِ خاور کي اطمينان ٿيو ته هاڻي ڪيس اهميت ملڻ لڳي آهي. هن دل ئي دل ۾ خدا جو شڪر ڪيو هو. ۽ رضوي صاحب جي اندازي پٽاندر پهرين ئي مهيني جي اندر اندر هوءَ اسٽاف سان فري ٿي ويئي هئي. ايتريقدر جو مردن کان وڌيڪ هوءَ کل ٻوڪ ڪندي هئي .... جڏهن خاور جي موٽي وڃڻ جا سمورا امڪان ختم ٿي ويا ته اسٽاف جي ڪن ميمبرن ”اڳتي“ قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جيتوڻيڪ زبان سان ڪنهن به اهڙو اظهار نه ڪيو هو، پر سندن رويي مان خاور سڀ ڪجهه سمجهيو پئي ته هنن ڇا ٿي چاهيو. هوءَ محتاط ٿيڻ لڳي هئي. نه اهي ڪچهريون، نه چرچو ٻوڪ. رڳو ڪم سان ڪم. ۽ ان لڏي ۾ ڪو ”صالح“ بندو سمجهيس ٿي ته رڳو فيض- ۽ هن پنهنجو اٿڻ ويهڻ ان تائين محدود ڪري ڇڏيو هو. هو ڪيس ڪيترين ئي اهڙين ڇوڪرين جا قصا ٻڌائيندو هو، جيڪي ان فيلڊ ۾ آيون ته وڏي ڏوم ڏام سان هيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر سگهوڻي "سڀ ڪجهه" هارائي خالي هٿين موٽي وڃون هيون - اهڙيون ڳالهيون پڌي خاور ڏکي ويندي هئي. ۽ رڳو فيض کي ئي پنهنجو همدرد سمجهي، اجان ئي ڪيس ويجهو ٿيندي ويندي هئي. ان سان ئي ڏک سور سلهندي هئي....

ڪيترجهر تي آئوت ٻور ڪندي هر هر فيض ٿي ياد آيس. سچو ڏينهن اپاڙڪي رهي هئي. هن جي ڪري سيني جو موڊ آفت رهيو هو. شام جو جڏهن موٽيا ته هرڪو بيزار پئي نظر آيو. فيض کي حيرت هئي. هن ان جا سبب معلوم ڪرڻ پئي چاهيا ته خاور ڪان رڙ نڪري ويئي هئي.

"آخر هن فيلڊ ۾ ڪو انسان به آهي يا سڀ بکيا بگهڙ آهن؟"

ڳالهه کي سمجهندي فيض جي مک تي طنزيه مرڪ ڦهلجي ويئي هئي:

"سڀ انسان آهن مڊم خاور. رڳو ٽون ئي آسماني مخلوق بنجڻ جي اجائي ڪوشش پئي ڪرين. ٽون به جيڪر ڌرتيءَ جي مخلوق ٿي پوين ته سموريون شڪايتون دور ٿي وڃنئي."

"مون ڪان اهڙي بي حيائي نه پڄندي ان ڪان چڱو ٿيندو ته مان هي فيلڊ ئي ڇڏي وڃان."

"ناممڪن!"

خبر ناهي ڇو فيض فتويٰ ڏيڻ واري نوع ۾ چيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هن فيلڊ ۾ اچڻ کان پوءِ يا نه مري هن کي ڇڏي سگهجي ٿو، يا وري خود فيلڊ کنهن کي ڪِڪ آئوٽ ڪري ڇڏي .... هڪڙي ڳالهه، پڌي ڇڏ خاور. گندو ڪيڙو، گندگيءَ کان ٻاهر زنده رهي نٿو سگهي."

"غلط. بلڪل غلط. بلڪل بڪواس – مان سمجهان پئي ته تون اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿو ڪرين."

"مثلاً؟"

"بس، هاڻي منهنجو وات نه کول."

"تو کي مون مان ڪو اهنج پهتو آهي ڇا؟"

"پهتو ته ڪونهي. پر ڪجهه ڏينهن کان تون به ساڳيو نه پيو لڳين. تنهنجي اٿڻ ويهڻ کان وٺي، ڳالهائڻ جي ڍنگ تائين، سڀ ڪجهه بدلجي ويو آهي."

"۽ تو تي ان تبديليءَ جو ڏاڍو برو اثر پيو آهي ائين نه؟"

"پيو نه ته.... اهو شخص، جنهن کي اڄ تائين منهنجو دوست سمجهي، اندر اوريندي رهيس، اوچتوڻي اوچتو بدلجي وڃي ته ڏک نه ٿيندو؟"

"ڳالهه پڌ خاور. تون اهڙيءَ دنيا ۾ رهين ٿي، جتي رنگ آهن، خوشبوءِ آهي، حسن آهي، جواني آهي، دولت آهي، شهرت آهي، جتي مرد ۽ عورت گڏجي ڪم ڪندا آهن، تڏهن به مرد کي ڏسي ڪنوار پوڻيءَ جيان سُسيو وڃن. پوءِ تو ۾ ۽ ان ڳوٺاڻي عورت ۾ فرق ڪهڙو ٿيو، جيڪا بلوغت کان اڳي ڌي کنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نڪاح ۾ اچي لوڙهن ۾ ڪوڙن ۾ بند ٿيو وڃي. هن کي ناهي خبر ته عشق ۽ محبت ٻه انسان ٺي ڪندا آهن، هن کي ناهي خبر ته زندگي رڳو ڪوڙن ۾ بند ٿي ماني پچائڻ ۽ ٻار ڄڻڻ جو نالو ٿي ناهي، پر زندگي نالو آهي آزاديءَ جو، محبت ۽ خوشي ماڻڻ جو.... سمجهئين؟"

تڏهن هوءَ ڄڻ ڪنهن سوچ ۾ ٻڏي ويئي هئي، پر فيض رڳو ايترو چئي بس نه ڪئي هئي. هن ته سندس دل کي جهير ڏيڻ ڪان پوءِ، لوڻ جو ٻرڪو به ڏنو هو.

"سوچين ڇا پئي؟ وقت نه وڃاءِ، پنهنجو آئيندو ڏاهه.... اهي گلڙن تان سرخي ائتئي ته ڪير پڇندءِ به ڪونه. ياد رک خاور، وقت جي ديوي سدائين مهربان نه رهندي آهي. پنهنجو ڪو گهر گهاٽ ڪري وٺ.

هوءَ هلي ويئي هئي. ۽ لڳاتار ٽن ڏينهن تائين آفيس ڏي منهن ٺي نه ڪيو هئائين. تڏهن هڪ زبردست پارٽيءَ جي ڊمانڊ تي رضوي صاحب هن کي گهرائڻ لاءِ فيض کي سندس گهر موڪليو هو....

"توهان جهڙي ماڻهوءَ جو هن معمولي گهر ۾ اچڻ، سچ پچ ته منهنجي خوش نصيبي ٺي آهي."

"اهو تنهنجو ٽيلينٽ آهي جنهن هيڏانهن اچڻ تي مجبور ڪيو خاور! اها تنهنجي ڊمانڊ ٺي آهي جو پچاڻون ڪندي اچي پهتو آهيان. پر مون ڪان

خبرون نہ پيچ تہ آيس ڇو؟“
”ڏکڙ آهي ڇا؟ ويهو ، ماڻي ٿي ڪريان، پوءِ ٿا ڳالهايون“
”ماڻي، تون ٿي مون کي ڪارائين؟ اهڙو پنهنجو مقدر ڪٿي. اسان تہ آهي بدنصيب آهيون، جو توکي هتي سان سينگاري سنواري دنيا جي اڳيان پيش ٿا ڪريون اسان کي تہ رڳو توکي ڇهي وٺڻ بہ نصيب ڪونهي.“
”ڇوٿا غريبن سان مذاق ڪريو.“
”اڇا ــ اهو مذاق آهي ؟ پنهنجي ڪم نصيبيءَ تي ماتم ڪرڻ مذاق آهي تہ مان يقيناً وڏو جوڪر آهيان.“
”چڱو جوڪر صاحب، مان چانهن ڪٺي ٿي اچان.“
چانهن پيئندي فيض ڪيس اچڻ جو مقصد بہ ٻڌائي ڇڏيو هو. هن اول تہ ٿورو نخرو ڪندي، منهن گهنجائي ڇيو هو ”مون تہ ڪم نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“ پر سگهوئي راضي ٿي ويئي هئي .
”پلا آئو تہ هلون.“
”اڄين ئي ؟“
”پيو ڪيئن ؟“
”چري ! شوبز ۾ رهي ڪري بہ اچان ڪجهہ نہ سکي آهين .... پهرين تياري ڪر ، بلڪ تياريو ڪر ، باٿ وٺ ، پڙڪيلا ڪپڙا پاءِ ، ميڪ اپ ڪر ، پرفيوم جي اسپري ڪر ، وارن کي ڊراءِ لڳاءِ.“
”ان جي معنيٰ تہ ميڪ اپ ئي اصل شيءِ آهي ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪجھ به ناهيان؟“

”تون ڏي سڀ ڪجھ آهين. پر توکي به سوسائٽي ميمبرس کي فالو ڪرڻو پوندو. ورنه مان ته توکي بنا ميڪاپ جي به قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

هوءَ هلڪڙو ٺهڪ ڏيئي نڪري ويئي هئي ۽ گپل دير ڪان پوءِ تيار ٿي اچي فيض جي سامهون بيٺي هئي.

”هلون؟“

هو بنا ڳالهائڻ جي اکيون ڦاڙي ڪيس گهوريندو رهيو هو.

”ڇا پيو ڏسين؟“

”پنهنجي نياڳپ کي.“

”ڪيئن؟“

”ائين، جو تون سورنهن سينگار ڪري منهنجي پر ۾ اچي بيٺي ته آهين، پر مون کي ڪهڙو فائدو؟“

”ايتي سوچ ڇوٿو رکين. اهو نٿو سوچين ته پراڏي ڏيءَ هار سينگار ڪري توسان گڏ بيٺي آهي. اهڙو ٿيندو ڪنهن جو ڀاڳ؟“

”اهڙي ڀاڳ کي ڳاسليٽ هاري تيلي ڏجي.“

موٽ ۾ خاور جو مترنم ٽهڪڙو پکڙجي ويو هو ۽ هن ٿڌو شوڪارو ڀريو هو.

”تون ڪنهن ڏينهن چريو ٿيندين. پڪ ڏي پڪ.“

”هاڻي خدا جي واسطي منهنجي ڦٽن تي لوڻ نه ٻرڪ، ماڙي ڪري هل پنهنجي ڏاڏي وٽ.“

”ڏاڏو ڪير؟“

”رضوي، ٻيو ڪير.“

”ڏس ڏس. پنهنجي استاد لاءِ اهڙا اکر نہ ڳالهائبا آهن.“

”ڪير ٿو چوي تہ اهو ڇڙوهو منهنجو استاد آهي!“

”توکي سيکاري جو ٿو.“

”سيکاري! هو تہ پاڻ مون کان ٿو سکي — سينئر استادن جو سيکاريل آهيان دلبر!“

”چاچا چيئہ .... اهو آخري لفظ واپس وٺ.“

”ها ها، نہ تہ ڇا ٿي پوندو؟“

”خبردار جو وري ڪو اهڙو لفظ ڳالهايو اٿئي.“

”ٺهيو، هاڻي مٿو نہ کاءُ، نہ تہ آفيس بدران گاڏيءَ جو منهن ٿو ڪريان سڀ هاءِ وي ڏانهن. هلي ڪيڏندوسانءِ پنهنجي ڳوٺ.“

”پليز فيض، اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر، نہ تہ مون کي مئي ڏسندين.“

”ڪونہ ٿو نيانءِ، ساهہ ڇو ٿو وڃئي. ڏاڍو ڪيپ آهي ڳوٺ ۾ ٿو مومل جو“

”اوئي هوئي! ڳوٺ ۾ ڪا هڪڙي بہ اٿئي مون جهڙي!“

”ڇوري تون چاهين ڳوٺ وارين ! ڳيان. شاباس آهي انهن کي جو ڏک سک ۾ بہ پاڻ کي جهليو اچن. تون نہ هڪڙي ڏينهن هلي ڦٽيون چوندين يا لاپارو

ڪرين، ته ٻئي ڏينهن پاروتي وانگر جهڙو ڀوت ٿي وڃئي.“
”ڇا مان توکي هن روپ ۾ سٺي نٿي لڳان؟“
”مون کي ڇا لڳين ٿي، ڇا نٿي لڳين. ان قصي کي ڪٽي ڇڏ، نه ته گهٽي ۾ وڃي پونداسين.“
”ڀلا.“
”ڇو.“
”پنهنجي گاڏي ڇو نٿو وٺين؟“
”پهرين دعا ڪر ته اهڙي حيثيت ٿئيم.“
”ڇو! گاڏيءَ جيتري حيثيت ٻه ڪانه اٿئي؟“
”مون کي ملي ٿي ڇا ٿو ٻه هزار ٿي ته ملن ٿا، جيڪي پاڻ ڪاوان، گهر وارن کي موڪليان يا گاڏي وٺان....“
”رکو ٻه هزار!“
”ڀيو نه ته.“
”ان ڪان ته مون کي ٻه ڇڳا پئسا ٿا ملن. پهرين ”ايڊ“ جا ٻه ٻه هزار مليا هئا. هاڻي ته رضوي صاحب ڏي هزار خوشيءَ سان ٿو ڏئي. ٻر مان جي ضد ڪريان ته پنج ٻه وٺي سگهان ٿي.“
”پوءِ تنهنجي خنيءَ ۾ منهنجو پير پوندو؟“
”ڇو نه رضوي صاحب کي ته پگهار وڌائي ڏئي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ ٿي هزار ته توکي ملن گهرجن.“
”ها، مون به اهوئي سوچيو آهي، جي نٿو وڌائي ته پوءِ نوڪري ڇڏي ڏيندس.... گهر ڪان پري، عزيزن ڪان دور، اڪيلائيءَ جو عذاب ڀوڳيندي به رکو ٻه

کي پيش ڪري ٿو ۽ قدآور پٺاڻ چوڪيدار دونالي بندوق ڪلهي تي ڪنيو، در ڪولي سنڌس سامهون اچي بيهي ٿو. هو سراپجي وڃي ٿو.

”يس سر؟“

”ميڊم خاور سان ملڻو آهي.“

”جناب جو نالو؟“

”فيض“

چوڪيدار اندر وڃي ٿو ۽ ٿوري دير بعد، ڪيس اندر اچڻ جو اشارو ڪري ٿو. هو اڳتي وڌي ٿو سامهون لان تي رکيل ڪرسين تي ٻن نوجوان جوڙن سان گڏ خاور ويٺي آهي. وٽندڙ مرڪ سان سنڌس آجيان ڪندي تعارف ڪرائي ٿي.

”هي آهي منهنجو تمام پراڻو ۽ پيارو ساٿي فيض صاحب.“

هو ويٺلن کي سلام ڪري ٿو. اخلاقاً هو به ڪيس روش ڪن ٿا. ۽ ان ئي لمحي خاور ڪان موڪلائي، ڪارپارڪنگ ۾ بيٺل چمڪندڙ گاڏين مان، ٻن تي سوار ٿي نڪري ٿا وڃن. خاور هن سان مخاطب ٿئي ٿي:

”سڻو تيو جو توهان اچي ويا آهيو — هيءَ آهي منهنجو ننڍڙو ڪاروبار. ڪوبه پڇڻ آڪڻ وارو ڪونهي. آرام سان ويٺا هونڌؤ. پنهنجي ڏوڪڙ جو ڪو فڪر نه ڪرين، اهو مون تي ڇڏي ڏيو — هڪ به ڏينهن رهي ڏسندؤ ته مزو اچي ويندو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٺٺڪيو.“

”ڪو سخت ڪم به ڪونهي. رڳو آفيس تي نظر رکيو ويٺا هججو. فون موجود آهي، اسسٽنٽ چوڪريون نوڪر ۽ چوڪيدار به آهن. ڪم پاڻهي پيا ڪندا، اوهان رڳو مٿن نظر رکو. بالڪل مالڪ واري نظر. هونئن ته مان به گهڻو ڪري هتي ئي هوندي آهيان. پر اتفاقاً ٻاهر ڪيڏانهن وڃان ٿي ته نوڪر، ڪسٽومر کي پراپر ريسپانس نٿا ڏين، جنهن جو بزنيس تي ظاهر آهي ته برو اثر پوي ٿو ۽ سون کي پڪ آهي ته اوهان جي موجودگيءَ ۾ ائين نه ٿيندو.“

خاور جون ڳالهيون ٻڌي هو سوچي ٿو ته آخر ڪاروبار ڪهڙو ٿي سگهي ٿو، جيڪو بظاهر ته نظر ئي نٿو اچي. هو ان ٻڌتر ۾ ئي آهي ته خاور، فوزيه نالي هڪ چوڪريءَ کي گهرائي ٿي، ۽ نئين سيڪريٽري جي حيثيت سان هن جو تعارف ڪرائي ٿي ۽ کيس پوري بلڊنگ گهمائڻ لاءِ چوي ٿي.

هو چئني طرف جهومندڙ خوش رنگ گلن، ٻوٽن ۽ سر سبز لان کي غور سان ڏسندو هلي ٿو. گرائونڊ فلور تي پهچي، فوزيه ڳالهائڻ شروع ڪري ٿي:

”هيءَ توهان جي آفيس آهي. مان توهان کي اسسٽ ڪنديس. ٽيليفون وغيره سڀ ڪجهه موجود آهي. هي پر وارو ڪمرو ”گيسٽ روم“ آهي. هن سان لڳ ”ميڪ اپ روم“ آهي. ميڪ اپ گرل مس ڏينا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مس فرحت شفقت وانيز ڪم ڪنديون آهن. صبح جو مس ڏينا ۽ شام جو مس فرحت جي ڊيوٽي هوندي آهي.
ميڪ اپ روم جي بلڪل سامهون ”وارڊ روب“ آهي، جتي مختلف قسم جا لباس موجود آهن. وارڊ روب انچارج، مسز منيزه خان پاڻ به هڪ بهترين ڊزائينر ۽ ٽيلر آهي. هو سامهون ”پلي گرائونڊ“ آهي، جتي ”انڊور گيمس“ کيڏيون وڃن ٿيون. شام جو سڀ گڏجي اتي کيڏندا آهيون. اچو ته هاڻي مٿئين فلور تي هلون....“

”هي پهريون ڪمرو مئڊم جو آهي. هن جي پر ۾ جيڪي به ڪمرا آهن، تن کي ”وي. آء. پي رومز“ چئبو آهي. اهي ڪڏهن ڪڏهن ڪي کلندا آهن، جڏهن ڪي خاص مهمان ايندا آهن. هو سامهون ”ٽيلينٽس روم“ آهن، جتي ماڊل ڇوڪريون ويهن ٿيون. هيٺ پنج ڪمرا آهن.“
فيض حيرت ۽ خاموشيءَ سان فوزيه جون سموريون ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ، پنهنجي هورا کورا لاهڻ خاطر ڳالهه ٿو ڪاڍي:
”هي جو هيتريون ساريون ڳالهيون اوهان ٻڌايون، تن مان ”پروڊڪشن“ بابت ته ڪو ذڪر ئي ڪونه هو، سواءِ ميڪ اپ روم ۽ وارڊ روب جي آخر ته هيڏو سارو ادارو آهي، هن ۾ لئب ڪٿي هوندي. اسٽوڊيوز ڪٿي هوندا، لائٽون ۽ ڪئمرائون ڪٿي هونديون. اهي سڀ ڪٿي آهن؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوزيہ حيرت مان ڪيس گهوري ٿي:

”توهان کي مئڊم ڪجهہ نہ ٻڌايو؟“

”مئڊم چيو تہ ايڊورٽائيزنگ ايجنسي ۽ ماڊلز جي ٽريننگ جو مرڪز آهي. مون سوچيو تہ پبلسٽي فلمون ٺهنديون هونديون، هتي تہ ....“

”تہ پوءِ بهتر ٿيندو تہ توهان ٻيهر ئين مئڊم سان ڳالهائي وٺو. نہ تہ شايد ....“

هو هڪ معنيٰ خيز نظر، فوزيہ جي چهري تي وجهي ٿو ۽ ڏگهو ساهہ کڻي، مئڊم خاور سان ملڻ لاءِ مڙي ٿو ....

هن جو سوال ٻڌي خاور ڪان ڪِل نڪري ٿي وڃي، ڪيس وڏڙن وانگر سمجهائي ٿي.

”فيض صاحب، بنهہ ٻاراڻو سوال پڇيو اٿوَ. اوهان کي تہ انب کائڻ سان ڪم، وڻ سان ڪهڙو واسطو؟“

”معاف ڪجو مئڊم، مان اهڙي ڪاروبار ۾ شريڪ ٿي نہ سگهندس. مان وڃان ٿو ....“

فيض کي ويندو ڏسي، خاور جي منهن تي طنزيہ مرڪ ڦهلجي وڃي ٿي. سگريٽ جو ڏگهو ڪش هڻي، چپن کي سيٽي وڃائڻ جيان گول ڪري، سمورو دونهون فيض جي پويان، پاڻيءَ جي گرڙيءَ جيان اڇلائي، ائين ٿي ڏسي، ڄڻ چوندي هجي: تون بہ نہ سڌرندين ٻچا!“

”خاور هائوس“ جي ڦاٽڪ مان نڪري، پير زمين تي زور سان ستي، هو ڏگهو ساهہ کڻي ٿو. ڄڻ ڪنهن وڏي ڏيڍ مان بچي نڪتو هجي!! ❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪتيرو

اڄ پنهنجي پوکيل ٻٻر جي ٻن ٻلڙن مان، هڪ کي ڪنڊو هئي، ٿورو زور ڏنائين، ته مُڏ ڳوهو هئي ٻاهر نڪتي. ڇڙ ٻلڙو نه هو، ڪو سٿا ٻڪريءَ جو سڳيل ٿڻ هو! منهن خوشيءَ مان ٻهڪي پيس. هيڏي هوڏي لوڙا هنيائين، ڪا ٻهر هجي ته اها خبر ان کي به سڻائي، پر ڪوئي ڪونه هو. وري ٻئي ٻلڙي کي جهلي ڏسڻ لڳو. اهو به رس سان سٽيو پيو هو.... اوچتو ٻاهران ايندڙ پٽس ميرخان تي نظر پئجي ويس.

”تڪڙو اڄ، تڪڙو.“

”خير.... ؟“

ميرخان وڪ وڌائيندي، ٻيءَ جي ٻر ۾ اچي بيٺو پٽس ٻلڙي جي هڪڙي ڳڙيءَ کي ڪنڊو هئي، زور ڏنو، ته ٻهرين وانگر مُڏ ڇانئون هٿندي نڪري ويئي.

”ڏٺئي .... ؟“

هن ٻهڪندڙ منهن سان پٽ ڏي ڏٺو.

”اسان جو ٻير خير سان ساماڻجي ويو آهي. ٻلڙا مڏجي ويا ٿس!“

”ٻوءِ چا ٿي پيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مير خان ڳالهه کي اهميت نه ڏيئي، وٺائڻ ڏانهن مڙندي چيو ـــ هو چڻ تڏي ويو. پٽ ڏانهن ڪروڌ مان ڏسندي، ڊگهو ساهه کڻي ويس.

”تو کي چاهي .... ڪڏهن بهر ڏنا هجنئي ته قدر ڪرين. تو ڏنا آهن ٻـهه ۽ ٻوسا، ڪڙ ۽ ڪتر. تو کي کهڙي خبر ته سچا مال ڇا ٿيندا هن ـــ مديل پلڙا نه ڏهه سير روز سڌا ميٺهن چري، ته ڪير سان نسار وانگي وهي پوي.“

”ڏهه سير اڃن ڪٿان، تنهنجي بهر ته رڳو ٻه داڻا جهلِيا آهن..“

”هي ويچارو اڃا ڪچو ٻـرونـڙو آهي. ڪراچيءَ جهـڙي شهر ۾ اسان وٽ پنهنجي ملڪ جـي سوڪڙي آهي .... مون کي ته تنهنجن پيپتن ڪان ٻه وڏي تو ـــ خدا وڏي چمار ڏيس، ڪڏهن هن جي چانوَ ۾ ڪٿولو وجهي نندبون ڪندس....“

مير خان وجي لڳو ميٺهن جي چاڪريءَ ۾، هن جي سوچڻ جو ابابيل، پڙڪو ڏيئي اڏري بيو ....

ڪو وقت هو، جو رڍن جي ولڙي سان ٻيلي ۾ ساڏو هٽندو وتندو هو. ابريون سيريون رڍون ٻه، روڙون ۽ ڇاڻان چري، توڏيون ٿي پونديون هيون. ٻري ڇيليءَ جيان ٻـوزرُون ڪنديون هيون. هن جي دل پڻي ٽڙندي هئي ـــ گهر ۾ بي فڪري هئي، برڪتون هيون. آنَ جون ڳنديون. لسيءَ جـون چاڏيون ۽ مکڻ جا پنوڙا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شونق جو ملهه ڪونهي ابا. جڏهن ٿئي، تڏهن ڪار.“

”تڏهن ته ماڻهو چوندا آهن ته، پوڙهو ٿيءُ بار، ٻئي هڪڙي آچار.“

” جيئن سمجهين – مون توسان دل جي ڳالهه ڪئي آهي .... حالي ته وچي گهمي ڦري ٿو اچان. ڳالهه وٺي، ته موٽي اچي رڍن لاءِ ڏوڪڙ ڪٺي ويندس .... ڪيئن؟“

”تنهنجي مرضي — اني رهي ڪونه سگهنديس. اها ڳالهه منهنجي به ٻڌي ڇڏ.“

”اٿين نه ڇڏ. منهنجو مڙهه مقام اتي ڏي آهي. هتي ته ڪَڇي جي ڏاهڙ ڍور وانگي، ڏاهه ڪاڻي اچي نڪتو آهيان. نيٺ ته ماڻهه جي سڪ ب, ٿيندي يا نه....؟“

”راز جو راڻو آهين. دشمني به اٿئي ....“

”مون ۾ هاڻي ڇاهي جو دشمن ماريندم — مڙهو مڙس، پاڻهي پند ۾ آهيان .... هونئن بـه قبر جي رات ٻاهر ڪانه پوندي.“

”تنهنجي مرضي ....“

هو سڄي رات سوچن جي گهاڻي ۾ پيڙجندو رهيو، پر ارادو بدلائي نه سگهيو .... ڪجهه ڏوڪڙ ڳوڙ ۾ هڻي لٺ ۽ ڏاڙهيءَ کي تيل جي ٽمڪ ڏيئي. چڙهي پيو لاريءَ ۾ .... سنجها ڌاڌي اچي ڳوٺ پيڙو ٿيو ....

ڳوٺ تائين پهچندي؛ اوسي پاسي نظر ايندڙ هر شيءِ کي ڏيان سان ڏسندو آيو ته اها اصل ڪيئن هئي. هاڻي ڪيئن آهي. اڳي ڪان چڱي حال ۾ آهي يا .... پر مزو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهوڙيسوار جو مٿو به نظر نه ايندو هو، ان گهر جي چانئٺ به لوڙهي کان نظر آئي پئي. آڳر ۾ ويٺل مايون ته ڇٽيون پٽيون پئي ڏنيون ـــ سمجهي نه سگهيو ته ائين ڇو ٿيو. ملڪ مان ڊينگر سوڪلائي ويا، يا مڙسن مان غيرت نڪري ويئي ....!!!

لوڙهي جي منگهي تي وڃي بيٺو .... رکو لنگهه ڏٺيل هو. باقي منگهن جو نالو نه نشان ـــ سڏ ڪرڻ جي سڌ ڪيائين، ڪري نه سگهيو. ڪنهن کي سڏي. ڪير ڪيس سڃاڻندو....؟ ٻڌر ۾ هو، جو اوچتو سڏ نڪري ويس. وات مان هڪ اهڙو نالو نڪتس، جنهن جي لاءِ اڄ به سندس دل ۾ عزت هئي، احترام هو. پر جنهن جي جيئري هجڻ يا نه هجڻ جي ڪيس پڪ به نه هئي.

"حاجياڻي موران .... !!"

سڏ ڪندي جسم ۾ سياڙو ڊوڙي ويس.... ڪي گهڙيون ته ڪنائيندو رهيو، پر جواب ڪونه مليس. ٻيهر اچان به ٿورو زور سان سڏ ڪيائين .... ڪنهن عورت، گهر جي ڪنڊ کان لڙي ڪيس ڏٺو ۽ بنا ڳالهائڻ جي موٽي ويئي. ٻي گهڙيءَ اٺ جي ڏيڪ تي هلندي ڪٿا جهونڙي نڪري آئي.

"ابا ڪير آهين....؟"

هو ڪڇيو ڪونه. ڪيس ڏسندو رهيو. پوڙهي پر ۾ اچي بيٺس.

"ابا ڪير آهين؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جيجان ڪونه سڃاتئي؟“

ڏڪندڙ چپن مان ٻڪو نڪتس. پوڙهي اڃان به ويجهو ٿي بيٺي. سندس اکين ۾ ليڙا پاڻي، سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

”شادمان ته ڪونه آهين....!!“

هن ڪان سڏڪو نڪري ويو. منهن مونن ۾ هٽي، ياچائيءَ جي پيرن ۾ ويهي رهيو. پوڙهيءَ جون اکيون پرجي آيون. هن جي ڪلهي تي هٿ رکي ويهي رهي.

”ابا.... اهڙي جدائي.... مون توکي پڇو ڪري ڏاڏيو.... وٺين ته.... وٺين ته وري جانچ به ڪانه ورتئي ته مڙهي جيڏري آهي جان....“

هو ڪنڌ جهڪائي، پوتڙي سان اکيون اگهندو رهيو. چڻ ڳالهائڻ جي قوت ڪسجي ويس....

”اچ گهر هلون.“

ننڍڙي ٻار جيان ياچائيءَ پويان اٿي هليو.... گهر جي سامهون ٽلهي تي عورتون ويٺيون هيون. ڳالهيون به پئي ڪيائون، ته ساڳ به پئي سوڌيائون. هن کي ڏسي اٿي بيٺيون ۽ ساڄي هٿ کي پوتيءَ جي پلئه سان ڍڪي هن جي هٿ کي جهلي. ان جي پٺ تي احترامي چمي ڏيئي ڪيڪاريائون. هن هر هڪ جي مٿي تي شفقت پريو هٿ رکي، ڪيس ماڻ ڏنو.

”چاچو شادمان ٺوءَ امان، ملڻ آيو ٺوءَ— هي منهنجون ننهرون آهن ادا — هيءَ مائي الهه بچائي سيڻي ڪان وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ مرادان. هيءَ عالمان، سينئي کان ننڍي. هي ٻئي ٻار مائـي ٻچائيءَ جا آهن. مرادان خير سان اميدواري آهي، عالمان جي شاديءَ کي سال کن ٿيو آهي. خدا هن کي به پنهنجو ڀاڳ ڏيندو."

"چاچا خوش آهين، ٻار ٻچا ڀڙ اٿئي؟" ٻچاڏيءَ وڏي هجت جو ثبوت ڏنو.

"هائو ابا. الله جا لک شڪرانا آهن. سڀ خوش آهن. دعائون ويٺا ڪن."

"انهن کي به وٺيو اچين ها، هڪ ٻئي کي ڏسون ته ها."

"هائو، انهن کي به ڪڏهن آڻيندس. سلامن جون پريون تي چواڻون."

"اکين تي."

پوڙهي، ڪٽ جي پيرانديءَ کان ويهي، هن جي منهن ۾ نهاريندي، هٿ جي لوڏ سان خوش خير عافيت ڪرڻ لڳي.

"ادا خوشڙو آهين، ٻار ٻچا، پٽ پوٽا خوش اٿئي؟ مڙهي سارا خوش آهي؟"

"ادي شڪر آهي. سڀ خوش آهن. مڙهي ويچاري ته گهڻا ڏينهن اسان کان موڪلائي وئي."

"مڙهي موڪلائي وئي.... !!! الله ـــ چاڻ ٻـ ڪانه موڪليئي....اسان ته ويچاريءَ جو منهن به ڪونه ڏٺو.... ڏاڍي چـڱي مائي هئي. قربن جا ڀنا هئس ڀنا ـــ توسان توڙ ڪري ڇڏياڻين. مت مائٽ سڀ ڇڏي نڪتي، وري هيڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن ڏي ڪونہ ڪيائين — سڄائيون اهي ڇنڀيون ابا...“

”هن تہ برابر ڇيهہ ڪري ڇڏيو، گهٽايو مون بہ ڪونهي. مون بہ هن سان گڏ ڪرم ڇڏيو، پرديس وسايو.... پڇاڙيءَ ۾ بہ هزار خرچي ڇڏيم تہ من بچي پوي. پر مرحيات جي حياتي ايتري هئي. اسان جو زور لڳوئي ڪونہ ....“

”سچو آهين ادا — پيسو، پيسو تي ويندو، ماڻهو موٽي نہ ايندو — تويان — قدرت خدا جي، ڪٿي چاڻي نپني. ڪٿي وڃي سٽي — ماڻهو ويچارو ڇا چاڻي تہ سياڻي ڇا ٿيندو؟ ڪير گڏبو، ڪير ڇڄندو....“

”بس منهنجي جيجان، سڪ سان تہ اسان بہ هتان ڪونہ نڪتاسون. سر تي آڏي، تڏهن ڪٿي منهن ڪيوسون — ڏاهہ جي آسري ۾ اڌ حياتي گذاري ڇڏي سون. وارن ۾ اڇا پئجي ويا، شاديءَ جي وهي ڪاٽي وياسون، پر ڳالهہ اتي جو اتي بيٺي هئي. تر جو بہ فرق ڪونہ پيو .... ڪڏهن ڪڏهن اهڙا پور پوندا هئا، جو چوندو هئس تہ پلي ڪهاڙي ڪٽي، لهي پوان ساهورن ۾ پهتڙيون وهائيندو، سنڌيون لاهيندو، هڪڙي ڪنڌ ڪان شروع ٿيان، بي ڪنڌ تي وڃي بيهان. بٺيادڻ ختم ڪري ڇڏيان ....!! وري ٿي چيم تہ شادو تون مڙ، بچڙي سان بچڙو نہ ٿيءُ ....“

نيٺ مرحيات پاڻ نياپو ڪيو تہ ’هنن جي آسري تي سچي حياتي گذري ويندي، شادي ڪانہ ٿيندي.

حال آهن ؟“

”شڪر آهي. وقتُ گذري پيو، باقي .... خوشي ڪانهي .... ٻئي ٽوري، پاتي گهٽا. ڇوڪرا ٻين وٽ هاريو ڪرڻ عيب سمجهن. پوءِ ويٺا ڇڪيون ڪم ڪي سياري جي سوڙ وانگي. هيڏانهن ڪر، ته هوڏانهن ڪونهي، هوڏانهن ڪر، ته هيڏانهن ڪونهي.“

”پاڻيان ٽو زماني جو واءُ لڳي ويو ٿن ؟“

”هائو هائو ادا ـــ جڏهن کان اها نيا ڪي بجلي آئي . ٽي وي ۽ ٽيپ رڪارڊ آيا، هوٽل کليا، ڳوٺ جا شوقين ڪم ڪان ڇٽا. سڄو ڏينهن پيا هوٽل ۾ ڏڪا ڪائيندا. ڏينهن جو ڪن پتي راند اٿون گانا ٻڌن. رات جو ڏسن ٽي وي. مال لاءِ گاهه پٺو به زالون ڪن .... اهڙا ٻئيمان ٿيا هن، جو مڙساڻا اڪرڻي نڪري ويا ٿن، رڳو نالي ۾ نهال آهن.“

”بس جيجان، ٻچاڙي زمانو آهي. اهي نشانيون آهن قيام جون .... وڏا ويچارا ڇوندا هئا، محبت موڪلائي ويندي، ڪلفت ڪاهي پوندي . مڙس ۾ غيرت نه هوندي، رت، رت جو دشمن ٿيندو. لوڙهو، لوڙهي کي ڪائيندو .... اهو وقت اچهو اهو ٿئي ....“

”سچو آهين ادا، قيام اهو آهي . قيام کي ڪو ڪونه ٿيندا .... اڄي مائي، ڪو ٽڪر پور پڪو هجي ته چاچي مڙهي لاءِ ڪٽي اچو، بڪ لڳي هوندس ....“

عالمان، جوڻر جي ٿلهي ماني، ساڳ جي پني ۽ ڏرو

جسمت جي وٽي پر وجهي ڪٽي آئي. ماني ڏسي، هو سمجهي ويو تہ ياچائيهنس سچ ٿي چيو. همراهہ ن وٽ مزو نہ آهي .... مانڙي ڪري اڌ ماني ڪن ڪاڏائين. مٿان وري چانهن جو پيالو ڀري ڏنائونس. چانهن ڇا هئي، ڪاري ڳڙ جو ڪاڙهو هو .... جهڙن تيئن ڪري زهر مار ڪيائين. پر، ڏاڪارون ڏيئي، مڇن تي هٿ هڻي، وري لڳو ڪچهريءَ ۾،

”مون وارن ساهورن جي ڪا خبر چار ....؟“

” اهي تہ سال ٿيا، هتان ڇڏي ويا.“

”سچي .... !!“

”هائو .... وچي وينا آدم جي ٽنڊي ــــ چون ٿا اتي واڻين جو هارپو ٿا ڪن ــــ سک ڪونہ ٿن، لولو ملين ٿو.“

”مون تہ ٻڌوئي ڪونہ. هتان ماڳهين لڏو پٽي ويا ــــ“

”اصل ٻنيون ٻارا وڪڻي، آسرو پلي ويا ــــ بہ اڍائي سال ٿيا هوندن.“

”ابول .... ڪنهن ٿي چيو تہ اهي وڃوڙا پوندا .... توريءَ ڳالهہ، تان آنڊا وڃي پيا، قبرون ڇڏي ويون ؛ مقام منجهي ويا ــــ ٻنهي ڪي ڇا مليو ....؟؟“

”ڳوٺ مان سڀ ڇڏي ويا ادا، رکو بہ ٿي گهر اسان جا، بہ ٿي لنگهن جا وڃي بچياهن. ٻاڙن جا ٻاڙا سڃا ٿي ويا ــــ هڪڙن وڃي نوان ڳوٺ ٻڌا، ٻيا مزوريءَ پويان وڃي عربستان نڪتا. هتي ٻينگ ٿي وئي .... سچ لٿي ڪان پوءِ ٻاهران ڪو سڏ ڪندو، تہ ورندي بہ ڪانہ ملندس .... مڙد

ماڻهو آهن گهمڻ ٻلي زاڻڦون چا ڪن پلا ـــ"

"هي حاجي ٻچل وارا ٻه ويا هليا چا؟"

"هائو. انهن وچي جدا پنهنجو ڳوٺ ٻڌو ٻنهن تي ـــ اڳي ته ڪير ڪنڌ ٽيو وينا هئا. چوڻ ٿا هاڻي انهن ۾ ٻه اچي ڦيٿهڙو پيو آهي، نتا ڏهن."

"هائو جيجان، ڪونه ڏهندا. ڏهن وارا زمانائي گذري ويا. اهي ماڻهوڏي موڪلائي ويا ـــ هينئر هر ڪنهن کي ابليس ڪنيو بيٺو آهي ... هائو هائو. چمبو ته مزو ملڪ مان ويو نڪري."

"بس ڙي ادا، وينا وخت گذاريون. ڏکيو سکيو ويندو گذري .... پلا ٻيي خبر ڏي، اچڻ ته خير سان ٿيو نه ....؟"

"هائو هائو. خدا خير ڪيو. مڙئي وقت گهڻو گذريو. اچڻ ٿيو ڪونه. پري جي ڏس پنڌ تي سڪ ڪونه ٿي آيو. آخر ته هتي ٻه پنهنجو رت اٿم. چيم ته گهمرڙو ڪري اچان .... ادي جڻ جي زارت ٻه ڪري اچان. پوء جي هوندي حياتي، ته موٽي ايندس. جي اچي وڃي ساهورن کي جوجڪي، ته گهوري جان جتن ڏان ...."

"اڙي ادا، کهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين .... اهي گيرتون، اهي جوجڪيون. ملڪ مان ڏي موڪلائي ويون. توڻ هرون پرون نوڙيء کي ذانگ سمجهيو ويٺو هئين....ادا، توکي پاڻء ته نند پٽي اچي. گهڙي گهڙي

اڪيون ٻوڙجيو ٿيون وڃنيون. ٻلي سمهي پيئي. ولات ڪان آيو آهين، ٿڪل هوندين. اهي ڳالهيون ته پوءِ به پيون ٿينديون"

"هائو جيجان. مڙهو مڙس، ميزل هٿي آيس. ننڍ زوريءَ پئي اچي.... اول خير، صبح جو سويرپرو اٿارجان ته نماز پڙهي، ويندس وڏي شهر (قبرستان) ادي جن کي ڏسڻ."

هو رلي وجهي سمهي پيو. اڪيون پوريندي ئي ڇپر ڳڙورا ٿيندا ويس. ننڊ جا گهيرٽ اچڻ لڳس. اچا اڌ جاڳ ۾ هو، جو وڏو ٻاٿهنس علي شير گهر ۾ گهڙيو.

"هي ڪير ستل آهي؟"

"مزمان آهي."

"ڪير آهي؟"

"چاچهين شادمان .... ورهين ڪان پوءِ مڙهي جي دل ست ڪاڏي، ويچارو ملڻ آيو آهي."

"اسان لاءِ ته ننڊ نٿي آيس جو ملڻ آيو.... آيو هوندو پنهنجي ته 'پٽ ٿو پرڏايان، مدارت ڏيو.' سک سان ٿوروئي آيو هوندو."

"ڪونه ٿو گهري مدارت توکان. پاڻ سکيو ستابو آهي. اسان کان گهٽو ٿس، تون الڪوئي نه ڪر.... سچو ڪڙم هتي ٿس. سک لڳس، تڏهن آيو."

"ڪڙم جي اهڙي سک هجيس ها ته سيني کي بندوقن جي منهن ۾ ڏيئي، رن ڪٺي پچي نه وڃي ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي جي ڳڻ ڪري ها ته ابي جڻ جي ٻنڌڻ جو ٻڌي، ارهه ني هت هٽي اچي حاضر ٿئي ها .... ابو ويچارو ڇهه مهينا جيل ۾ هو ته ملاقاتي به ڪونه ٿيس. مري ويو ته ڪاندي به ڪونه ٿيس. باقي ڪهڙو ڪتي جو پٽ پيارو ٿس .... نوڪي ناهي خبر امان. ماڻهو آهن، مطلب جا يار. اندر ۾ هڪڙي، چپن تي ٻي .... پاڻهي ڏسندين ته سياڻي پنهنجي مطلب جي ڳالهه ڪندو ـــ آئون هجان ها ته گهر ۾ گهڙڻ ئي ڪونه ڏيانس ها. ٻاهران ئي گس ڏيکاري ....“

”مان ڪر مان. ماڻهپي مان نڪربو ٿو وڃين .... نهنجو وڏو اهو آهي، ابي جي جاءِ تي ٿئي، عزت ڪريئس .... سياڻي مڙهي سان چڱي منهن ڳالهائجان، حال حوال پڇجانس. موڙي اچڻ جي صلاح ڪريئس. ايندو هوندهين ڪونه، دل ته خوش ٿيندس ته پاڻ تي جي دل گهري ٿي.“

ماءُ جي ڳالهه ڪي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، ماني ڪاڌي هو وري نڪري ويو.... پوڙهو مهمان، پاڻ ئي جون ڳالهيون ٻڌي ڏيکرن ۾ اچي ويو. لفظ، ٻڙڇيون ٻڌجي، اندر چيرڻ لڳس. اکين مان گونگا لڙڪ ڳمي پيس، لمحي لاءِ ته اهڙو پور پيس، جو سوچيائين ته رات جا چار پهر به وڃي مسيت ۾ ٽڪي. پر ڪا ڳالهه ڳٽي، سور پي ويو. اندر رجهندو رهيس. ٽڏا ٽڏا شوڪارا ڀري، پاسا ورائيندي، رات جو وڏو حصو گذاريائين. فجر جي

مون جهڙن ڳائڻن جا ڪيسٽ به پيا وڪامن. سنڌ بن تي جلال جو اهو وڏو ٽورو ٿئي. اسان مجنونس به نڌهن ٿا."

"هوندو، پر پاڻ کي ڪونه وڻي."

"مڙس جو بخت وري خدا اهڙو پلو ڪيو، جو چون ٿا ته يڪتاري جي ڪمائيءَ مان زميندار ٿي ويو آهي، اڳين ڏينهن ڪنهن چيو پئي ته ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي شاديءَ ۾ ڳايائين. ٻن راتين ۾ لک روپين مليس. نه ته وڏا وڏا ڪانصاحب پلٽا هٽي مري ويا سکيو ڏکر به نصيب ڪونه ٿين."

"بس بابا، سڀ رنگيءَ جا رنگ آهن. جنهن کي ڏئي، جنهن کي نه ڏئي."

هو چانهن ۾ بسڪوٽن سان ٻيرن ڪري، واهه جي پل ٽپي، پرڏين پر روانو ٿيو ڪٿيري ڏانهن ـــ هلندي بيهندي چوڌاري ڏسندو رهيو ـــ ٿيهن سالن ۾ سڀ ڪجهه بدلجي ويو. زمينون زور چڙي ويون، جتي ڪٿي ڪلر جا ڦاڙا منهن ڪيدي بيٺا. فصل ٻوڙي ويا. جن اڏاسن مان ڪڻڪ جون چوڪڙيون ڪٽي. ان قطارون ڪري نڪرندا هئا. انهن ۾ هينئر گرانٽ جهڙا مرڻينگ ڪڪا سلا بيٺا هئا. پيدائش پنهنجي جاهه تي، ڊل به ڏٺين تي چڙهي....

ويچارن ۾ وهندو، ان وڏي دڙي تي وڃي بيٺو، جنهن تي ڪي سال اڳ سرينهن جي گهاٽيءَ چانو

نظر جهڪي ٿي وڃي ٿم. مون ڪونه سڃاتومانئين"
"يار، اسان ننڍي هوندي کان گڏجي مال چاريو،
ٻلڙا روڙيا .... اڃان ڪونه سڃاتئي؟"
"نڪو.... مغز هيٺو ٿي پيو آهي رئيس، ويسر وڃي
وڃي ٿم. يادئي نٿو اچي ...."
"آئون شادمان آهيان يار .... هاڻي نه سڃاتئي؟"
"اڙي .... .... شادمان! منهنجو جاني يار !!"
هو خوشيءَ کان ٻڪين ڀڃي ويا. ڀاڪر ڪيئي،
هڪٻئي جا منهن ڏسي، وري ڀاڪر پاتائون.
"يار شادن، خدا جي قدرت ته ڏس، ورهين کان
پوءِ به ڪٿيري ۾ ئي ملاقات ٿي. هاءِ هاءِ .... توکي ڏسي
ڪٿيرو ياد اچي ويو!"
"ادا آئون ته سوير کان وڃي پار وينو ڪيان ——
ڪٿيري سان ههڙو هاڃو ڪنهن ڪيو، ڪيئن ٿيو. توکي
ته سڄي خبر هوندي."
"بس ڀاڏو، ڪٿيري جا سور ته مقام ۾ به ڪئيو
ويندس. ڪٿيري اسان کي ڇورو ڪري ڇڏيو .... جنهن
زماني ۾ تون ڀڳو هئين نه، انهنئي ڏينهن پيلو ويچارو
ليلام ٿيو هو — پهرين ته ماڻهن ڳالهيون ٿي ڪيون
ته پيلو تو وڃي، پر اسان کي مڃڻ ۾ ئي ڪونه ٿي
آيو. نيٺ واڍارن ۽ ڏاڪرن اچي ڪيما ڪوڙيا. پوءِ ته
اسان جو سک ڦٽي پيو. ننڊون حرام ٿي ويون. ڪامورن
کي تارون ڪيون سون، درڪاشون موڪليون سون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ٿئين.“

”ڇنبو نه ڪٿيري سان وڏو جرجلو ٿيو ٻيو ...“

”جرجلي جي ڪا ڳالهه آهي. ھڪِين ھا نه ٻاڻ ڏسين ھا.... ڪتيرو اسان جي دل تان نه لهي ڏي ٿو.... پرڏي ڪان وني، مرڻي ناڻين ڪاٺ ڪهاڙي لاءِ ٻيلي ڏي ٿي پچندا ھئاسون. ھيئنر ڪاٺ اٽليو ٿي پيو آهي. لڙھا لائق تہ پنهنجي ھنڌ ٿيا. ختمي جي ديگ لاءِ به ڪاٺيون جتن ڪان ملهه وٺيون ٿيون پون.“

”بس ادا، آخر فنا آهي. ڪتيرو ويو، اسان به وڃڻ وارا آهيون.“

”ڪھڙا منبدل ھوندا ھئا مد ۾ .... ڪچي جا شر، لڏا ڪٺي اچي ويهندا ھئا. ھڪڙي پاسي ننگر جو لڏو ھوندو ھو. ٻئي پاسي دادوءَ جو. ھيڏانهن ھيسب جو ڏڻ ھوندو ھو، تہ ھوڏانهن اولاديءَ جو ولر، ڇهه ڇهه ڏنار ھڪڙي ڏڻ سان ھوندا ھئا. ڪچي جا ڪتوهڙ ۾ ڪاشڪيلي سالڙ ٻير ۾ بانس جي ڇڙهن سان سچو ڏينهن سالو ھٽي مال کي ڍائيندا ھئا. وڃڻ ڪان پوءِ ٻيلي ڪان ٻاهر پوڻ ۾ رڍن جون آورڙون ھونديون ھيون. ڦرڙن ۾ رڍن جا ٻيڪاٺ ڪتيرو مٿي ٿي ڪٺي ڏيندا ھئا. توکي به ياد ھوندو....“

”ھائو ھائو. چڱيءَ طرح. ڀاڳيا ويچارا سنگتي ھوندا ھئا پنهنجا.“

”يار شادن، ماف ڪجان، ٻڪريون وڃي پري

روهڙي ڪنال جي پل تي پهچندي ساڍو ٿي پيو
جنهن سان ست نڪري ويس. پل جي پير ۾ بيٺل
ڏونئي ۾ باڪڙ ٻير جي چڊڙيءَ چانورَ ۾ ڪري پيو.
وڏو ساهه ڪٽي چوڌاري نهاريائين، عجيب ڏوانڊو ٿي پيو.
هوڏانهن تباه ٿيل ڪتبري جا لوال، سر ۾ ڪنگور پئي
ڏٺا، سامهون، وڻن جي وٿين مان سنڌس ڳوٺ جي مسيت
جون پيڪل ٽٽل نيلون پئي ڏٺيون، ۽ هيڏانهن شهر وچڻ
واري سزوڪي، ماڻهن سان پرجندي پئي وئي....
هو ڏڪندي ڏڪندي اٿي بيٺو. چوطرف هڪ
موڪلائيندڙ نظر وجهي، هلڻ جي ڪيائين. پير ڪجهه
نه سگهيس. چڻ ڳيڙيون پئجي ويس، گهڙڻ تي ويس.
لٺ جي سهاري پير گهليندو، نيڙيون وکون کڻندو،
ڳاڙهيءَ جي رهيل آخري سيٽ تي وڃي ويٺو.... سنڌس
ڳوٺ تيزيءَ سان پوئتي رهجندو ويو. مسيت جون
نيلون نظرن کان غائب ٿينديون ويون — هن جون
اکيون، ڪنهن اڻ مندائتي ڪڪر جيان وسي پيون....
ماڻهو حيرت مان ڪيس ڏسڻ لڳا. هو پوڙهي سان منهن
ڍڪي، سڏڪي پيو....!!! ☼

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڦهلاءُ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪتابن جي ڊجيٽلائيزيشن کي ويتر سرسو ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book